
سوجهرو
157
قاسم آباد، حيدرآباد ۾
سنڌي ادبي سنگت مرڪز
جي عمارت تڪميل جي آخري مرحلن ۾
قيادت کي واڌايون

سال:14. شمارو:157. قيمت: 50 روپيا. ڊيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

## وچور:

**تصوف:**
عارفاڻو ذهن-قلب... ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

**نقطئہ نظر:**
پراميٿس جي واپسي... شيام ڪمار
ٻيرجي ماڪيءَ... ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي
منفرد ۽ ڪميٽيڊ شاعر... نصير مرزا

**ادبي شخصيت:**
خوشبوءِ جو سفر... ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

**سماجيات:**
فڪري ۽ سياسي مغالطا ڊاڪٽر غفور ميمڻ

**فن جي ڪائنات:**
راڳ - ويراڳ... سرمد چانڊيو

**سفرنامو:**
ڪشباش (ٽيرهين) ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

**طبع زاد ناول:**
قالو بلا (چوٿين قسط) ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**آتم ڪٿا (قسط چوڏهين):**
پاتم جهاتي جهان ۾... شيام ڪمار

**پرڏيهي ناول:**
زن مريد (سورهين) ڪرن نگرڪار/ڊاڪٽر بدر اُڄڻ

**ڪهاڻي:**
ڪاڻير جي ٽال.... امر لغاري
نقشِ قدم... انور شيخ

**نظم/ وائي:**
آفاق پيٽي، ڊاڪٽر مرلي ڌر، خالد راڄپر، آفتاب سرهيو، مختيار سهتو، ڊاڪٽر برما جيسراڻي، شير محمد هاليپوٽو، تاج بلوچ ۽ شاهنواز گهوٽو.

**غزل:**
حنيف عاطر، حسين جاگيراڻي، منير پنهيار، سلميٰ ڪنورل، پريت گهمرو، يونس همدم، اياز رضوي، شمشير سيلرو، مشتاق گبول، غلام آدرش، اختر درگاهي، منور ملاح، امر ابڙو، علي محمد سولنگي ۽ ملڪ وحيد

**جي مارن مونڊي موڪليا:**
روپ راهي، سليم نور حسين ۽ آفتاب سرهيو.

## نج مي پليز...

تخليقي عمل ۾ سمورا گهاڙيٽا، فنڪار جي وجدان جي اثر هيٺ ظاهر ٿين ٿا. فنڪار جي اهڙي اظهار ڪيءِ، صفات بدران ذات جي حوالي سان، فنڪار سميت سموري سماج ۽ انسانيت جو اظهار چيو وڃي ٿو.

جڏهن تخليق آڏو آئي ته هڪ اهڙو شخص به پيدا ٿيو جنهن اهڙي اظهار جو تجزيو ڪندي چيو، 'لکڻيءَ جي چنڊڇاڻ جو مقصد، ان کي بيهر لکڻ جي برابر آهي.' هن جو خيال آهي ته ليکڪ، جذبن جي شدت مان لفظن ۽ رنگن جي تصوير ٺاهيندو آهي. جڏهن ته هو (نقاد) لفظن، رنگن، آوازن ۽ تصويرن جي معرفت ان ليک کي Re-write ڪندو آهي.

تنقيد جي اهڙي لاڙي لاءِ نقاد وٽ اهو دليل آهي ته گذريل ٽن صدين ۾ فن جي مري وڃڻ يا ان جي ڪراڙي ٿيڻ جا اعلان ٿيا. تنهن ڪري اهڙين لکڻين جي مهذب معاشرن ۾ Adjustment جو سوال ڏاڍو گنڀير ۽ اهم آهي.

بلاشڪ نقاد کي پنهنجي منصب جي سچائيءَ پرکڻ جو حق آهي، پر تخليقي عامل اهڙي پرک کي قبول نٿو ڪري. هن جو خيال آهي،

"سچائي جي حاصلات ۽ پرک جو ذريعو عقل ناهي. آرٽ جي تخليق وجدان مان ٿئي ٿي، عقل مان نه. آرٽ جو جوهر، تخليق جي قوت آهي. جيڪا تخليق کي عقل ۽ تاريخ کان ڌار ڪري ٿي. فنڪار جڏهن خيالن جي ڪائنات مان نڪري به ڏون چار ۽ ان جي نتيجن جي دنيا ۾ پير پائيندو آهي تڏهن آرٽ ختم ٿي ويندي آهي. وجدان، شين کي هيڪڙائي ۾ ڏسڻ جو نالو آهي. وجدان شين جي اصل حقيقت تائين پهچڻ جو نالو آهي. عقل جو لاڳاپو فقط عملي دنيا سان آهي."

جڏهن ته، وجدان جمالياتي سچائي تائين پهچڻ جو نالو آهي. احساس جي شدت، آرٽ جي اهڃاڻي انداز کي سولو ڪري پيش ڪندي آهي. فنڪارانه وجدان Lyrical (سريلو/غنائي) هوندو آهي.

اهڙا فنڪار ته ٽيڪنڪ کي به ابلاغ Communition جو هڪ ذريعو سمجهن ٿا. هنن جو خيال آهي ته جن وٽ فن جي کوٽ آهي، اهي ئي ٽيڪنڪ تي زور ڏين ٿا. هنن جو خيال آهي ته سنڌن مصرعي مصرعي ۾ اڻ ڳڻيون ڪيفيتون، رنگ ۽ آواز موجود آهن. جن مان خوبصورت پيڪر جڙن ٿا. هو آرٽ کي مختلف گهاڙيٽن ۽ تصورات جي صورت ۾ نه. پر ان کي فنڪاراڻي شخصيتن ۽ انهن جي لامحدود ڪيفيتن طور تسليم ڪن ٿا ۽ فن جو بنياد فنڪار جي شخصيت کي مڃين ٿا. هو تخليقي بنياد لاءِ اخلاقي شعور تي به زور ڏين ٿا. پر چون ٿا ته اخلاقي شعور ڪنهن کي فنڪار بڻائڻ لاءِ ڪافي ناهي. ان لاءِ شاعراڻي ٻڌيماني' جو هجڻ ضروري آهي، باقي شيون ٻارڻ جو ڪم ڏين ٿيون.

شاعريءَ جو ڪو مقصد نه هوندو آهي، ڪو سنيهو ڪو پيغام، نه نه. شاعري اهڙو ڪرٽو آهي، جيڪا پنهنجي روشنيءَ جو پاڻ ئي ڪارڻ آهي ۽ اونداهيءَ ۾ لڪيل شين کي ظاهر ڪندي آهي. مفڪر هجي، سياستدان هجي يا نقاد، وٽن تخيل جو ذخيرو موجود هوندو آهي. سياسي شاعري، شاعري ناهي. شاعري جو لاڳاپو تخيل سان آهي، پر نج شاعريءَ جو تصور پوڪپائي آهي. ائين جيئن ڪو سمجهي، 'گل، زمين ۽ ڏنڊڻ ڪانسواءِ به ڦٽي سگهي ٿو.'

**تاج بلوچ**

OFF: 021_37705502
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com
sojhromonthly@gmail.com

مئينيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

آفيس ائڊريس:
بنگلونمبر 177 گل هائوسز بلاڪ 7
گلستان جوهر، ڪراچي.
فون: 5-021-34019264

## آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.

**خريداريءَ جا اگهه:**
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

# عارفاڻو ذهن - قلب

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

گهڻن ماڻهن کي اهو تجسُّ آهي تہ صوفين جي قلب مان ڇا مراد آهي. 'قلب' جون ڪيئي معانئون ۽ جهتون آهن. ڇاتيءَ اندر گوشت واري عُضوي دل، جنهن جي شڪل صنوبر يا چيل جي وڻ واري ميوي 'pine-cene' جيان مخروطي يا نباتي آهي، تنهن کي 'مُضغہ صنوبري' چوندا آهن. اهو ماسائتو قلب خاڪي بُت جو بادشاهہ آهي، جيڪو سمورن جسماني انگن عضون تي مشتمل لشڪر جي وچ ۾ واقع ٿئي ٿو. لشڪر جي وچ کي قلب چئبو آهي.

پراڻن حڪيمن موجب ماسائتي دل اندر ڪاري رت جو هڪ اهڙو ڦڙو (نقطو يا ڪارو تِر) ٿئي ٿو، جنهن کي 'سويدائي دل' (1) چوندا آهن، جيڪو انساني زندگيءَ جو سرچمو سڏجي ٿو. صوفين چوانيءَ، اهو نُقطو هويّت (غيبوبيت، void) (2) جو عڪس سمجهيو وڃي جو اهو علم الاسماء جو مقام، مُڪاشفن ۽ علم لدني (3) جي معدني کاڻ آهي.

جديد طب موجب اهو ڪارو نُقطو sino-auricular node هئڻ ڪيپي جو ان دل جي مَٿَ ڪونڙي بُوندِ جي حرڪت ۽ وچ وهڪ ئي دل جي لاڳيتي ڌڪ ڌڪ جو ڪارڻ آهي. ڄم کان موت تائين ان داڻي جي ڌڪ ڌڪ جاري ساري آهي. انجي بند هئڻ جي حالت ۾ ڊاڪٽر مريض کي دل جو pace-maker لڳائيندا آهن. (ڏسو شڪل 4)

جي مڪي کي الاهي مرتبو ۽ ڪعبي کي ذات (self) (4) چئبو تہ پوءِ حجراسود انجو 'لطيفہ قلب' سمجهيو وڃي. (5)

وُجود يا هستيِ انساني هجي يا ڪائناتي، قلب ٻنهي جو وچئون وِچُ (core of being) آهي. قلب پاڙ تہ ڪائَنات انَجي ٿاري آهي. قلب دائري جو وچون نقطو آهي تہ هي سارو سنسار انجو گهيرو آهي.

عرش عالم ڪبير (وڏو جهان macrocosm) جو قلب اڪبر (وڏي دل) آهي تہ قلب عالم صغير (ننڍو جهان يا انسان، microcosm) جو عرش اصغر (ننڍو عرش) آهي.

چنڊ جي 28 قمري منزلن (Mansions of Moon) مان هڪ قمري منزل جو نالو 'قلب' آهي، جيڪا ميزان (Libra) بُرج ۾ ٿئي ٿي. (6)

رڳو اهڙيون ٽي شيون آهن، جنهن ۾ ساري تخليق يا ڪُل ڪائنات (Omni Verse) سمائي سگهجي ٿي: علم، رحمت ۽ قلب (تخيلاتي قوت، Creative Imagination). الله تعاليٰ جو ارشاد آهي، "آئون پنهنجي زمين توڙي آسمانن ۾ نٿو سمائجان، رڳو پنهنجي مومن بندي جي دل ۾ سمائبو آهيان."

جديد سائنسي دور کان اڳ اهو سمجهيو ويندو هو تہ دل اندر هڪ پتڪڙو انسان يا پُتلو (homunculus) ويٺل آهي جيڪو سموري وجود کي هلائي چلائي ٿو. پر 'نئين سُجاڳيءَ' (renaissance) دوران جڏهن انساني بت جي وِڍ ڪُٽ ڪئي وئي، دل چيري ڏٺو ويو تہ اُتي ڪو پتلو ڪونہ مليو ۽ نہ ئي انساني نفس (soul) جو پتو پيو. هاڻي ڇا ڪجي؟ سائنسدانن اها ذميواري ميڄالي مٿان مڙهي تہ اهوئي بت جو ڊرائيور آهي. 'انگ ڪار ڄاڻ' (physiology) موجب مغز ئي بت کي هلائيندڙ آهي. پر دماغ بہ تہ هڪ مشين آهي، اصل ڊرائيور ڪٿي آهي؟ (7) جسم کي دماغ، دماغ کي ذهن هلائي ٿو. پر ذهن کي ڪير هلائي ٿو؟

يوناني ٻولي ۾ Psyche جي لفظي معنيٰ پوپٽ يا روح (spirit) آهي. نفسيات (psychology) کي روح جو علم هئڻ کپندو هو. پر اهو نفس (soul) جي ڄاڻ ٻڌجي ويو آهي.

ڏٺو وڃي تہ اها نڪي روح، نہ ئي نفس پر دماغ، اعصابي نظام جي ڄاڻ آهي. ذهن يا من (mind) پاڻ سوچي ٿو؟ يا ڪا ٻي شيءِ ذهن ۾ سوچ وجهي ٿي؟

ڪو پري توڙي دماغ هارڊويئر ۽ ذهن سافٽ ويئر آهن. ڏسجي تہ اهو سافٽ ويئر وجهڻ وارو ڪير آهي؟ دماغ يا مغز ٻن اڌ گولن (Cerebral hemispheres) ۾ ورهايل آهي. ساڄڙ ئي جي کاٻي اڌ دماغي گولي جو نمائندو شعور (Conscious) آهي، جنهن جو ڪم عقل، استدلال ۽ امتيازي قوت آهي. ساڄي اڌ دماغي گولي جو پٺيدار لاشعور (Unconscious) آهي جيڪو خواب، خيال، تخيل ۽ الهام وارو ڪم ڪري ٿو. سچ پچو تہ، لاشعور ئي صوفياڻو قلب يا عارفاڻو ذهن آهي.

شعور جي هڪ پتي تہ لاشعور ڏهن مان نَوَ پتيون آهن. انڪانسواءِ لاشعور کي 'بي شعور' نہ پر شعور نمبر ٻہ چوڻ کپي. سگمنڊ فرائڊ جي 'ذاتي لاشعور' دريافت ڪيو تہ ڪارل يُونگ 'گڏيل شعور' ڳولي لڌو. پر صوفين وٽ شعور جون ٻيون اُتم سنوتون بہ موجود آهن، جنڪي جديد نفسيات اڃا ڪونہ ڄاتو آهي.

ويدانتي ذهن يا مَنُ چئن حصن اَنتَهڪَرَن (8) (اَنتَشڪَرَن) تي مشتمل آهي. ٻُڌي، مَنَس، چِتَ ۽ اهنڪار.




*شڪل 1: مَنَ جا انتهڪرن.*

- ٻُڌي (Intelligence): ذهانت، عقل، استدلال ۽ اِمتيازي قوت.
- مَنَس (Mind): احساس (sensations) ذهن يا مَنُ، گڏيل حِس (Common Sense)
- چِتَ (Heart): محسوسائي (feeling) ۽ جذبا. چِتَّ آگاهي (Consciousness) کي چئجي ٿو.
- اَهنڪار (Ego): انا، انيّت يا خُودي- آپو جيڪو سنسڪرت موجب چوي، 'آئون آئون آهيان.'

جديد نفسيات ۾ اسان مهان ماهر نفسيات ڪارل گسّائو يُونگ جو ذهني نقشو (9) ڏيڻ پسند ڪنداسين جنهن سائنسي نفسيات ڪانسواءِ عارفاڻن ۽ ڳجهن علمن جو بہ ڀوڙهو اڀياس ڪيو.




*شڪل 2: ڪارل يونگ وارو نفس (Psyche) جو نقشو.*

- شعور: (Conscious) آگاهي، وُقوف، عقل، ٻُڌي، خيال، سوچ يا فِڪر (عقلي)، ظاهر، پڌرو، يانگ [+]، سجُ، زمان ۽ مڪان.
- تحت الشّعور (ذاتي لاشعور subconscious): خواب، جذبات، الهام، باطن يا ڳجهو، ين [-]، لازمان لامڪان، نفس (psyche, soul)، عارفاڻو فڪر (Contemplation)
- گڏيل شعور (Collective Unconscious): تحت الشعور جي اٿاهه اونهائيءَ ۾ اهو گڏيل شعور جيڪو نه رڳو پوري انساني نسل جو موروثي ۽ نسلي شعور آهي پر انجو رابطو ٻين ساهه وارن سان ٻه ٿئي ٿو.
- انا (ego): اها ذات (self) جيڪا شعور ۽ تحت الشعور ٻنهي سان لاڳاپيل آهي.
- خيال (Thought): سوچ، عقلي فڪر، وقوف (Cognition) منطقي سوچ، امتيازي قوت.
- اِحساس (sensations): پنجن ظاهري حواسن جو ڏيٺا.
- محسوسائيون (feelings): جذبا، وڻتِ اڻ وڻتِ، چڪَ ۽ ڪِرپَ.
- وِجدان (Intuition): اِلقا، الهام، سوچ وِيچاريا عارفاڻو فڪر (Contemplation)

سوره نور ۾ نهايت سهڻي انداز سان حضرت انسان (ننڍي جهان) جي بناوت بيان ڪئي وئي آهي:

”الله آسمانن توڙي ڌرتيءَ جو نور آهي. ان نور جو مثال اهو جادو آهي، جنهن ۾ ڏيئو هجي. ڏيئو ڪنهن شيشي (جي گولي) اندر هجي. اهو شيشائون گولو جهڙوڪ چمڪندڙ تارو آهي جيڪو زيتون جي مبارڪ وڻ ڪارڻ روشن آهي جيڪو اوڀر مان آهي نه اولهه مان، انجو تيل ٻنان باهه ڇهاءُ جي پنهنجو پاڻ ٻريل آهي. نور مٿان نور آهي. الله جنهن کي وڻيس پنهنجي نور ڏانهن هدايت فرمائي ٿو. الله ماڻهن لاءِ مثال ڏئي سمجهائي ٿو. بيشڪ هو ئي سمورين ڳالهين جو ڄاڻُٽهار آهي.“ (24: 35) ترجمو البدوي.

جارو = انساني بوتو، ڏيئو = روح، ڪائو = قلب، مبارڪ وڻ = انساني نفس، زيتوني تيل = الاهي انواز ۽ تجلا. اوڀر = لطيف ڪائناتون، اولهه = ڪثيف جهانُ، نور مٿان نور = انساني نور (انساني روح) ۽ الاهي نور (قُدسي روح، Divine Spark). (10)

صوفي عالم امام غزالي (11) هن ريت انساني نفس (Psyche) کي سمجهايو آهي،

- جارو (مشڪواة): پنجن ظاهري حواسن جا گڏيل احساس يا مشترڪ حِس (Common Sence)
- ڪائو (زُجاج): قلبي آئينو (screen) تخيلاتي قوت.
- ڏيئو (مِصباح): عقل، فڪري قوت يا ارادي قوت.
- وڻ (شجر مبارڪ) عارفاڻو فڪر يا سوچ ويچار.
- زيتون جو تيل: قلب (Active intellect or Imagination)




*شڪل 3: نفس جو صوفياڻو نقشو.*

اسانجي نهري ڪثيف طبعي ڪائنات (عالَمِ مُلڪ يا ناسوت) ۽ لطيف جهان عالم ملڪوت يا عالم ارواح جي وچ ۾ جَهل (barrier) طور هڪ ورهاڱائڪ پردي وارو عالم مثال (عالم خواب يا خيال) آهي، جيڪو لطيف ۽ ڪثيف جهانن جي وچ ۾ سرحد يا ڪاري ليڪ (خط سپاهه) جو ڪم ڏئي ٿو، انڪري انکي ننڍي جَهلَ (برزخ صُغريٰ) چون ٿا. اهو آڪاسي جهان هوبهو (مثال) اسانجي هِن ڪائنات جو لطيف عڪس آهي. انکي ’مجمع البحرين‘ ٻه چون ٿا جو اهو ڪُل ڪائنات جي لطيف ۽ ڪثيف جهانن ۽ انسان اندر نفس ۽ روح جي ٻن سمنڊ کي پاڻ ۾ ملائي ٿو.

قلب ٻن سمونڊن جو سنڌ آهي:




*شڪل 4: مجمع البحرين/خاتم سليماني/ڪيميا (هلنڊز)*

## تاج بلوچ



# جيئري جند جو نوحو...

مالڪي ديس جي نيلام گهرن ۾ لُٽڪي ڪو ڏٽي سائين، سڄڻ ۽ نه رهيو ڪو وارث آءٌ پيري جي عذابن ۾ مريو روز مران ڪير آهي جو اچي هٿ جهليندو منهنجو؟

ربَ ۽ ساڳ تي نپنا ها جي ڳيرو منهنجا دربدر اهي ڪئمپن ۾ ڏِڪا ٿا ڪائن ٻَلُ ٻانهن جو وِڇائي، ٿيا لولا لنگڙا اهي منظر، جنين جلوا ٿي نرالا ارپيا رنگ بي رنگ ٿي اجڙي ٻه چُڪا ڇهري ڇهري جا ڪنول ڪوماڻا گهر رهيا، ۽ نه رهيون اوطاقون ڪوهه، ڪامان ۽ نه مَجرَ جون اهي چنچل ناريون جن جي پازيب جي لهرن مان ٿي خوشبو مُرڪِي اتي ڪيڏاري جا آلاپ ڇٽا ٿا ٻڏجن ننگي جسمن جي قطارن جي اَکين جا ڳوڙها مٿان سونامي نئين ڪا آڻين؟ درد، ابلاغ جي واٽن کي نهاريو سوچي،

اهي ڪوپا، اهي ڪوڏيا، ويا ڪيڏانهن سمورا ڪونڌر جن جي غيرت تي زمانا ٿي ٿَڏيا سم نالن ۾ لڙهي ويا شايد!! آئون آڳاٽو ازل کان ٻه اڳي، بي ساهو هاڻ منهنجو هي ڏپارو ۽ هڏائون پڃرو ڪير ڪفنائي ۽ دفنائي ٻه سگهندو شايد!! والي-وارث، نه ئي ڪانڌي ڪو بچيو ڪوئي آهي جو اچي خير ڪٽي سم-نالي ۾ ڇڏي لاش وهائي منهنجو آءٌ چاهيان ٿو وڃي حسنِ ازل سان گڏجان ڪو ڏٽي سائين، سڄڻ ۽ نه رهيو ڪو وارث.

# خوشبوءِ جو سفر

## (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي شخصيت جو هڪ پهلو)

1935-2011ع



ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

ڪي شخصيتون واقعي پنهنجي پر ۾ اڪيڊميون ۽ ادارا هونديون آهن، اُهي جڏهن ڪنهن موضوع تي ڳالهائڻ ۽ لکڻ شروع ڪنديون آهن ته سنڌوءَ جي اڇل جيان علم ۽ ادب جا واهڙ وهائي ڇڏينديون آهن. سنڌ سڄي سُرهاڻ آهي، انجي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پوءِ اتر هجي ٿر، ڪاڇو هجي يا لاڙ، هر پاسي اديب، شاعر ۽ ڏاها پنهنجي امڙ جي ٻوليءَ ذريعي پاڻ ملهائيندا آيا آهن. سنڌ جو لاڙ پٽ وارو علائقو به انهي سلسلي ۾ پٺ تي نه آهي. خاص طور تي بدين ضلعو ڏاڍو شاهوڪار ۽ مانائتو آهي. هن جي ڪُک مان اهڙا ته مٽيادار ماڻهو پيدا ٿيا جن پنهنجي ريت ۽ پريت سان ڏکين ۽ اڻانگن فاصلن ۽ پنڌن کي گهٽائي سورن ۾ ورتل سانگين جي ورن تي ممتا ۽ مرهياتا جي مرهم ۽ پيار جا پَها پئي رکيا. اهڙين انمول شخصيتن ۾ خواجه محمد زمان جنهن سان ملڻ لاءِ شاهه عبداللطيف ڀٽ کان ڪهي آيو هو، مولوي احمد ملاح، سانوڻ فقير ۽ خليفي نبي بخش لغاري جهڙا شاعر ٿي گذريا آهن. سياسي ميدان ۾ به بدين پڻ ملهايو آهي. پير عالي شاهه، محمد اشرف ٽيٻو، قاضي ابراهيم، ڊاڪٽر سلطان احمد جوڻيجو، شهيد فاضل راهو ۽ ٻيا ڪيترائي نالا انهي سٽ ۾ ڳڻائي سگهجن ٿا.

**ويا پريت ڏيئي سي پاٽيارا**
**اڄ ڪينجهر جنهن جا ڪاٺيارا**
**ڇا راڳا تن ساڻ رُڄ ڪيا**
**جي تنهنجي اُڄ اُجهائي ويا.**

هاڻوڪي دور جي عالمن، مؤرن ۽ ساڃهه وندن ۾ خانبهادر محمد صديق مسافر، حڪيم نذير حسين، محمد سومار شيخ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، خير النساء جعفري، عبدالرحمان نقاش، ڊاڪٽر آڪاش انصاري، عبدالله ملاح، محمد هاشم خادم ٽالپر، ابوبڪر شيخ ۽ ٻيا شامل آهن. انهن مان ڪير ننڍو آهي ۽ ڪير وڏو، آئون نٿو ڄاڻان پر منهنجي سائين ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي انهن سيني کي کهڙي نه معتبر انداز ۾ لفظن جي پيٽا ڏني آهي.

**پٽ ڏٽي جي بستي، هي ماڻهو ڏس مَهان**
**ڏس هي ساڳيو ڪينرو، پوريو ناهي پَان**
**ساڳي آهي تَان، ساڳيا سُر فراق جا.**

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو بدين جي هڪ وڏي گهراڻي ڊاڪٽر سلطان احمد جي گهر ۾ جنم ورتو جيڪو پڙهيل، سياسي بصيرت رکندڙ ۽ ڏاهو پيءُ هيو. 26- جنوري 1935ع تي سيراڻي جي ڳوٺ فتح پور ۾ جنم وٺندڙ هي ٻار، اڳتي هلي نندي ڪنڊ جو هڪ وڏو ادبي نالو بڻيو. سوين مضمون، مقالا، شعرن ۽ تاريخي ڪتابن جو ليکڪ.

محقق، شاهه لطيف جو پارکو، آتم ڪٿائون، ناول، سفرناما، شخصيات تي ڪم ڪندڙ هي نفيس قسم جو انسان سنڌ يونيورسٽي جي ڪيترن ئي اهم عهدن تي پڻ فائز رهيو. هو چيئرمين سنڌي شعبو، ڊين آف آرٽس فيڪلٽي ۽ چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ رهيو، پر ڪڏهن به مان ۽ ايگو هن جي ويجهو ڪونه آيا.



منهنجي ساڻس پهرين ملاقات جو سبب Ph.D ۾ داخلا وٺڻ هو. ها، هو پيو سبب به هو. آئون سنڌس آتم ڪٿا ديپڪ ۽ ملهار پڙهي هيم. ان ڪٿا ۾ سونهن، پيار ۽ ارپنا جا اهڙا ته پيڪر (Images) جوڙيل هئا جن جي سحر مونکي ساڻس ملڻ لاءِ مجبور ڪيو. انهن لڪل ۽ راز (secrets) وارين ڳالهين کي مون سمجهڻ پئي چاهيو. چوته هو اشارن ۽ ٿورن لفظن ۾ گهڻو ڪجهه چئي ويندو هو.

نصرپوري جو هي شعر سدائين سنڌس زبان تي هوندو هو.

**زندگي آهي اشارن ۾ اسير**
**حوصلن کي ڪپن دلداريون**
**هر طرف آهي قيامت جي فضا**
**ڇا سهي سهنديون دليون ويچاريون.**

سنڌس آتم ڪٿا 'ديپڪ ۽ ملهار' تي مون تبصرو لکيو، پر پاڻ اُهو ڇپرائڻ کان منع ڪيائين. پهرين ملاقات جيڪا سنڌ ماڊل ڪاليج ٽنڊوالهيار ۾ ليڪچرر شپ دوران، سپلا (SPLA) جي دوستن مان هڪ ساٿي پروفيسر عبدالسلام خواجه معرفت ٿي، اها سدائين شعاع بڻجي منهنجي چولي ۾ چمڪندي رهي ۽ پوءِ اهو عزت، پيار ۽ خلوص جو چشمو حيدرآباد کان جيڪب آباد ۽ بدين تائين جاري ٿي ويو. پاڻ جڏهن به جيڪب آباد آيو ته هر ڀيري سنڌس مان ۾ ادبي گڏجاڻي ضرور ڪرائبي هئي. چوته ادب ئي سنڌس سرمايو ۽ سوچ هئي.

ڊاڪٽر صاحب اڄ موجود ناهي. هو منهنجو رهبر ۽ استاد هو، پر استاد کان وڌيڪ منهنجو دوست هو. پي.ايڇ.ڊي ڪرڻ دوران منهنجي قدم قدم تي رهنمائي ڪيائين. منهنجو مددگار رهيو. منهنجي عدم موجودگي ۾ يونيورسٽي جا گهڻا ڪم ڪار پورا ڪري، پوءِ مونکي اطلاع ڪندو هو. جيسين جيئرو رهيو، حياتي جي آخري مهينن تائين به جيڪب آباد کان پيرو نه ڀڳائين. اهڙي پائيدار ۽ ويجهي دوستي جو ناتو جڏهن ٽٽي ٿو، تڏهن جدائي جي ڏک جي پروڙ پوي ٿي. اڄ سنڌس وڇوڙو پلپل محسوس ٿي رهيو آهي. ڊاڪٽر صاحب سان واسطيداري ۽ رفاقت جو اهو سلسلو 1982ع کان سنڌس آخري پساهن 12-جولاءِ 2011ع تائين جڙيل رهيو. 29 سالن جو ڳانڍاپو هڪ گل انسان کي ٻي انسان جي ڪيترو قريب آڻي ٿو. اهڙن

جذبن جو اظهار ڊاڪٽر جوڻيجي پنهنجي ڀي آتم ڪٿا مجاز ۾ ڪندي لکي ٿو:

”هم خيالي انسان کي ڀي جي قريب آڻي ٿي. اسان ٻنهي جو خيال شايد هڪ جهڙو هو، زندگي ۾ به ۽ ادب ۾ به.“

هڪ ڀيري پنهنجي پياري دوست غلام قادر لنجار جو ذڪر ڪندي چيائين، ”غلام قادر لنجار جي وڇوڙي بعد آئون پاڻ کي اڪيلو سمجهندو هوس. منهنجو ڪوبه دوست ۽ همراز ڪونه رهيو هو. قادر جي محبت ۽ گهرائي جو مقام ته پنهنجو آهي پر ڪن شاگردن منجهان جن سان مون پنهنجا تعلقات رکيا ۽ جن مونکي وري وري قادر جي ياد ڏياري، انهن مان هڪ تون آهين.“ سچ پچ ته ڊاڪٽر صاحب جا اهي جملا منهنجي پوري زندگي لاءِ اعزاز ۽ سرمايو رهندا.

پنهنجي وڇوڙي کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ مونکي فون ڪري چيائين ته ٽنگ ۾ فريڪچر ٿي پيو هو ۽ سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويو هو، پر اوچتو اڄ طبعيت ناساز ٿي پيئي آهي، انهي ڪري علاج لاءِ ڪراچي وڃان پيو. منهنجي دل ۾ ڌڪ لڳي ويو، پانيم، پڪ سان، سندس طبعيت گهڻي خراب هوندي، تڏهن ڪيس ڪراچي وڃڻو پئجي ويو آهي. ڪراچي ۾ ڪيس لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. روزانه رات جو مون ساڻس طبع پرسي لاءِ ڳالهائيندو رهندو هوس. ڪڏهن سائين آرامي هوندو هو ته سندس پياري نياڻي شيريور يا پوٽيءَ ثانيه سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي جيڪي سندس تيمارداري لاءِ وٽس آخري گهڙين تائين موجود رهيون.

حيات ۽ موت جي وچتي ڪي گهڙيون ٿين ٿيون جيڪي اسان کي سدائين ويساهي ڏينديون رهنديون آهن. 9-جولاءِ تي رات جو ڊاڪٽر صاحب سان ڳالهه ٻولهه ٿي ته چيائين، ”بابا، طبعيت ڪافي ٺيڪ آهي، سڀاڻي تائين بدين روانو ٿي ويندس. پر سندس نياڻي شيريور مونکي چيو ته چاچا، بابا کي بدين هلڻ کان روڪيو. اجا ڪجهه ڏينهن اسپتال ۾ رهڻ گهرجي. 10-جولاءِ تي ڪيس اچانڪ موشن ٿي پيا، جسم جو پاڻي گهٽجڻ ۽ ساهه کڻڻ جي تڪليف ٿي پيئي ۽ پوءِ 12-جولاءِ 2011ع تي پڪيءَ پچري مان اڏامي هليو ويو. انا الله وانا عليه راجعون.

16-جولاءِ تي آئون بدين پهتس. سلطان لئبريري جو دروازو کليو. اڄ ڊاڪٽر بدران سندس نوجوان پٽ اختر ۽ پوٽن اسفنديار ۽ شهريار منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو. دعا گهرڻ کان پوءِ منهنجي پائتيءَ شيريور ۽ ثانيه مونسان ملڻ آيون. ساڻن ڏک ونڊڻ آيو هوس. بس ڏک پائي ٿيس. بس گڏيل ڏک هيو جنهن جي ونڊ ڪئي سون.

اٽڪل ساڍي ٻارهين وڳي، اجا ڏينهن ايڏو گرم ڪونه ٿيو هو پر سڄ پنهنجي شدت سان ڏينهن کي گرمائڻ جي ڪوشش ۾ هو. اختر خاموشي سان گاڏي ڊرائيو ڪندو، بدين شهر جي گهٽين کي پوئتي ڇڏيندو، شاهه قادري قبرستان ڏانهن وڌي رهيو هو.

شهر خموشان ٻاهران اوچتو گاڏي کي بريڪ لڳي ۽ مونکي هيٺ لهڻ لاءِ چيو ويو. آهستي آهستي، آئون اختر ۽ اسفنديار هڪ چارو وٺي، قبرستان ڏانهن وڌي رهيا هئاسون. جوڻيجا برادري جي قبرن جي وچ ۾ هڪ نئين نهيل قبر ڏسي، مان وڃي آرامگاهه جي سيراندي کان بيٺس ۽ ڪجهه ساعتن کان پوءِ ڪنهن غيبي ڪشش تحت هيٺ ويهي رهيس. منهنجا هٿ تازي مٽي ۾ کُپي ويا ۽ اکيون آب هارڻ لڳيون. اختر منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”چاچا، اهوئي بابا آهي، هي ٻيون قبرون سندس والد ۽ پائرن جون آهن.“ ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري مونکي ڏيکارڻ لڳو. قبر تي گل چاڙهي، قل پڙهي، خالي هٿين ۽ خالي دل سان واپس ورياسين.

**رانجهن والا زهر پيالا، ڳجهڙي آيم پاڄي،**
**ماءُ پيءُ ڪنون چوري پيتم، ڪيتم روح راضي**
**دل دي قضا دل ڄاڻي، تون ڪيا ڄاڻي قاضي.**

جوڻيجي عبدالجبار جهڙا ماڻهو ورلي پيدا ٿيندا آهن ۽ جڏهن ايندا آهن تڏهن پنهنجي حصي جو ڪم پورو ڪري پوءِ راهه عدم جا راهي بڻبا آهن. هن سنڌي ٻولي انجي لهجن، سنڌي ادب جي تاريخ، موسيقي تي ڪتاب لکيا. ”مرگهه ترشنا“ سندس شاعري جو مجموعو هو. هندي، فارسي، چيني زبان جي گهڻي ڄاڻ هئس. لطيف سائين، ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر تنوير سچل، سامي، اياز، علامه قاسمي ۽ سومار شيخ سندس تحقيق جو موضوع رهيا.

هو صاف گو، گهٽ ڳالهائيندڙ ۽ گهٽ ڪائيندڙ هو. ڪڏهن ٺهڪ ڏيئي ڪونه کليو. نه ڪنهن تي طنز ڪيائين ۽ نه ڪڏهن ڪنهن تي تهمت مڙهيائين. نه ڪنهن جي ڪم ۾ دخل ڏيندو هو ۽ نه وري ڪنهن ٻي کي پنهنجي ڪم ۾ دخل ڏيڻ پسند ڪندو هو. ڳائڻ، هارمونيم وڄائڻ ۽ موسيقي سان ڪيس بيحد لڳاءُ هو. ڪيس ڊاڪٽر شڪنتلا جي گهر ۾ هارمونيم تي سريلي ۽ مڌر آواز ۾ ڳائيندي ڏٺو. انڊوپاڪ جو جڳ مشهور ڳائڻو طلعت محمود سندس پسنديده آرٽسٽ هو. پاڻ سندس ئي آواز ۽ انداز ۾ ڳائيندو هو.

ڪيترا ڀيرا پروفيسرس هاسٽل، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ساڻس گڏ راتيون گذاريم. سندس معمول هو سويري اٿي چانهه تيار ڪري، ٽيبل تي سجائي پوءِ مونکي ننڊ مان سجاڳ ڪندو هو. پنهنجو بستر پاڻ درست ڪندو هو. سندس ڪمري ۾ ڪابه شيءِ بي ترتيب نظر نه آئي. پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ ۾ فخر ۽ عزت محسوس ڪندو هو. سفر دوران پنهنجو بئگ ۽ ٻيو ضروري سامان پاڻ کڻندو. ڪنهن جو سهارو گهٽ وٺندو هو. ڪيس ڪڏهن دعوت ڏبي ته ڪڏهن به عذر يا انڪار ڪونه ڪيائين يا چوندو ڏسنداسين. انڪار لفظ سندس ڊائري ۾ لکيل ئي ڪونه هو. سمجهائي ڏيڻ جو سليقو به منفرد هوس. چوندو، هن ڪم کي وري ڏسو. ڪڏهن اشارن ڪناين ۾ يا تقرير دوران بنا نالو ڳڻهڻ جي غلطين جي درستگي ڪري ڇڏيندو هو.

ڪيترا ڀيرا گڏجي موئن جو دڙو ۽ ڪوئٽه ۽ خيرپورميرس جي تاريخي ماڳن مڪانن جو سئرڪيوسين. جيڏي سنڌ وسيع آهي اوتري سندس دل ڪشادي ۽ آئيني جيان اجري هئي. عزت ڏيڻ ۽ وٺڻ سندس اصول هئا. وعدي ۽ وقت جو نهايت پابند هو. جن سان دوستي جا ناتا رکيائين تن سان توڙ تائين نباهه ڪيائين. ڪين اهڙا ماڻهو بنهه ڪونه وڻندا هئا جيڪي ڪم لٽو ڪاڳر ڦاٽو، وري نظر نه اچن. Ph.D جا شاگرد ته ڇهه هيس پر گهڻو ذڪر عبدالرحمان قريشي، غلام نبي سڌايو، شڪنتلا سواڻي ۽ تهمينه مفتي جو ڪندو هئو. نه ڪنهن کان بدلو ورتائين ۽ نه ڪنهن کي غير سمجهيائين نه چوندو هو:

**اسان هون قلندر، ڪونهي غير ڪنهن لئِه**
**دعا دشمنن کي ڪرڻ وارا ماڻهو.**

ڪيس زندگي جي رعنائين ۽ خوبصورتين جي حاصلات جو هنر قدرت پاران مليل هو. حيات جي پيچيدگين ۽ نوازشن تي ڪڏهن مايوس يا ارهو نه ٿيو، بلڪ هر حال ۾ جياپي کي اهم ڄاڻندي اڳتي وڌندو رهيو.

سندس پٽ اختر ڪيس بيحد عزيز هو. وڏي پوٽي جي نانءُ تي رهائشي حويلي کي شهريار منزل جي نالي سان منسوب ڪيائين. گهر جي هر ڀاتي سان ڪيس محبت هئي پوءِ اُهي ڀائر هجن يا ڀينرون، پائٽيا هجن يا پاڻيجا سڀ ساڻس ويجهو ۽ حال پائي رهيا. سندس سرير جو حصو به نياڻيون بدر ۽ شهريور پنهنجي بابا جون ساٿياڻيون رهيون. شهريور بابا جي بيماري کان آخري پساهن ۽ پوءِ لحد ۾ لاهڻ تائين ساڻس گڏ رهي. اڄ به سندس ساهه ۽ سرير ۾ بابا جي خوشبوءِ محسوس ڪري پيئي ۽ پوري ڄمار انهي خوشبوءِ سان واسيل رهندي ۽ اهائي رشتن سان محبت جي تقاضا آهي. سندس پوٽي ثانيه به بيماري دوران خدمت ۾ اڳري هئي. مونکي پڪو ويساهه آهي ته اختر، شهريار ۽ اسفنديار، جوڻيجي صاحب جي ڇڏيل ورثي جي حفاظت ڪندا رهندا ۽ خاندان جو نالو اڳي کان اڳرو ڪندو.

اولاد جي وڏيرائپ سان گڏ پنهنجي حياتي جي اهم ميڙا چونڊي يعني ڪتابن جو خزانو، ڊاڪٽر سلطان احمد جوڻيجو يادگار لئبريري جهڙي عظيم اداري جي صورت ۾ عطا ڪري به نه صرف پنهنجي خاندان پر بدين توڙي سنڌ جي مڙني ساڃهه وندن ۽ محققن تي احسان ڪري، پاڻ امر ٿي ويو.

سنڌ حڪومت سندس خدمتن جي عيوض هڪ ننڍڙي پر معتبر پيٽا پيش ڪندي، ظفر ڪاظمي آرٽ گئلري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڪارنر قائم ڪيو آهي جنهن جو افتتاح سنڌ حڪومت جي ثقافتي وزير محترمه سسئي پليجو 18- ڊسمبر 2011ع تي ڪيو.

**مان شاعر هان، مون وٽ آهي، هر ماڻهوءَ جو مَانُ**
**منهنجو مان مگر ڄاڻن ٿا، ڪي ٿورا انسان!**

■

# پراميٿس جي واپسي

(تاج بلوچ جي ڪليات ”چڇريون چڇريون خواب“ ۾ سندس چونڊ شاعري جو انگريزي ترجمو (لطيف نوناري) Grief in Tatters جي مهورت جي موقعي تي انگريزي ۾ پيش ڪيل ويچارن جو ترجمو)



## شيام ڪمار/لطيف نوناري

ڪوئي ڪنهن شاعر جي چونڊ تخليقن ڪي انهن جي قالب ۽ روح سميت ڪيئن ترجمو ڪري ٿو؟ هي ڪم حقيقي طور ڪيترائي مسئلا کڙا ڪري ٿو. شاعراڻي ڏات کي ترجمي ۾ ڪيئن جياري سگهجي ٿو؟ هڪ مترجم انهن سيني مشاهدن کي، جن شاعر تي اثر ڇڏيا، ڪيئن اندر ۾ سمائي سگهي ٿو ؟ ترجمي نگار ڪيئن هڪ ئي ڏک ۾ خارجي دنيا سان رشتو ڳنڍي سگهي ٿو؟ ڪوئي شاعر جي اندرين ڪائنات کي ڪئين زبان ۾ لفظ ڏيئي سگهي ٿو؟ اهو ناممڪن نہ پر گهڻو مشڪل ضرور آهي تہ شاعر جي عجيب ۽ ڪڏهن ڪڏهن لوڙهو ڏنل دنيا ۾ داخل ٿجي. ممڪن آهي تہ شاعر ۽ سندس مترجم ڪٿي ڪنهن ”زمان ۽ مڪان“ ۾ مليا هجن ۽ ڪن شاعراڻي تخليقن، پورن ۽ تصورن تي خيالن جي ڏي_وٺ ڪئي هجي، تڏهن ئي تہ هڪ ڌاري زبان ۾ اهڙي شاندار شاعراڻي مَٽ ٿي سگهي آهي. نوناري شاعريءَ کي ترغيبي انداز ۾ هٿ وڌو آهي. هن حقيقي طور تاج بلوچ کي پنهنجو ڪيو آهي. هن جي ريس جو ڳي ترجمي مان هڪ وڌاءُ نہ پر هڪ تعبير ڇٽي نڪري ٿي. اها ڳالهہ حيرت انگيز آهي تہ هن نہ صرف ڪم کي نڀايو آهي، پر هڪ ڪارگر لهجي يا زبان کي بہ ڳولي لڌو آهي. هي ترجما غير سنڌي پاٺڪن جي تصور ۾ نوان جهان اڏيندا ۽ انهن جي حسيت ۽ ادراڪ کي هوا ڏيندا. وڌيڪ اهو تہ شاعراڻي ترجمن جي ظالم گهٽتائيءَ جي ڏس ۾ مترجم جيان ڪو بہ بهتر نہ ٿو ڄاڻي.

تاج بلوچ جي شاعريءَ جا روپ ۽ دور، لطيف نوناريءَ جي ڏنل انگريزي لباس ۾ ڪنهن سندر ناريءَ جيان جهومي ۽ ڳائي رهيا آهن. ترجمي جي هن اوکي ڪم ۾ نوناري نظمن جي روح ۽ تازگي کي زنده رکي پنهنجي ڏانءَ کي مڃايو آهي. هن ڳٽڪي ۾ ٻاونجاهہ ننڍا وڏا نظم ۽ اٺارنهن چئوسٽا مختلف بحرن ۽ گهاڙيٽن ۾ موجود آهن، جن لاءِ هن جو خيال آهي تہ اهي تاج بلوچ جي سڀني شعري مجموعن جي نمائندگي ڪن ٿا.

تاج جي تخليق جي مجموعي تاثر ۾، خاص طور لطيف نوناري جي انگريزي ترجمي ۾، ذومعنيت واري لهجي، نامرادي ۽ خيرانديشيءَ جو پڙاڏو ملي ٿو، جيڪو پنهنجي رنگن جي خوبصورتي، خوشبوءِ ۽ غير رسمي لاحد ۾ انوکو آهي. شاعريءَ سان جڙيل خيال، معنيٰ ۽ مقصد ان اندر ڳتيل آهن. وقت، پولار ۽ انسان جي جوڙجڪ ۾ هڪ تنقيدي دلچسپي انجي خصوصيت آهي. هيءَ ٺمورتي هڪ ”تخليقي قوت“ آهي جنهن کي ڄمڻ، واڌ، پڄاڻي ۽ وري جنم لاءِ ذميدار چئي سگهجي ٿو (مذهبي ٻوليءَ ۽ اصطلاح ۾ نہ).

هي شاعراڻو ترجمو اصل سنڌيءَ ۾ موجود ادبي شاهوڪاري ۽ ثقافتي اهميت کي اڳتي آڻي ٿو. تخليق جي لکتي پاسن ڏانهن ڏنل هن جي ڌيان جي محويت ۽ ڪاوشون ذڪر جوڳيون آهن. خاص طور اصل لکت جي سريلي جوڙجڪ انگريزي ترجمي مان صاف جهلڪيون پئي ڏيکاري. هتي ان موسيقيءَ تي فني بحث ڪرڻ جي ضرورت ناهي، جيڪا هنن ترجموڪيل نظمن منجهان سريلي انداز ۾ پَيڙَ پئي ڪري. اميد تہ انگريزي ترجمي وارا هي نظم پنهنجي مختلف مزاجن، جذبن، تصورن ۽ خوشبوئن سان مختلف غيرسنڌي پڙهندڙن مٿان هڪ وسيع ادبي اثر ڇڏيندا. هنن نظمن جي ٻولي نهايت ڳوڙهي آهي ۽ هتي اهو ذڪر ڪرڻ بي جا نہ ٿيندو تہ هن ترجمي ۾ مترجم يقينن ترجمي جي گوهيباز ۽ ڪنڊيدار ميدان جي ٻن جهوني ٻانين، آغا سليم ۽ سليم خواجا (سليم نورحسين)، سان هاڙهوبٽ آهي__ ڪٿي ڪٿي هو انهن کان بہ سرس ٿيو وڃي.

مان وري بہ اها ڳالهہ ورجائيندس تہ هي ترجمو اصلي سنڌي ڪم جو سچو ترجمان آهي. مترجم انگريزيءَ ۾ اها زبان ڪاميابيءَ سان ڳولي لڌي آهي، جيڪا تاج بلوچ جي لفظن، معنائن ۽ مزاج کي پاڻ اندر سمائي ٿي. ترجمي اندر لفظ ۽ جذبو، معنيٰ ۽ آواز ڳُتجي هڪٻئي جي ٽيڪ ٿين ٿا ۽ اظهار جي مزاج کي گهرو بڻائن ٿا.

هتي اهو اضافو بہ ڪندو هلان تہ نوناريءَ کان گهڻو اڳ، اديب ۽ مترجم فٽز جيرالڊ فارسي رباعين کي ڇڙواڳ نظماڻو ويس ڏيئي شهرت حاصل ڪئي هئي. عمر خيام جون رباعيون پنهنجي توازن ۾ ڪلاسيڪي درجو رکندڙ هيون. انهن جي ترجمي ادبي دنيا کي محسور ڪري ڇرڪائي ڇڏيو هو.

رچرڊ برٽن جي الف ليليٰ واري ترجمي پڻ ادبي ڪيتر ۾ لهرون پيدا ڪيون هيون. اهي لهرون اڄ بہ ساهہ کڻندي ۽ موهيندي ڏسجن ٿيون. ايڊ گر ايلن پو جي فرينچ ترجمي بودليئر کي فرانسيسي ادب ۾ لازوال ڪري ڇڏيو. سن 1789ع ۾ جڏهن سر وليم جونز شڪنتلا جو پهريون ترجمو ڪيو هو، تڏهن سنسڪرتي ادب جي هن شاهڪار يورپ ۾ ڌم مچائي هئي ۽ ان دور جي يورپ جي سداحيات شاعر گوئٽي ان کي هڪ شان لائق خراج ڏنو هو. پنهنجي روح کي گناهہ کان بچائڻ خاطر مان ڪاليداس کي ڏنل ان تابناڪ خراج کي هتي ورجائڻ ۽ وري ورجائڻ جي قابل سمجهان ٿو:

### KALIDASA

An ancient heathen poet, loving more
God's creatures, and His women, and His flowers
Than we who boast of consecrated powers;
Still lavishing his unexhausted store

Of love's deep simple wisdom, healing o'er
The world s old sorrows. India s griefs and ours;
That healing love he found in palace towers,
On mountain, plain, and dark, sea-belted shore,

In songs of holy Raghu's kingly line
Or sweet Shankuntala in pious grove,
In hearts that met where starry jasmines twine

Or hearts that from long, lovelorn absence strove
Together. Still his words of wisdom shine:
All's well with man, when man and woman love.

### ڪاليداس

**ڪري ٿو پيار وڌ هڪ شاعر ڪافر قديم**
**ڌڻيءَ جي مخلوق کي، زالون هجن يا ڦول**
**اسين جي ڊاڙون ٿا هٺون پاڪباز قوتن جي**
**ويٺا ساراهيون هن جي اٽڪٽ موڙيءَ کي**
**جنهن ۾ گهري محبت واري سادي ساڃهہ**
**دنيا جا ڦٽ پئي ڇٽائي، اسان جا ۽ ڀارت جا ڏک**
**اهو مرهمي قرب هن ڏٺو هو محل جي منارن تي**
**پربتن تي، ميدانن ۾ ۽ اونداهي ساحلي پٽيءَ تي**
**مقدس رگهوءَ جي شاهي سلسلي وارن گيتن ۾**
**يا پياري شڪنتلا جي پاڪ جهڳٽي ۾**
**يا انهن دلين ۾ جيڪي آسماني چنبيلين وٽ جڪڙيون**
**يا انهن دلين ۾ جن پيار جا وڏا وڇوڙا گڏجي گهاريا**
**هن جي ساڃهہ جا شبد چمڪن ٿا اڃان**
**سڀ ٺيڪ آ جڏهن مرد ۽ زن پيار ڪن ٿا**

هتي شاعر جئي ديو جي خوبصورت سنسڪرتي نظماڻي تخليق ”گيتا گووند“ (ٻارهين عيسوي صدي بنگال) يا هندستاني شعرن جي سرتاج جو ذڪر ضروري آهي. ارڙهين صديءَ ۾ مشهور عالم سر ايڊون آرنلڊ ان کي انگريزيءَ ۾ نظماڻو ويس ڏنو هو. ان شاندار قربائتي ترجمي جي مثبت اثرن سر آرنلڊ کي مشرقي ۽ مغربي ادبي دنيا جو هڪ گهريلو نالو بڻائي ڇڏيو آهي.

چوندا آهن، ”شاعري عام ٻوليءَ جي واهپي کان ان کري مختلف هوندي آهي تہ اها ضابطي ۽ اسلوب جي

ڪري عام ٻوليءَ جي حدن کي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.“

تاج بلوچ مونکي پنهنجي ڪجهه ”روپي“ (چانديءَ جهڙن) نظمن ۾ مونکي ڪامي مزاج ۽ گهري ڏک جي لباس ۾ نظر ايندو آهي. سنڌ هن جي خوابن جي شهزادي آهي، جيڪا هن جي جذبي سان سجاتي وڃي ٿي. هن جي جذبن جي تشڪيل ٻنهي شخصي ۽ غير شخصي شڪلن ۾ آهي. هو حالتن جي حادثن اندر به آهي ته ٻاهر به وڃي ٿو، ۽ انهن سڀني شين کي پنهنجي فني عرق ريزيءَ مان گذاري مذڪوره ڪامي مزاج کي اپاري ٿو. هڪ مجسم جذبي سان هن جي سنگت ائين آهي، جئين رتي جي ڪام سان ۽ سائيڪي جي ڪيوپڊ سان هئي. هتي هن جو جمالياتي، حسياتي ۽ ثقافتي مشاهدو (جنهن جو سڳ سنڌ ۽ ان جي عام ماڻهن سان آهي) هن لاءِ بنياد آهن ۽ اهي ائين ميل ڪن ٿا جئين الهه آباد وٽ گنگا ۽ جمنا جو ميلاپ ٿئي ٿو.

هن جي ڪليات ۾ هن جي دکي ۽ نامراد زندگي، والمڪي، ويدوياس ۽ هومر جي ڪنهن پراڻي قصي يا داستان جيان هوريان هوريان پنهنجو روپ ڏيکاري ٿي. فن هن جي دنيا نه جوڙي آهي، جئين هن کان اڳ دانتي، ڪاليداس ۽ هومر اسان کي ڏيکاريندا هئا. اها هڪ ضدي، ڏکيندڙ، ڪريائتي حقيقتن ۽ وڍندڙ دٻاءَ واري دنيا آهي.

هن جي تخليق جي سرسبز دنيا ڪيچ ئي ڪيچ، خوبصورتي، آن، قرب ۽ ساٿيهه جي سڪ جي مالڪ دنيا آهي. ان اندر گهري ڏک جا نه ختم ٿيندڙ بادل آهن، جن اندر سجاڳ جو زيان گهوماٿيون پيو ڪائي. هن دنيا اندر خواب ـ وهم، سار ـ ويسار ۽ مجتا نفيس تاجي پيٽي ۾ اٽيل آهن. تاج جي حاصلات اهو اسلوب آهي، جنهن جي رستي هو پنهنجي شاعري کي سندس وقت جي شعريات جي حدن کان ٻاهر وٺي وڃي ٿو، توڙيجو هو ان شعريات کي قبولي به ٿو، جيڪڏهن ڪا اهڙي شعريات وجود رکي ٿي جيڪا هن جي ذات کي گس ڏيکاري.

مان تاج جي شاعري اندر انهن مجسم خوبصورت شين کي اجان ڳوليان پيو، جيڪي مون اياز جي سرسي جهڙي دنيا ۾ پسيون هيون. پر مون تاج اندر هڪ اندروني جمال دريافت ڪيو آهي، جيڪو هن جي روماني تخليقن اندر ڦهليل آهي ۽ جنهن کي مون ائين ڏٺو آهي، جئين مون هماليه جي چوٽين جي قريب، سدا سير گنگا جي پر سان گلن جي وادي جي انهن جنتي گلابن کي ڏٺو هو ۽ انهن جي بيمثال خوشبوءِ کي ساهن ۾ اوتيو هو.

هن جي شاعري ۾ فطرت کي خواهش جي هڪ وڏي چوچڙي سوريندڙ طور ڏٺو ويو آهي. هن جي سنڌيءَ جو استعمال سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ جيان سادو، سريلو ۽ سڌو آهي. هو ان اندر پنهنجي انساني محبت ۽ سنڌ واري عقيدي هيٺ رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن جي سڀني مجموعن ۾ هي خيال چٽائي سان پڌرو آهي. هن جا غير مخصوص، اهڃاڻي ٽڪرا اهي چٽنگون آهن، جيڪي هن جي انسان دوستي ۽ انساني اونن مان وقتن فوقتن اپرن ٿيون. مونکي انديشو آهي ته هن جو ڀاڳ شاعريءَ کي حياتي ارپڻ آهي. هن جي لامارا ڏيندڙ پڇاڙي مونکي ابدي ڏسجي ٿي، ڇاڪاڻ ته هن شهر جي ڪيني ۾ ڪا ڪمي ڪونه آئي آهي. هو ڪوشسون پيا ڪن ۽ سندن ارادو آهي ته (هن تي لازوال جي مهر هڻن) (هن کي هميشه لاءِ ڏنيپي ڇڏن). + ( مون هن جملي ۾ ٻتي معنيٰ ڏٺي آهي. شيام ئي ٻڌائي سگهي ٿو ته ڪهڙي معنيٰ سندس اظهار کي ويجهي آهي. مترجم )

مايوسي ۽ ”پگهار“ thaw (تبديلي) جي هن غيرمعمولي حالتن ۾ اميدن پري جوانيءَ جو هي شاعراڻو آواز آهي. هن جي حقيقي آدرش پرستي ۽ انساني فطرت جي ماڻهپي واري پاسي لاءِ جوشيلي اظهار کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. تاج بنيادي طور هڪ انقلابي رومان پرور آهي، جنهن سنڌ جي ڏکن کي هڪ ڪائناتي تصور ۾ بدلايو آهي. هن جا گهٽائي همعصر شاعر (جئين اياز) اتساهه لاءِ محبت ڏانهن واجهائيندا هئا، جڏهن ته تاج اتساهه ۾ ئي محبت ڳوليندڙ آهي ۽ هڪ اوکي دنيا ۽ بلڪل اوپرو ڪندڙ ماحول ۾ تخليق لاءِ پيو پتوڙي.

هن پاڻ کيءِ پنهنجي پتوڙ ۽ ايذاءَ واري دنيا کي پن ڇڻ واري اگهاڙپ ۾ ڏسڻ چڱي طرح سکي ورتو آهي. هن جي بصارت (اندرين اک) ماٺ مان جنم ورتو آهي ۽ مضبوط پاڙون هٽي چڪي آهي. اها چپ ۾ سچي گوڙ کي نون پنن، گونچن ۽ گلن جي نالي ۾ چاٽي رهي آهي. آخرڪار اهي هڪبئي مٿان ڍير ٿي، چپ چاپ، جوش کان پري، هن جي زمين ۽ اندرين پن ڇڻ ٿيندا ۽ هنجي ڇپرن مٿان پنهنجيون هوائي آگريون ڦيرينيدا. ڪيتروئي چپ سهي، سچ ۾ ويساهه رکڻ هڪ جذبو گهري ٿو. مان پانيان ٿو ته سڀني انسانن، سڄي سنڌ ۾ ڦهليل ۽ ڦتل دڙن، اسان سڀني جي اڪثريل زخمن ۽ اٽپوري سٽ لاءِ تاج جي محبت دائمي آهي.

زندگي ڦندي مان گذرڻ آهي. (يعنيٰ ان کي چوڙڻ ماڻڻ آسان ناهي.) نه شراب ۽ نه شباب اسان کي بچائي سگهي ٿو. فقط اسان جي ڌرتي ماتا سنڌ ئي اميد آهي. منهنجا دوست، فقط خلوص ۽ واڳ ئي بچائي سگهن ٿا. تاج کي هن گهٽيندڙ حالتن ۾ مُردن سان يا جيڪي اجان زنده نه ٿيا آهن، تن سان رهندي ڏسي اچرج ٿئي ٿي.

موجوده بي ترتيب وقت ۾ ۽ هن ويڳاڻي ڌرتيءَ تي انساني ذهن ۾ هڪ وڏي اچل پسجي ٿي. هنن ڏکوئيندڙ، بي رحم گهڙين ۾ بڏل هڪ فني لهر نثر ۽ نظم ۾، پراڻ ۽ نواڻ جي گهاڙيٽن ۾، جيئرو جاڳندو ادب پئي ڏئي. ان اندر احتجاج جون صدائون ۽ ناانصافي خلاف ڪروڌ، ٻنهي ڪمزور ۽ مضبوط فني لهجن ۾ موجود آهي ۽ ختم نه ٿو ڪري سگهجي. تاج بلوچ هن جهنمي باهه واري رستي تي ننگي پير هلندڙ مسافرن مان هڪ آهي.

جيتوڻيڪ هو ڄاڻ جي سورمي اولاد ناهي، جيئن ٽئگور بنگال ۾ هو، يا ڊي ڊي ڪوسمبي مها راشٽر ۾، يا اياز سنڌ ۾ هو، پوءِ به ڪو هن جيان ڳوڙهي مطالعي بغيرلکي نه سگهيو آهي. هن وٽ سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ نهايت ڳوڙهي ۽ ڪارگر ڄاڻ آهي. هر اديب، خاص طور شاعر، ڪنهن به ٻوليءَ ۾، هڪ عجيب اصطلاح ۾ لکي ٿو. ٻين لفظن ۾ هو ائين نه ٿو لکي، جئين ڳالهائي ٿو. اهو به سچ آهي ته ٻول چال جي زبان ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ وٿي هر هنڌ موجود آهي. تاج لکتن مان گهريون سرڪيون به ڀريون آهن ۽ اسانجي هن ڌرتيءَ جي زنده فطرت جو اونهو اپياس به ڪيو آهي. هن جيان ڪي چند روح ئي اهڙا آهن، جن شهري ۽ ڳوناٽي اتهاس جو سفر ڪيو هجي. هن جو ٽُرپٽو بهرحال هڪ شاعر وارو آهي، سائنسدان وارو ناهي. هو پنهنجي تيز نگاهه ۽ ڪليل دل سان فطري دنيا اندر سڀني ساهوارن سان همدردي رکي ٿو ۽ تعصب کان پري آهي. مونکي اهو فيصلو ڪندي هبڪ نه ٿي ٿئي ته هو مذهب ۽ سپيتا جي معاملن ۾، جئين وليم جيمز چيو، هڪ صحتمند ذهن آهي، زور سان چئجي ته بيمار روح ناهي.

هن جي ٿرڪندڙ زندگيءَ جا ڪجهه ٻيا تاثر به آهن، جيڪي هن جي شاعري کي پڙهندي ۽ وري پڙهندي آهستي آهستي پختي خيال جي شڪل وٺن ٿا. حالانڪه انهن کي صحيح ثابت ڪرڻ ايترو سولو ناهي. هڪ ٻئي ڳالهه اها ته تاج خوبصورتيءَ جي هر شڪل لاءِ ڇڪ رکي ٿو. اهڙن انسانن جو ڪلي قدر حياتيءَ ۾ ٿيڻ ممڪن ناهي، ڇاڪاڻ ته هو مرڻ بعد به وڌندا رهن ٿا. اياز ۽ تاج کي مختصر طور سميٽجي ته چئبو:

**شيخ اياز:** مسرت، سريلاڻپ ۽ موسيقي آهي.

**تاج بلوچ:** شان، اپاڪائي ۽ درد آهي.

هو نهايت همت سان فن اندر پنهنجو ذهني توازن برقرار رکي ٿو ۽ پنهنجي ادراڪي اڳيرائي به بچايون هلي ٿو. ڪنهن به شاعر جي عظمت جو بهترين ثبوت اهو آهي ته ماڻهو (مرد خواه عورتون) هن بغير رهڻ جي صلاحيت وڃائي ويهن ٿا.

هو بنيادي طور فطري خوبصورتي ۽ انساني دل جو شاعر آهي. هي ٻئي خاصيتون هن اندر ايڪي ۾ آهن. ٻئي انساني محسوسات سان جڙيل آهن. هي جوڙ اهڙي نفاست سان حاصل ڪيو ويو آهي، جو ڪوئي اهو چئي نه ٿو سگهي ته ڪهڙو پاسو اتل ۾ آهي. جيتوڻيڪ هن جي شاعراڻي وهڪ نادر ناهي، نه ئي هن جي ذهني گرفت غيرمعمولي آهي ـ پوءِ به سندس هم آهنگ ترتيب دنيا جي ٻئي ڪناري جي پاسي ٿي ـ نج انوڪائپ، پاڪر ۾ پرڻ لائق خوبصورت بوتو! مجموعي تاثر هڪ غيرمعمولي ڪاميابي ۽ نفيس ذوق وارو آهي.

جيتوڻيڪ سنڌ اندر ”ثاني سجاڳي“ هڪ پري کان نظر ايندڙ پاڇولو آهي، پر دلچسپ ڳالهه هيءَ ٿي ڏسجي ته هندستاني ديومالائي ”سائر ـ واڇوڙو“ ۽ موجوده ذهني اڀڙڪو هڪ ئي وقت پيا ٿين، جيڪي شايد اسان جي بدقسمت جُوءِ ۾ ”روشني“ آڻڻ جو ڪارڻ ٿين.

ميڪاولي چوي ٿو، ”شاعري مان اسان جو مطلب لفظن کي هڪ اهڙي نموني استعمال ڪرڻ جو فن آهي، جيڪو تصور ۾ هڪ خيالي فريب آڻي ٿو. (شاعر) لفظن کان اهوڪم وٺي ٿو جيڪو هڪ مصور رنگن کان وٺندو آهي.“ تخيل جو هي خيالي فريب شاعريءَ جي پڙهندڙ کي خوبصورتي جي ردمي تخليق سان خوشي ڏئي ٿو.

هڪ شاعر ٻن طريقن سان پنهنجي خيالن جو فنائتو اظهار ڪري سگهي ٿو. ياته هو پاڻکي پنهنجي شاعري جي مواد کان پريرو رکي يا وري پنهنجي تجربن، خيالن ۽ احساسن مان اتساهه وٺي. پهرين قسم ۾ هئين ٿئي ٿو ته شاعري ۾ شاعر جي ذات ٻاهر نڪري خارجي دنيا جي عمل ۽ جذبي سان رلي ملي، پنهنجي دريافت کي ذاتي حوالي کان هٽي پيش ڪري ٿي. ٻئي قسم ۾ شاعر پنهنجي ذات اندر لهي ٿو ۽ پنهنجي ڪردارن کي ذاتي تجربن، خيالن ۽ احساسن مان گذاري اتساهه وٺي ٿو. غنائي شاعري ٻئي قسم جي آهي. هونئن ته غنائي شاعري لاءِ مختلف خيال ۽ وصفون آهن، پر انجي جنهن هڪ خاصيت تي سڀ متفق آهن، سا آهي ان جي موسيقي. تاج جي شعري تخليق جو ڳپل حصو، تقريبن سڀني گهاڙيٽن ۾، غنائيت جي دنيا جو واسي آهي. هن جي غنائيت صاف طور ٽن اهم عنصرن تي مشتمل آهي، جيڪي ان جو روح سمجهيا وڃن ٿا: زبردست تخيل، مضبوط احساس ۽ جذبا ۽ موسيقي. هي عنصر هن جي هر مشاهدي کي ڇهن ٿا. انهن ۾ انسانيت ۽ سنڌ لاءِ بي حد محبت شامل آهي.

هنن عنصرن کان علاوه به هن اندر گهڻو ڪجهه آهي. ”سادي ٻولي ۽ تصور، جنهن جي خوبين ۾ نه صرف چٽائي ۽ خوبصورتي عيان آهن، پر ساڳي وقت ان اندر سيبتائي يا هم آهنگي به ملي ٿي، جيڪا هر فن ۾ ڪردار ۽ اظهار وچ ۾ هجڻ گهرجي.“

هڪ شاعر طور هن جو شان هن جي غير معمولي حسيت ۽ انجي اظهار ڪي فني ۽ سريلي ٻولي ۾ پيش ڪرڻ واري سوڪڙي (ذات) ۾ آهي. هن پنهنجي هر شاعراڻي عنصر ڪي هم آهنگيءَ جي فني پورڻتا جي تابع رکيو آهي. تاج پنهنجي ڪم ۾ انهن سڀني عام جذبن ۽ خيالن کي هڪ خوبصورت شڪل ۽ انفرادي اظهار ڏنو آهي، جيڪي هو اسان سڀني سان ونڊي ٿو. هنن خيالن کي هن جو نسل ڪائناتي سچ طور ٻه وٺي ٿو. انهن خيالن اندر شديد جذبو تُز تصور سان گڏجي نئين ادب کي رومان پرور عنصر ڏئي ٿو. اهڙي قسم جي شاعري موضوعي ڳڻجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ان اندر جذباتي هيجان، تجربي جي طلب، هِن ياهُن قسم جي فراريت ۽ موضوع، ٻوليءَ جي استعمال ۽ بحر وزن جي حوالي سان روايت جي سنگهرن کان آزادي وارا عنصر اچي وڃن ٿا. هن جي اهڙي شاعريءَ ۾ شعريت جو انقلاب آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. هو ڇٽي نموني الڳ ۽ انوکو ڏسجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هوبدبودار اصولن ۽ ريتن ۽ موجوده ڪوڙھ ورتل سياسي منظرنامي کي ٽڏي ٿو ۽ جسم، فطرت، خوشبوء، ڇوٽڪاري ۽ آزادي کي رومان جي قلعي چاڙهي ٿو.

هڪ شاعر طور هن جي مخصوص ڇاپ هن جو زبردست شعور آهي. هن جي شاعري تصور، ڇٽائي ۽ جرئت سان لبريز آهي ۽ اهو هڪ مسلسل عمل آهي.

پنهنجي ڳوڙهائپ ۽ شاعراڻي جادو سان هن جون شعري تخليقون سڄي سنڌ ۾ يقينن مڃتا ماڻينديون. هن جا ڪجھ شعر رنگين چوٽين ۾ ٻہ ملبوس آهن. حب الوطني ۽ سيپتائي اظهار جي وچ ۾ هي هڪ واڌو جزو آهي.

پنهنجي سطحي خوبصورتيءَ ۾ هن جا شعر دوکيباز سادگي وارا آهن. انهن اندر معنيٰ جي دولت سمايل آهي. جديد ۽ روايتي ٻوليءَ ۾، جوڙجڪ جي لحاظ کان، پيچيده شڪلين ۽ تصورن کي جاءِ ڏني وئي آهي. هي تصور صحتمند سنڌي روايتن ۽ ترقي پسند عالمي ادبي تحريڪن مان ڦٽا آهن ۽ انهن جو مرڪز انساني بقا ۽ ترقيءَ جو بنيادي تصور آهي.

شاعراڻي دنيا جي نظرياتي آدرش ۾ ان ڳالھ تي زور ڏنو ويو آهي تہ هر انفرادي شعر يا سٽن کي ڪنهن وڏي پس يا پيشمنظر کان هٽي، انهن جي پنهنجي خوبيءَ تي پرکيو وڃي. هن جي شاعري ۾، مختلف گهاڙيٽن ۽ معنيٰ سان، اهڙيون ڪيئي سٽون، شعر ۽ بند ٽڙيل پکڙيل آهن. سادي بحر ۽ اسلوب ۾ بند اهي خيال پنهنجي اندر پيچيدگي ۽ تفصيل سمايون ويٺا آهن. ڪجھ هنڌن تي هن پتڪڙي دنيا کي بلاغتي سينگار سان امير بڻايو ويو آهي. ٻوليءَ جي صنعت ۾ هو عمومي طوراستعاري جا انواع ۽ نفيس نمونا، تشبيهون، تمثيلون، مبالغو، ٻٽيون معنائون ۽ ٽنول کي استعمال ڪري ٿو. جڏهن اشاريت سان ڀريل لفظن کي ڪم آڻجي ٿو، تڏهن اهي معنيٰ جا ڪيئي تہ پيدا ڪري شاعريءَ جي جمالياتي مزاج کي گهرو ڪن ٿا. جذبي، مزاج يا ذوق ذائقي جو خيال سنڌي شاعريءَ جي مرڪز ۾ آهي. تاج بلوچ پاڻمرادي جذبن جي ضروري خاصيتن کي ڪشيد ڪري، ڄاڻو پڙهندڙن اندر جمالياتي ردعمل کي جاڳائي ٿو. نوان خيال، تصور ۽ هنر جيترا سنڌي ڪلاسيڪل شاعري (شاھ، سچل، سامي) ۾ اهم هئا، ايترا اڄ ٻہ آهن. رسمي ٻوليءَ کي ماهراڻي طريقي سان لاڀائتو ڪرڻ ٻہ ڪلھ ۽ اڄ ۾ ساڳيو آهي. نظمن جا ڪجھ بند حيرت انگيز گهرائي ۽ ڳوڙهائپ جا مالڪ آهن، ڇاڪاڻ تہ تاج بلوچ، منهنجي خيال ۾، سمجهي ٿو تہ گهبراهٽ، تانگھ، درد ۽ محبت جي روحاني مسرت انساني وجود جي مرڪز ۾ آهي ۽ ماڻهوءَ جي هر حالت ۾ انهن جو داستان پوشيده آهي.

مون هن جي ڪجھ نظمن ۾ اپاريل هن بدلجندڙ فطري دنيا (شهري ۽ ڳوٺاڻي) جي حسي اشارن جو مزو ورتو آهي. اهي سڀ ماڻهوءَ جي مزاجن ڏانهن وٺي وڃن ٿا. بائرن، شيلي، اياز، جوش ۽ مصطفيٰ زيديءَ جيان تاج جذبي اندر حسي صفتن (رنگ، سواد، اڻٽ، خوشبوء ۽ آواز) جي ڏوڻ کي اظهاري ٿو. ۽ خاص طور پنهنجي رومان پرور شعرن ۾ ان شاهوڪاريءَ جو حظ وٺي ٿو، جيڪا فطرت ۽ جسم مهيا ڪن ٿا. هو ڪوشش وٺي انهن خاصيتن کي هڪ ذائقي ۾ سٽي ٿو ۽ هڪ گهري جذبي ڀري فضا کي جنمي ٿو. خاصيتن جي هن سَٽڻ واري عمل ۾ئي ”فطرت ۽ شهوت“ جو گهر آهي، جيڪي نتيجي طور مردن ۽ عورتن اندر جوش جاڳائن ٿا. ٻهراڙين جي خاموش خوبصورتيءَ جو مشاهدو ۽ شهري زندگيءَ جي ڏکندڙ، بي رحم ۽ ظالم حالتن تاج کي فطري اڇل ۽ سوچ ويچار لاءِ مناسب ماحول مهيا ڪيو آهي، جنهن مان نفيس جل پرين جهڙا شعر ڦٽن ٿا. اهي شعر تجريدي فضوليت کان پاڪ معنيٰ، مقصد ۽ متن سان ڀريل آهن. انهن اندر ڇهاءَ، رنگ ۽ خوشبو جون سڀ شڪليون ۽ پاسا ملن ٿا. هن جي جمالياتي شعور ۾ حسي مشاهدي ۽ فطري ماحول (موافق يا مخالف) جا عنصر گڏيل صورت ۾ هر وقت موجود آهن، پلي انهن ۾ ڪيتري ٻہ تبديلي آندي وئي هجي.

پنهنجي سڀني تخليقي ڪاوشن ۾ هو ڇوٽڪاري (مادي) جي اُونَ کي اظهاري ٿو ۽ هن جي خيالن پٺيان اهو ئي اتساھ آهي. شاعر نہ صرف پنهنجي آزارن کي زبان ڏئي ٿو، بلڪ گڏو گڏ هو انساني بڇڙائيءَ سان آخري دمن تائين ٻکين پوڻ جي مضبوط خواهش جو اظهار ٻہ ڪري ٿو. هنن خيالن کي غيررسمي طور گڏڻ ۾ ئي هن جي انوکائپ نظري ٿي. ڪڏهن ڪڏهن مون اهو ٻہ محسوس ڪيو آهي تہ هن جي شاعري جهيڙيندڙ لمحن ۽ چڪ جو هڪ پيچيده ڄار آهي.

سندس شاعري خوبصورت ۽ مزيدار آهي، پر ان جي خوبصورتي ان وقت ڪاري ڪٽي ٿي وڃي ٿي، جڏهن هو بي رحم، گونگي ٻوڙي وقت جي ڦرڻي گهرڻي فطرت جي چٿيندڙ ٻوجھ کي محسوس ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾هن جو ساھ ٻوساٽجي ٿو ۽ هو ان اندر پنهنجي ڇسي جاءِ ڏسي ٿو. هن مرحلي تي هو پڙڪي پوي ٿو ۽ هڪ شرارتي ٻار تي ٿوري وقت لاءِ پنهنجو توازن وڃائي ٿو. هن عجيب ۽ ناخوشگوار رويي کي ضرور درگذر ڪرڻ گهرجي.

اڄوڪي سنڌ فساد، بڇڙائي ۽ مسخري جي هڪ بيمثال دور مان گذري رهي آهي. هتي نفرت ۽ ٺٺول تفريح جو سامان ٿي پيا آهن. ان جو وجود ئي خطري ۾ آهي. امن ۽ پيار جي هن ڌرتي قبل از تاريخ کان وٺي اهڙو ٻڇان ڏياريندڙ منظر ڏٺو ناهي. ڪراچي ان جو مرڪز هوندي لڳاتار زهريلا بخار اوڇي رهي آهي. ۽ هتي تاج بلوچ جهڙا تخليقي روح پنهنجي ڌرتي ماتا جي ٻولي، عزت ۽ وجود بچائڻ لاءِ اڪيلي سر وڙهي رهيا آهن. ڏسندڙ اک اهو سڀ هن جي شاعريءَ مان چونڊي سگهي ٿي. عمده اسلوب جا جوشيلا عاشق سدائين مورڪن جي ٺٺ جو شڪار رهندا آهن. تاج بلوچ اڪيلو شڪار ناهي. پوءِ ٻہ هو پنهنجي منفرد ٻوليءَ سان هڪ ئي سَٽ ۾ گند مان گل ڪڍندو ڏسجي ٿو. هن شان ڪمايو آهي ۽ ان جو حقدار آهي. ”ٻرندڙ سنڌ جي صدا“، هي اڻ گهڙيو وکر (جئين ڇسائي دعويدار آهي) وري جيئاري ٿو، وري ٻوٽ ڪاري ڇسائي آڏو اڇڻ جي همت ڪري ٿو. هي لليپوٽين ڪردار مونکي اڄرج ۾ آڻي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هي نفرتن جا مزا وٺي ٿو ۽ ٺٺول هن جي شان ۾ اضافو ڪري ٿي. هن کان اڳ بودليئر، فراق، بائرن، منٽو، صافو، حافظ، شيخ ۽ ڪيترائي ٻيا اهڙي نالي ۾ نهال گرهٽي دور مان گذري پار پيا ۽ اڄ قدر ۽ سياڻپ جي چبوتري تي عزت ۽ تڪريم سان ڪڙا ڪيا ويا آهن.

اسلوب جي پختائي، ٻوليءَ جي آوازن ۽ ردم جي شناس ۾ هن جا همعصر ڪورا آهن. هو ادارن، آمرن، وڏيري سياستدانن، سياستدان بدمعاشن ۽ ملن اندر هر قسم جي بڇڙائي ڏسي ٿو. هو ترقي ۽ خوشحالي جي رستي ۾ رنڊڪون ائين ڏسي ٿو، جئين هن کان اڳ شيلي پنهنجي دور جي گند کي ڏٺو هو.

پڇاڙيءَ جي لفظن کان اڳ اوچتو ماضيءَ جي اٽپوريل تابوتن مان هڪ ڪرٽو نازل ٿيو آهي. چاهيان ٿو تہ توهان ٻہ ان جو تاب پسو:

**ORPHEUS IN TATTERS**

Who is he, this passer-by?
Crank, philosopher, wanderer, fool?
The man in shaggy paint, in a torn greasy coat
Shuffles along the crowded street.

What thoughts, views, revelations?
Clearly, he has great schemes in mind.
How scared he is of human contact,
The clumsy touch of other men.

His mission is to engage us all
In single combat, but he is so made,
A mere piece of grit casually blown
Off your sleeve might strike him dead

**اهو واٽهڙو ڪير آهي؟**
**ڪو مست، فلسفي، رولو، چريو؟**
**ڦاٽل پراڻي پينٽ ۽ ڦاٽل ميري ڪوٽ ۾**
**گهڻيءَ جي ڳاھ مان گسڪا ڏيندي وڃي پيو**

**ڪهڙا خيال، فڪر، انڪشاف؟**
**پڌرو آ دل ۾ اٿس وڏيون رٿائون**
**ڇرڪي ٿو جو ماڻهن جي ڇهاءَ کان**
**ٻين ماڻهن جي ڇسي ڇهاءَ کان**

**هنجو مقصد تہ آهي اسان سڀني کي**
**هڪ ئي معرڪي ۾ ڦاسائڻ پر**
**هو آهي اهڙو ٺاهيل جو بازوءَ جي**

■



# ٻَٻُرَ جي ماکي...

**ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي**

**رُڪ هاڻي زمين ڪيڙي ٿو**
**توب جي منهن ۾ گل ڪو پوڪي ٿو**
**پنهنجي رت ساڻ آبياري ڪري**
**ڏس ڪليءَ جيئن ڪوئي مُرڪي ٿو.**

مرزا غالب چوي ٿو:

*سب کہاں کچھ لالہ و گل میں نمایاں ہو گئیں*
*کیا کیا تھیں صورتیں خاک میں پنہاں ہو گئیں*

انهيءَ ئي سلسلي ۾ عمر خيام جي رباعي آهي:

*هر جاکہ گلِ لالہ زاری بُودست*
*از خاکِ خونِ شہریاری بُودست*
*هر شاخِ بنفشہ از زمیں می روید*
*خالِ است کہ برُخِ نِگاری بُودست*

(جتي بہ لالہ جو گل آهي، اهو ڪنهن بادشاهہ جي رت ۾ مٽيءَ مان اسريل آهي. جيڪو بہ بنفشہ جو گل زمين مان ڦُٽي ٿو سو پرينءَ جي ڳِل تي ڪنهن تِرَ مثل آهي.)

غالب ۽ عمر خيام پنهنجي پنهنجي لحاظ سان ساڳيو خيال پيش ڪيو آهي، پر تاج جو انداز بہ انوکو ۽ جديد آهي. هتي فولاد ڌرتي ڪيڙي توب جي وات اندر گل پوکي ٿو.

مون هڪ چُرندڙ مورت ۾ ڏٺو تہ هڪ وردي پوش سپاهي موٿمار مشين گن ڪنيو بيٺو آهي، ايتري ۾ هڪ ڪيجيا اچي هڪ ڊگهي ڏانديءَ وارو گلاب دنبوق جي نالي ۾ وجهي هلي ٿي وڃي. ڇا تہ زبردست آئيڊيا آهي!! تاج بہ ساڳي ڳالهہ ڪري ٿو تہ ان گن ميٽل کي رِجائي، هَرَ جي چُونيءَ جو روپ ڏئي زمين ڪيڙي گل ڦل پوکجن.

رچنائو ۽ رچنا کي ڌار ڪرڻ اجايو آهي. تخليق تشخص جو اولڙو ٿئي ٿي. تحرير ڏسي ڪنهن بہ شخصيت جا انگ، رنگ يا ڍنگ معلوم ڪري سگهجن ٿا.

تاج ڪنهن وروڪوڙيءَ مثل هڪ پيچيده شخصيت آهي، ڪيس سولائيءَ سان eccentric genius چئي سگهجي ٿو، پر ان سان گڏ هو گهڻ پاسائتي شخصيت بہ تہ آهي.

انسان موروثيت ۽ ماحول، نيچر ۽ نَرچَر (nurture) جي تشڪيل ٿئي ٿو. جديد نفسيات کان وڌ جيوتش وديا وسيلي ماڻهوءَ جي خوبين، خامين ۽ مونجهارن جو پتو پوي ٿو. مان تاج جو horrorscope ٺاهيو، خبر پئي تہ همراهہ ڊيل جمناءِ يعني بُرج جوزا آهي، جنهن ۾ پنج گرهن جو مُچو واسو ڪيو ويٺو آهي، جنهن ۾ يورينس بہ شامل آهي، جيڪو زندگيءَ ۾ زلزلي جيان غير متوقع تبديليون آڻيندو آهي. شابس آهي تاج کي جنهن اهڙا لاها چاڙها سَٺا آهن.

جيئن ڌرتيءَ چوڌاري چنڊ آهي، تيئن عطارد سج چوڌار ڦيريون پائي ٿو. جيئن چنڊ جو هڪ پاسو سدائين زمين کان لڪل رهي ٿو، تيئن عطارد جو سج سامهون اڌ حصو انتهائي گرم تہ ٻيو پاسو ڳڱيل ٿئي ٿو. ساڳي ماجرا تاج سان بہ آهي.



عطارد يا هرمس ديوتائن جو قاصد آهي. سندس ٽوپ ۽ چپلن ۾ پر لڳل هوندا آهن. هٿ ۾ ٻن وروڪڙ نانگن واري RNA ۽ DNA جي لٺ هوندي آهي. هرمس ڪنهن ڪيچلي ٻار مثل آهي، جنهن جو واسطو تحرير، سفر ۽ ابلاغ (communication) سان آهي.

بنواُميہ جا ٻہ وڏا شاعر گذريا آهن، فرزدق ۽ جرير. جرير ماءُ جي پيٽ ۾ هو تہ ماڻس خواب ڏٺو تہ هُنجي پيٽ مان هڪ نوڙي نڪري ماڻهن جي ڳچين ۾ وڪوڙجي ٿي. ڪيس تعبير ٻڌائي وئي، هن کي هڪ پٽ ڄمندو جيڪو ماڻهن جا پٽڪا لاهيندو. جرير جي هجو فرزدق کي تہ ٺهيو پر سندس پيڻ جعثن کي بہ نہ بخشيو.

تاج جي طنز جرير جيتري شديد ناهي. پر سندس بليڊ جهڙي ذهني تِکائي ۽ وِٽ (wit) والٽيئر سان گهڻو ملي ٿي. ماڻهو والٽيئرَ جي وِٽ کان بہ ونئُن ويندا هئا.

هڪ ڏينهن خوش ٿي مونکي چيائين، ”يار اسانجو مزاج پاڻ ۾ ڏاڍو ملي ٿو.“

”اهو وري ڪيئن؟ هو ڳاڙهي سج ايرڻ جو منتظر ۽ مان صوفيت جي پلصراط جو پانڌيئڙو.“

مون ڪيس جواب ڏنو، ”اسان ۾ ٽي ڳالهيون ضرور ملن ٿيون، هڪ ٻنهي کي منافقت بالڪل نہ وڻندي آهي؛ ٻيو ٻنهين کي سچ چاڻڻ جي کوجنا آهي ۽ ٽيون اسان پيريءَ ۾ بہ ٻاراڻي حيرانگي (childish honder) کانہ وڃائي آهي.“

مان ماڻهوءَ جي منافقت ڏسي ڪانئس پاسو ڪندو آهيان پر تاج جو ردعمل نهايت شديد هوندو آهي. هو

چور کي توڙ تائين رسائيندو آهي، ان ريت سندس دشمنن ۾ واڌارو ٿئي ٿو.

اها حقيقت ڄاڻي شايد اوهانکي حيرت ٿئي ته تاج اندريان اجرو ۽ معصوم آهي، پر سندس نظر حقيقت شناس ۽ پيهي ويندڙ آهي. پهريائين سندس معصوميت ماڻهوءَ جي روپي ملمعي کان متاثر ٿئي ٿي، پر پوءِ انجي اندر جي ڪاراڻ ڏسي هو مچر جيو پوي، اهڙو دوکو! اهڙو دولاب!

جي تاج ماڻهن جا خاڪا لکي ها ته اُهي بهترين عڪس ريز (X-Ray) هجن ها. پر دشمنن جي ڪٽڪ ۾ اضافو ٿئي ها. ماڻهو به خوب آهن، چوندا پل مان ڪاڪروچ هجان پر مونکي Kiss ڪيو.

جيئن ناڪام عامل نقلي پير بڻبو آهي، تيئن ناڪام اديب نقاد يا ايڊيٽر بڻجي ٿو. پر تاج سان اهومعاملو ناهي، هو ڪاميابي ۽ باقاعدگيءَ سان چوڏهن سالن کان ماهنامو ’سوجهرو‘ ڇاپي رهيو آهي. چوندا ناهن ته هيرو لال جواهر جو قدر جوهري ڄاڻي يا بادشاهه. تاج به پنهنجي حُسنوئي حِس، رس ڄاڻ ۽ سريلائي سبب ذات ۽ ڏات جو وڏو پارکو آهي. سهڻي تحرير جي واکاڻ ۾ هو نهايت سخي آهي.

سندس شاعريءَ مان پتو پوي ٿو ته ڪيس سانوري سلوتي مليح يعني نمڪين سونهن بدران پُورو يا صبيح حسن پسند آهي.

**پورا پورا هٿ تنهنجا**
**۽ مٿان مينديءَ رتا**
**ڏونئري ڏونئري تنهنجي رنگت**
**۽ مٿان ڪارو وڳو.**

ڪيس ڪاري مينهن بدران پوري ۽ اها به ڪُنڍي مينهن جو ڪير پسند آهي. شايد ان پوري رنگت ڪري تاج جي نسيم ڪرل سان گهڻي دوستي هئي جو هن بابت ادي ماهتاب محبوب لکيو آهي ته ’هو ڪنهن برفاني رڇ جيان پُورو هو.‘

”ڇڇريون ڇڇريون خواب“ 1963ع کان وٺي 2012ع تائين 49 سالن يعني اڌ صديءَ جي شاعريءَ جي ڪليات آهي، جنهن ۾ تاج جي تخليق جي ارتقاءَ جا سمورا مرحلا ملن ٿا. شاعريءَ جي آخري گلدستي مان خبر پوي ٿي ته سندس ’مِيوز‘ (muse) ڪيتري نه ميچوئر ٿي چُڪي آهي. سندس نظم ”فنا جو گهيرو“ هنجي تخليق جو تاج يا ڇٽ آهي:

**روح- پاتال ۾ ڪا لهر نه ڏک جي ڦٽڪي**
**ڪوئي ڳوڙهو نه اکين ۾ جرڪي**
**ڪنهن به سيني نه ٿو، درد جو سڏڪو گونجي**
**جِند پوليو جي اُگهي فرد جيان بي ساهي**
**۽ ڪڙو چاڙهي ڇڏيو آهه فنا چوڌاري.**

هڪ چوي تاج غزل جو بادشاهه آهي. ٻيو چوي ته هو نظم جو به شهنشاهه آهي. ٽين چواڻيءَ تاج




وائيءَ ۾ به واهه واهه ڪري ڇڏي آهي. مونکي سندس قطعا وڻيا- هي قطعو جاپاني هائيڪو جيان ڪا مُني مورت آهي. سج جو نووا يا سپر نووا هئڻ آهي:

**پوڙهو سورج، پهاڙ سان لڳي**
**ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڻ تي لڙڪيو ڄاڻ**
**هڪ نرالي ٿي روشني جاڳي**
**جنهن ۾ هوندي عجيب ڪا سرهاڻ**

هن هر مُکيه صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪو به هنجي ڇٽڻ جي چوٽ کان ڪونه بچيو آهي:

*تیری ناوک نے کوئی صید نہ چھوڑا زمانے میں*
*مرغ قبلہ نما تڑپے ہے آشیانے میں*

عربي عُروض هجي يا ڇند وديا، آزاد نظم هجي يا پابند ڪوتا، تاج جي تکي ذَهانت جو مٿن پورو عبور آهي. ٻنهي صورتن ۾ سندس شعر اندر جهرڻي جي جهونگار ۽ غنائيت موجود آهي. سندس ٻوليءَ ۾ سڪا رائج الوقت جيان انگريزي، فارسي ۽ سنڌي جا لفظ آهن. هنجي شاعري عامي نه پر خاص ۽ خاصي آهي، انجو سواد يا چشڪو ڪو باذوق con ئي وٺي سگهي ٿو.

تاج اسانجي دور جو گامون سچار آهي، وڏي گُڙنگ يا اڙٻنگ آڏو به سچ چئي ڏيندو:

**چند! چوانءِ سچُ، جي مَٽي نه پانئين**
**ڪڏهن اُپرين سنهڙو، ڪڏهن اپرين ڳچُ**
**مُنهن ۾ ٻرئي مَچُ، تو ۾ ناهِ پيشاني پرين جي.**

سندس ڪُليات، جهڙوڪ شرڌانجلي به آهي جو جتي ڪٿي هن مختلف شخصيتن کي پنهنجي عقيدت جو خراجِ پيش ڪيو آهي. مونکي عجب آهي ته ڪانئس ڇي گويرا ۽ نيلسن منڊيلا ڪيئن وسري ويا؟

تاج جي وڏي خصوصيت اها آهي ته هنکي سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت آهي.

جِيتوڻيڪ ڪنڀڙ سنڌ جو قومي وڻ ۽ ڪنول قومي گُل آهي، پر سندس شاعريءَ جو مثال ٻٻر جي ماکيءَ مثل آهي، مهاگني جهڙو رنگ ۽ رُڪ وارو ٻُل- جڳ مشهور باڪسر محمد علي ڪِلي چيو هو، ”هن جهان ۾ ماڻهوءَ کي ماکي جي مک مثل هئڻ کپي، ماکي به ڏاهي پر ڏنگ به هجيس.“

هن دنيا ۾ هر ماڻهو منفرد آهي، هن کان اڳ نه ڪو آيو هو. ۽ نه ئي اهڙو ڪو آئيندي ۾ ايندو. تاج به تاج آهي، هو يونِڪ آهي، ادب ۾ سندس آچ به آهي:

**جيڏو ڄاڻون نوڙت نياز**
**آهيون ايڏائي بيباڪ**
**اسين راتين جا رولاڪ.**

*(ڪراچي 11-فيبروري 2012 تي ’ڇڇريون ڇڇريون خواب‘ ۽ ’گريف اِن ٽئٽرس‘ جي پڌرائيءَ تي پڙهيو ويو.)*



## غزل

**شمشير سيلرو**

**خودڪشيءَ جي ڇپن کي ڇپن تي رکيو**
**ڄڻ ڇُميءَ جي ڇپن کي ڇپن تي رکيو**

**مي ڪشي موت هوندي، ڪنهن قبولي نه، پر**
**مون گُهگهيءَ جي ڇپن کي ڇپن تي رکيو**

**زهر جو تلخ ساغر ڪٽي ڄڻ ته مون**
**زندگيءَ جي ڇپن کي ڇپن تي رکيو**

**ڪنڌ تي هن ڪهاڙي رکي، مون جڏهن**
**بانسريءَ جي ڇپن کي ڇپن تي رکيو.**

# منفرد ۽ ڪميٽيڊ شاعر...



نصير مرزا

1973ع جي بهار جا ڏينهن هئا. ۽ هنڌ ڪراچي صدر ۾، دادا دولت مهتاڻيءَ واري ’راڪ ڪورٽ بلڊنگ‘ هئي، جنهن جي ٻي فلور تي، هن سان، بلڪل پهريون ڀيرو، روبرو آئون وڃي مليو هوس. ڪنهن سان؟ ايڊيٽر ماهوار ’سوجهرو‘ تاج بلوچ سان ۽ هي اُتي ڪهڙي حيثيت ۾ آئون هن سان ملڻ ويو هوس؟ ٿين ايجر شاعر ۽ ’سوجهري‘ جي ادنيٰ ڪنٽري بيوٽر جي ناتي. اصل ۾ ادبي حيثيت اڄ ئي وانگر، ان وقت بہ ڪائي ڪا نہ هئي منهنجي، پر تاج، آجيان ان وقت منهنجي، اهڙي ۽ ايتري تہ زوردار ڪئي، ڄڻ آئون ڪوئي سيڪڙات شاعر نہ، ’نرمل جيوٽي‘ هجان. خير ان وقت تاج بلوچ پاران اهڙو سواگت منهنجي ذات جو نہ، هن ڄڻ ايندڙ ٿهيءَ جو اُهو سواگت ڪيو هو. اهڙي آدرياءُ ڪانپوءَ ايندڙ ڪيتري ئي وقت تائين، هن پاڻ نہ فقط مون اڪيلي، پر منهنجي ڪيئي هڪ جيڏن ليکڪن کي بہ ايترو تہ تواتر سان ’سوجهرو‘ ۾ شايع ڪيو، جو جنهن جنهن بہ ليکڪ کي پنهنجو رنگ ڏيکارڻو هو، ان بلاآخر اهو ڪدي بہ ڏيکاريو. ۽ جنهن جنهن کي مون وانگر اوڙاهہ جي تري ۾ وڃي پوڻو هو، اهو مون وانگر تري ۾ ئي وڃي ڪريو ۽ ”ٿي نہ سگهيو شاعر“.

خير مون جهڙي ليکڪ سان. تاج بلوچ ۽ سندس رسالي، سوجهري جيڪي جيڪي بہ وڏا وڙ مون سان ڪيا، انهن لاءِ تہ آئون اڄ بہ چوندو وتندو آهيانس تہ، پيارا تاج:

**تنهنجو هي احسان وساريان**
**سو ناممڪن آهي سائين!**

معافيءَ جو طلبگار آهيان، جو هتي هي تہ قصو ئي آئون پنهنجو ڇيڙي ويهي رهيس. ٻڌائڻ اصل ۾ تہ مون اوهان کي هي پئي چاهيو، تہ هاڻي جڏهن تاج جي ڪويتا ڪليات: ’چڙيون چڙيون خواب‘ جي نالي سان شايع ٿي منهنجي هٿن ۾ اچي پهتي آهي، تڏهن ان کي اٿلائيندي پٿلائيندي ۽ ڪنهن ڪنهن شعر تي نظر پوندي ئي، ڪيڏو نہ خوش پيو ٿيان، تہ اڙي هان!‘ هي هي شعر تاج اصل ۾ منهنجي ئي سامهون تہ سرجيا هئا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ويٺي ويٺي غزل مڪمل ڪري، هُو مون کي ٻڌائڻ بہ لڳندو هو. يعني ڪيڏو ڀاڳ وند آهيان هي آئون، جو هن ڪليات جا ڪيترا ئي شعر ڇپجي شايع ٿيڻ کان اڳ ئي، مون ناچيز هن کان ٻڌي ورتا هئا. مثال طور هي غزل:

**هٿ سڙي ويا آهن**
**خط ٻچي ويا آهن**
**بنديگو لڙڪن جو**
**خواب لڙهي ويا آهن**
**تاج نڌڪو جاڻي**
**دوست رُسي ويا آهن**

جيڪا مٿين غزل ٻڌائڻ واري ڳالهہ، مون اوهان سان ڪئي ان جو سن تہ صفا چٽو پٽو ياد اٿم، جي ها، اُهو 1982ع وارو سال هو. مون کي ياد آهي ان سال ڏاري ڪراچي ۾ آئون سوشل ويلفيئر ڪائونسل ۾ پبلڪ رليشن آفيسر هوس. تڏهن ان حيثيت سان، صبح جو تہ ٻن پوڙهين يعني هڪڙي منسٽر صاحبہ تزئين فريدي ۽ ٻي ڊائريڪٽر شيرين رحمت الله کي لارا لپا ڏيئي، ڏينهن تہ ڏکيو سکيو آفيس ۾ گذاري ئي ونندو هوس، پر پوءِ ماين سڳورين جي آفيسن مان اٿي وڃڻ بعد، شام جو هاڻي آئون ڪراچي ۾ ڪيئن وقت گذاريان؟ سو ڊوڙي طارق روڊ تي ’سوجهري‘ نما ’لطيف‘ رسالي جي آفيس ۾ رازناڻن شاهي ۽ تاج بلوچ جي چانو ۾ وڃي ويهندو هوس. جتي اسان جو هي پيارو راز، تنهن زماني ۾ ڪهاڻين تي اسڪيچ اُتي ويٺو ٺاهيندو هو. ۽ آءٌ وري اڪثر ڪين مواد جي پروفن پڙهڻ ۾ ويٺو هٿ همراهي ڪرائيندو هوس. اُن وندر ۾ اچا وندريا ئي ويٺا هوندا هئاسين جو شام ٿيندي ئي پنهنجي ’ويس-پا‘ تي سوار ٿي، الائي ڪهڙن غيباڻن هسوارن مٿائن چوهہ چنڊيندو گارين جي ڏم لائيندو، تاج آفيس ۾ داخل ٿيندو هو ۽ پوءِ تہ بس اک ڇنڀ ۾ ’سوجهري‘ جي آفيس دونهان ڏار ٿهڪن ۽ ڳالهين سان امپرمپار ڀرجي ويندي هئي. مون کي ياد آهي، تاج پنهنجو هي انتهائي خوبصورت آزاد نظم، اهڙي ئي ڪنهن صورتحال ۾ اسان کي ٻڌايو هو:

**مان چاهيان ٿو ڪِلجي**
**نئين ڪِل ڪِلجي**
**مگر ايئن ڪِلجي**
**وفا ۽ وطن جي شهيدن جي پيشانين تي**
**جيئن گهاوَ ٻهڪن**
**مان چاهيان ٿو نچجي**
**مگر ايئن نچجي**
**جو پيرن ۾ مرڪن جون ڇيرون هجن**
**۽ پنهنجي ئي ڪوسي ۽ تازي لهو سان**
**ڀريل ٿالهہ تي پيو لڳاتار نچجي**
**مان چاهيان ٿو نچجي**
**سچو ناچ نچجي!**

تڏهن آفيس ۾ اهڙي صورتحال ۾ ڪوئي چنڪ چانهہ آڻيندڙ ۽ تخليقي ڪم ۾ رخنو وجهندڙ ڪو ’پناڻ ٻئرو‘ راز کان پئسن جي اچي تقاضا ۽ انهن لاءِ گهپي ڪرڻ لڳندو هو تہ ’راز‘ ڪِلي چوندو هوس.. ’چپ ڪرو لالا... نهين تو، هم تمهارا ڪينچا ڦاڙين گا‘... تہ بس اهڙي ئي ڪنهن ڇڪتاڻ ۾ اوچتو ويٺي ويٺي ڪاڳرن تان قلم ڪٽي، تاج اعلان ڪندو هو، تہ هوشيار خبردار!! اداريو لکجي ويو آهي. سماعت ڪريو: ۽ يقين ڪيو تہ اهڙي هنبس ۾ لکيل اهو اداريو، اهڙو تہ آرٽسٽڪ هوندو هو جهڙو خليل جبران جو نثر (۽ اي ڪاش! تاج جا لکيل اهي اداريہ سهيڙي اڄ ڪوئي جيڪر ڪتاب شايع ڪجي، تہ هوندَ، ڪاڪي جهامنداس ڀاٽيا وارن لکيل ادب لطيف شهپارن جا سڀ رڪارڊ ٽٽي پون.)

پر دوستو! هي تہ تاج سان پنهنجين ڪجهہ ابتدائي ملاقاتن جو تذڪرو ڇيڙي، ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن آءٌ نڪري ويس. لکڻ هتي مون هي پئي چاهيو تہ تاج سان غائبانہ ملاقاتون تہ انهن روبرو ملاقاتن کان، اجا ئي گهڻو وقت اڳ ٿيون هيون منهنجيون. اصل ۾ هي ڪنهن موهيندڙ ٻار کي ڏسبو آهي تہ جهٽ پڇبو آهي نہ تہ، ڪنهن جو آهي!؟ تہ... ايئن مون بہ ڪنهن هڪ جيڏي جي واتان جڏهن ’ڪير گلن جا پوئي هار، هٿ سپن جا زخمي زخمي‘ جهڙي سٽ ٻڌي هئي، تڏهن يڪدم ئي پڇيو هوم. ڪنهن جي آهي اها سٽ؟ ۽ تاج جي لکيل ان شاهڪار سٽ ڪانپوءِ تہ هُن جي شاعريءَ سان منهنجو جهڙوڪر باقائده تعارف شروع ٿي ويو هو. اجهو انهيءَ واردات کي اجا ڪجهہ ئي عرصو گذريو هوندو جو هڪ ڏينهن سندس ڪڙي تڙي ۽ اُتساهيندڙ لهجي ۾، ريڊيو حيدرآباد تان هڪڙي مشاعري ۾ ڪائنس مون هي غزل ٻڌو هو.

**ڪنهن جو آڳو ۽ نہ ڪو پيڇو آهيان**
**پنهنجي ادراڪ جو پاڇو آهيان**
**مان ويس پئي تہ الائي ڪيڏانهن**
**تنهنجي در تي اچي پهتو آهيان**

اڙي هان! صرف آواز، ۽ پڙهڻ جو هي انداز ئي ڇا؟ لڳم... هي تہ سنڌيءَ ۾ غزل جو لهجو ئي انوکو ۽ نئون هو منهنجي لاءِ. نوان استعارا، نڪور تشبيهون، منفرد تخيل ۽ تغزل ۽ سچ پڇو تہ تاج ان مشاعري ۾ هر شاعر تي حاوي پئي نظر آيو.

اجهو هي هتي تاج جا ڪي اهڙا ٻيا شعر مون کان ٻڌو، جيڪي دراصل رسالن ۾ مون پڙهيا پوءِ، مشاعرن ۾ ڪائنس ٻُڌا پهرين:

**زلف جي زنجير ٿي مون کي سڏي**
**ڪنهن ڇڏي ماحول ۾ خوشبو گڏي**
**ذهن ڪولي مون اڪيون ٻوٽي ڇڏيون**
**جنهن کي اچڻو آ اچي منهنجي تڏي**

-

**هيرَ ناهين تہ لُڪ ٻٽجي آ**
**دل جي ڪڙڪي چڏي اٿم ڪولي**
**مون سان بس جي سفر ۾ قهر ڪيا**
**جهمڪين، ڌُهري نٽ ۽ ٻُولي**
**ڪنهن بهاني من هتان گذرين ڪڏهن**
**مون وجي ديرو دمايو روهہ ۾**
**برف ۾ سورج ڪي دفنائين پيا**
**روشنيءَ ۽ زندگيءَ جي ڏوهہ ۾**
**ٽانڊا ٽانڊا ٿي پيو منهنجو بدن**
**تنهنجي يادن ڪر ڪنيو جي پوهہ ۾**

-

**تو ڪي پنهنجي خوشيءَ جي آهي خوشي**
**مون ڪي هر ڪنهن جي غم جو غم آهي**

-

**منهنجي سر تي قضا ڪڙي آهي**
**ڪنهن حسين سان نظر لڙي آهي**

’پُر هجوم‘ مشاعرن ۾ تاج جِي شعر پڙهڻ جو ڍنگ تہ تاج بلوچ ئِي، ختم ئي سمجهو. ۽ هي تاج بلوچ! جَي داد وٺڻ جو گُر ڄاڻي تہ داد ڏيڻ جو بہ. ۽ رڳو داد ڏيڻ ئي ڇا؟ اسان جو هي اردُو ۽ البيلو تاج... جي ’بيداد‘ ڪرڻ تي لهي پوي، تہ پوءِ مد مقابل، پلي وڃي ماءُ ڪي سلام ڏئي. پيڻ جيم. عين. منگهاڻي ڪنهن هنڌ لکيو آهي تہ ’تاج جهڙو هٽ جو ڇُوٽ، تهڙو وري زبان جو بہ‘. خير... هٽ جي ڇوٽ تاج بلوچ ڪي مون اڃا تائين تہ نہ ڏٺو آهي، البتہ سندس زبان ۽ قلم جي ڇُوٽ ۽ ڪاٽ سان، الائي جي تہ ڪيترن ڏيهين ۽ پرڏيهيُن جون ڪاڪ ڪنڌي تي قبرون مون اکين سان ڏٺيون آهن، پر نہ! تاج پنهنجي سڀاءُ جي Totality ۾، اڃا ئي ٻي شئي آهي. جي ها! بي حد زنده دل، نهايت Jolly، انتهائي پيار ڪندڙ ۽ جهٽ ۾ ڪنهن جي درد تي اوڇنگاريون ڏيئي روئي پوندڙ. ۽ بلڪل اُوئين ئي، جيئن هُن پنهنجو پاڻ لاءِ پاڻ ئي بہ لکيو آهي تہ:

**تاج نفرت جي حوالي سان مري ڪين سگهيو**
**هن ڪي مارڻ جي گهرو ، پيار سان ماريو يارو**

....خيرڇا حرج آهي؟ جيڪڏهن تاج جي ڪن ٻي ساخت چيل جملن ڪي بہ هتي اوهان سان Share ڪندو هلان. سڀ ڄاڻن ٿا پوئين دور ۾ علي احمد بروهي صاحب جو ڪنڌ سڄو وقت پيو لڏندو هو. ڪنهن محفل ۾ تاج جي متس نظر پوندي هئي تہ ڪيچلائپ سان زيرلب پيو چوندو هو، ”اجهو اچي ويو ڪاڪو ڏڪُ ڏڪُ“. اَسان جي پياري سائينءَ نثار حسيني جو اصل نالو هو، نيڪ محمد شاهہ(انگريزي ۾ ڳچيءَ ڪي Knack چيو ويندو آهي) سو تاج، جڏهن جڏهن بہ سائين نثار سان ڪٿي ملندو هو، تہ مخاطب ٿيندي وقت چوندو هوس، اي ..آءُ.. سائين ڳچي محمد شاهہ!! ايئن ڪنهن محفل ۾ ڪنهن ٿلهي متاري ڪلارڪ يا قلمڪار ڪي ڏسندو تہ فورن چئي ڏيندس ”ڪَڪَر ڪاڏا خوش تہ آهين نہ!“

جيم.عين منگهاڻي صاحب لکيو آهي تہ تاج ’پياڪ پوئٽ‘ آهي. اڙي بابا! رڳو هي تاج ئي پياڪ پوئٽ ڪٿي، ’چُسڪي‘ هٽڻ ۾ هي پڪي پڪڻ بہ تہ وڏا ماهر هوندا آهن. جي ها‘ هي اجهو چنهنب سان بہ ٿي ڪي ڦُڙا ڪنهن حوض مان پي، وٺي جو اڏامندا آهن تہ وڃو آسمان تي پهچندا آهن. پر پڪين ۽ شاعرن ۾ البتہ ٿورو فرق ضرور آهي. هي پکي ڏينهن ڏٺي جو... ۽ شاعر حضرات وري رات جو، اهڙي آب حيات مان چسڪيون ڀري جڏهن گهران نڪرندا آهن تہ وڃو ڪٿان جو ڪٿي پهچندا آهن، هي اجهو... تاج بلوچ.... اهڙي ئي ڪنهن ڪيفيت ۾ پنهنجو پاڻ لاءِ چيو آهي تہ :

**مان الائي تہ ويس پئي ڪيڏانهن**
**تنهنجي در تي اچي پهتو آهيان**

پنهنجي باري ۾ سندس هي اعتراف بہ ڪيڏو نہ پيارو اعتراف آهي:

**اسين راتين جا رولاڪ**
**اسان جو ٿر نہ ڪوئي ٿاڪ**
**مرڪي سُور پيا ٿا سُرڪيون**
**آهيون عاشق زهر پياڪ**

رڳو اهي ئي نہ، پياڪ پوئٽ يعني تاج بلوچ جا خماريات سان پُرخمار هي ڪي ٿورا خوبصورت شعر مون ڪان ٻيا بہ ٻڌندا هلو:

**رات جا نيڻ ٺري ويا آهن**
**دل ۾ ٻارڻ ڪي ٻري ويا آهن**
**تنهنجي نيڻن جي نهارن صدقي**
**تاج پارا بہ ڪري ويا آهن**
**تنهنجي ميخاني جي ڪڙڪي نہ ڪلي**
**رند تڙپي ۽ مري ويا آهن**
**رات باقي نہ ستارا باقي**
**مڏ ۾ ميخانہ تري ويا آهن**

مڏ ۾ ٻڏل تاج جي غزلن جا ڪي ڪي شعر تہ اهڙا نشيلا ۽ اهڙا تہ سجيلا آهن، جهڙا شرميلا فاروقي جا نيڻ:

**مڏ ۾ ٻوٽيل اکيون**
**ڇڻ وڙهي پرتل اکيون**

ان ئي مٿيئن غزل جي هيٺين بندن ۾، تاج هي جيڪي بہ نيون نڪور تشبيهون ڪتب آنديون آهن، نٽو پانئيان تہ اهڙيون نڪور سٿون، مون ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي ڪنهن شاعر وٽ ڪڏهن پڙهيون هونديون.

**ڇيٽ جي وسڪار جيئن**
**ٿي پيون، پايل اکيون**
**ڇڻ تہ پينوءَ جي صدا**
**ڪو ڏسي سائل اکيون**

نسواني حسن، جلال ۽ جمال جي بيان لاءِ بہ تاج وٽ ڪمال جي ٻولي آهي، اڙي بابا..!! ان ڏس ۾، تاج جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي سٿون... ايتريون تہ روشن آهن، جن جي پڙهڻ سان، اکين ۽ تصور ۾ ڇڻ سوين قمقمہ منور ٿيو ٿا پون، مثال طور هي ڪي ٿوريون سٿون ڏسو.

**ڪنهن جي گداز جسم جو جلوو ٻري پيو**
**ڪافر چپن تي هيجِ مان ڪلمو ٻري پيو**
**سينو اکيو ن ۽ چَپَ سمورو بدن ڏکي**
**سنجوڳ جي سُرور ۾ سُرهو بدن ڏکي**
**رنگ ئي رنگ فضا ۾ سرهاڻ**
**ٻي خياليءَ ۾ تو مرڪيو هوندو**

رنگ، ترنگ، مستي ۽ ٻي خودي، جيڪا تاج جي طبيعت ۾ آهي، ان جي واضح جهلڪ، هن جي شاعريءَ جي ردم ۾ بہ نظر اچي ٿي، ناميارِي ليکڪ مراد علي مرزا صاحب درست ئي لکيو آهي تہ: ’تاج جي شاعري سندس شخصيت جو ئي آئينو آهي‘، مراد صاحب جي ان راءِ جي پٺڀرائي ۾ تاج جي شاعري مان هي سندس جيڪي شعر مثال طور هتي آئون پيش ڪريان پيو، پانئيان ٿو تہ جذبي، مستي ۽ سرمستيءَ سان لبريز ردم وارا اهڙا بحر وزن، شيخ اياز ڪان پوءِ، تاج بلوچ ئي استعمال ڪيا آهن، هي ڏسو، ڇا تہ ردم آهي تاج جي هنن شعرن جو:

**هر عڪس ۾ ملندو ساڻ**
**ڪنهن شخص ۾ ملندو ساڻ**
**يا رقص ۾ ملندو ساڻ**
**ڪنهن پهر ۾ ملندو ساڻ**
**بر بحر ۾ ملندو ساڻ**
**هر لهر ۾ ملندو ساڻ**

تاج جي دريافت ڪيل نَون ردمس مان سندس هن نظم جو ترنم بہ، ڇا تہ شاندار آهي. پڙهندي لڳي پيو، ڄڻ شاعرَ ڏمال جي ڪيفيت ۾ اِهو لکيو آهي:

**چوڙي ڪلهن تي وار جڏهن جُهومندي هئي**
**ڄڻ ميگهہ ڪي ملهار ڪي پر پائيندي هئي**
**چاندوڪين جو روپ وٺي جرڪندي هئي**
**ڪا ٻاهہ لائي برف ۾ ايئن ٻهڪندي هئي**
**ڪو رنگ هو بهار هئي روشني هئي**

تاج جي ڪنهن شعري مجموعي تي ڪمينٽ ڪندي، شيخ اياز صاحب لکيو هو، طبقاتي انقلاب جي هاڻي گنجائش رهي هجي يا نہ، فلاحي مملڪت جو تصور، البتہ شاعر ۽ اديب مان وِڇٽو نہ آهي. ان ڏس ۾ آئون وري هتي هيئن چوندس تہ، هڪ ڪميٽيڊ شاعر جي حيثيت ۾ اهڙي بهتر سماج جو خواب، تاج بلوچ نہ فقط پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏنو... پر باقاعده ڏنو آهي. دنيا جا مارڪسي نقاد چوندا آهن، تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي شاعر وٽ جيڪڏهن ڪو خواب ناهي تہ ان شاعر جي شاعري، ڪنهن گونگي جي ٻُٿُو ٻُٿُو ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. تنوير عباسي صاحب جو بہ هڪ شعر آهي تہ :

چٽنگ چولي ۾ جي ناهي، اُهو پنهنجو ناهي
پٽائيءَ گهوٽ فرمايو هو:
جي گوڏن گسڪڻ چڏيو تہ سيني پر سُرندياس

تہ بس تاج بلوچ جو نظم، بہ عنوان ’پڏرنامو‘ ڄڻ هڪ ڪميٽيڊ شاعر جو خواب نامو بہ آهي:

**مان هلندس**
**مان هر حال هلندس**
**نئين راهہ جي هر اڪيلي مسافر سان هلندس**
**پٿون پير جنهن جا ۽ ليڙون لٽا**
**انهيءَ ساڻ هلندس**
**مان هلندس**
**نئين واٽ تان ۽ نئين واٽ جي**
**هر اڪيلي مسافر سان هلندس**
**مان هلندس مان هر حال هلندس**

سڄيءَ دنيا سان گڏ، سنڌي سماج جي بہ جيڪا هن وقت صورتحال آهي، ظاهر آهي تہ اڄ جو روشن خيال شاعر ان دائري ڪان، نہ ٻاهر سوچي سگهي ٿو نہ جِي سگهي ٿو، پر هتي تہ بقول تاج:

**ڪنهن جا ڪنهن جا لڙڪ اگهان**
**هر ڪنهن جي اک آهي آلي**

طبقن ۾ ورهايل هي سماج ۽ خاص طرح سان سنڌ

جو سماج، جنھن ۾ اسان جو شاعر تاج بلوچ ۽ اسين سڀ رهون پيا، ان جا، اسان کي ڏنل درد اڻ ڳڻيا ۽ بي پناهه آهن، ۽ انهن جي ترياق لاءِ ڪو به شاعر يا هڪڙو تاج بلوچ ڇا ٿو ڪري سگهي؟، جو بلاآخر اسان مان هر هڪ کي نظام جي بدنظمي کي ختم ڪرڻ لاءِ اجتمائي طرح سان ئي، تبديلي پسند ٿيڻو ضرور پوندو. تاج پنهنجي شعر ۾ اهڙو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

**زخم هڪڙو ڪو هجي سو چيٽيان**
**آئون سارو ئي ڦٽيو پيو آهيان**
**منهنجا احساس صليبن تي ٽنگيل**
**آئون هر دور ۾ پيڙيو آهيان**

تاج جا ڪيترائي شعر اهڙا به آهن، جيڪي ڇڻ محاوري طور به استعمال ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن.

**ڪير گلن جا پوئي هار، هٿ سين جا زخمي زخمي**

يا

**دوستن جو پرم رهي ته چڱو**
**ڪو نه منهنجي زبان کي کولي**

عاشق سياءُ ۽ حُسن پرست تاج جو هڪڙو شعر به آهي ته:

**سونهن ڪمزوري آ**
**تاج ڪاڏي وڃون؟**

مون ڏنو آهي ته اردو سنڌيءَ جي اڪثر ترقي پسند شاعرن وٽ محبوبا جي روپ ۾ عورت جو هڪ ”يوٽوپيائي“ تصور پئي رهيو آهي، جنھن سان هُو اڪثر نظرياتي بحث مباحثن ۾ مصروف نظر ايندا آهن. جيئن ”ميري محبوب ڪهين اور ملاڪر مجهه سي“ يا ”مجهه سي پهلي سي محبت ميري محبوب نه مانگ“. انهن شاعرن جي ابتڙ اسان جو هي تاج بلوچ وري اهڙو ترقي پسند شاعر آهي جنھن وٽ محبوبا جو تصور وري هي آهي:

**هير ناهين ته لُڪ ٻٽجي آ**
**دل جي ڪڙڪي ڇڏي اٿم کولي**
**ذهن کولي مون اکيون ٻُوٽي ڇڏيون**
**جنھن کي اچڻو آ، اچي منهنجي تڏي**

باوجود ان جي، جو تاج جي محبوبا ساڙهي ٻڌي ٿي، سئنڊل پائي ٿي، هٿ ۾ پرس کڻي ٿي، هٿن ۾ ميندي به لائي ٿي ۽ وفادار به هوءَ گهٽي آهي، پر باوجود فيشن ايبل هجڻ جي عزت آبرو جا ليکا هوءَ نٽي لتاڙي يعني هو هر طرح سان مشرقي روايتن جي به پاسدار خاتون آهي ۽ خالص سنڌڻ پڻ!. تاج اهڙي خوبصورت سنڌي خاتون جي اجهو هيئن واکاڻ ٿو ڪري:

**وار ڦڳڻ جون راتيون**
**چهرو چوڏهين جي چانڊاڻ**

-

**جي هُو جهونگاري ٿر تي مينهن وسي**
**جي هو مُرڪي ته زندگي مُرڪي**

-

**لڱ جانب جا ڪير جهڙا ها**
**منهنجي نيڻن جي نير جهڙا ها**

-

**روح منهنجي ۾ ڪير ترسيو هو**
**ڪير ڏارا مثال جرو هو**

-

**تو جي وار هوا ۾ چوڙيا**
**ميگهه ملهار جي موسم موٽي**

-

**پاڙي ۾ گل ڳوڙها نسريا**
**هتي به پيرون پڪا آهن**

عورت جي سلسلي ۾، تاج! هر فيمنسٽ شاعر ۽ شاعره وانگر ان جي ذاتي حيثيت جو قائل ۽ مولويت جو منڪر پئي رهيو آهي، ۽ هي مولوي صاحب، جنھن وٽ چار شاديون ته حلال آهي ۽ حلوي ۽ حجري وارا مزا الڳ. انهن بابت ڪشور ناهيد پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ’نوزائده بيٽي کي نام‘ ۾ پنهنجي اڻ ڄاول ڌيءَ سان، مخاطب ٿيندي ڪيس چيو آهي ته ”اي ڌيءَ!! چڱو جو منهنجي گرڀ مان تون نه ڄائينءَ. اڙي هي سماج! جنھن ۾، آئون پناڻ ۽ مولوي کان ئي پٽ کي بچائي نه سگهي آهيان، تڏهن اي ڌيءَ! تنهنجي عصمت کي ڪتان ٿئي زناڪارن کان آئون بچائي سگهيس“. هي اجهو تاج، پنهنجي هڪ چوسٽي ۾ ان تي چٽر ڪئي آهي. ڄڻ پهاڙ تان ٻُرندڙ فرهاد جي ٽيڪم جو آواز هجي،

**ماءُ ڌيءَ ٻيڻ زال محبوبا**
**ان کي ڪمتر ٿو مولوي سمجهي**
**جنھن جي دم ساڻ سونهن جيون جي**
**هو نٽو ان کي زندگي سمجهي**

تاج غزل وانگر نظم جو به زبردست شاعر آهي، قمر شهباز لکيو آهي، ’موجوده دور ۾، تاج بلوچ جو شمار انهن چند شاعرن ۾ ڪري سگهجي ٿو، جن آزاد نظم جي روح کي سڃاتو آهي. تاج جهڙا موهيندڙ ۽ ڇرڪائيندڙ آزاد نظم مون تمام ٿورا پڙهيا آهن، قمر جي ان راءِ جي تسلسل ۾ ڪو ئي جي تاج جا ڪي نمائنده آزاد نظم پڙهڻ چاهي ته انهن نظمن جا آءٌ صرف عنوان ٿو ان کي ٻڌايان. مثال طور نظم ’پُل صراط‘. ’درد جو انگاس‘، ’گونگيون ديوارون‘، ’ڏٻرو لاش‘، ’نئين ڪربلا‘، ’آدرش‘ هتي قمر شهباز سان گڏ، منهنجو به اهو ئي خيال آهي ته تاج جا هي سڀ، اهڙا نظم آهي، جن کي جيڪڏهن ترجمو ڪيو وڃي ته انهن نظمن جي خالق کي دنيا جي ڪنھن به ادب ۾ تمام اوچو مقام ملي سگهي ٿو.

تاج جا ڪي طويل نظم پڙهي ڪڏهن ڪڏهن ته لڳندو اٿم، اڙي هان! هن شاعر ڪٿي ڪهاڻيڪار ته ڪونه ٿيڻ پئي چاهيو؟ خاص ڪري سندس طويل نظم ’ڏٻرو لاش‘، ’درد جو انگاس‘، ’ٽريفڪ جو سگنل‘، ’آخري ملاقات‘، پينشن آفيس‘، ’زندگيءَ کي فنا ناهي‘ ۽ ’مون به اُماٽي زندگي‘ وغيره پڙهجن ٿا، ته لڳي ٿو... هي نظم جهڙا آزاد نظم جي صورت ۾ ’جديد ڪهاڻيون.‘

۽ هن تحرير جي آخري ڳالهه هيءَ ته پياري تاج بلوچ جي خواهش آهي، ته آئون ناچيز سندس هن ڪليات ”ڇڇريون ڇڇريون خواب“ بابت ڪجهه نه ڪجهه لکان يا ڪا ڳالهه ڪريان. ظاهر آهي سندس پاران مون سان اها هجت منهنجي لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي، پر مون سان حالت هي آهي جو، مون جهڙي گهٽ پڙهيي لکيي لاءِ اهو ڪم ڪو ايترو سولو ڪونهي. ڇو ڪونهي! ۽ اهو ان ڪري جو... اڙي بابا! هي تاج جي شاعري ئي ڇا، هن جو ته سياءُ به ايترو سولو ڪونهي، جو جهٽ پٽ ۾ آئون انهن بابت ڪجهه ڪمينٽ ڪري سگهان. منهنجو مشاهدو آهي ته تاج ڪنھن کي گار ڏيندو آهي ته جادو گر لڳندو آهي، وري




**مشتاق گبول**

مان جڏهن هان بزار ۾ رُلندو
ڇوڪري ڇوڪري تي هان ڀُلندو
جيئن دل جي رکيو هٿن ۾ تو
درد آ، ٿانَ جيئن ويو کُلندو
نيڻ لوڏا ڏئي نٽا ٽڪجن
ديد ۾ چنڊ ٿو رهي جهُلندو
هي وڇوڙو به باهه وانگي آ
مان ڦُلن جيئن رهان سدا ڦُلندو
سارا رشتا ٿي عارضي پاڳل !
ڪيستائين ڪو راهه ۾ ڇُلندو
دل جي درياهه ۾ ڏٺم مشتاق!
نينهن ڇولين جيان رهيو ڇُلندو.

شعر پڙهندو آهي ته صفا سامري جادوگر ٻڻجي پوندو آهي. تاج جي شعر ۾ پراسرار غنائيت آهي، اهو هن بابت سندس بهترين نقاد امير علي چانڊيي جو خيال آهي ۽ دوستو! هي امير علي چانڊيو صاحب ڪو معمولي نقاد ڪونهي، شيخ اياز ته ڪانئس ايترو متاثر هئو جو پنهنجو هڪڙو پورو خوبصورت شعري مجموعو سندس نالي سان منسوب ڪري ڇڏيو هئائين.

مراد علي مرزا صاحب ڪنھن هنڌ لکيو هو، تاج اسان جي دور جي شاعرن ۾ اهم انوکو ۽ نرالو شاعر آهي، جنھن جو اڀياس ايندڙ ڪيترين ئي سنڌي شاعري جي ٿهئين لاءِ لازمي ٿيندو. تنوير عباسي صاحب جو به چوڻ آهي ته تاج آهي ئي غزل جو شاعر، غزل ۾ گهري چوٽ تاج جو خاص اسلوب آهي ۽ جيڪڏهن آءٌ به ايئن چوان ته هن جي شاعري جو مزاج ئي غزل جهڙو آهي ته غلط نه ٿيندو.

اڇا اسان جو هي تاج غزل جو وڏو شاعر آهي، نظم يا ڪنھن به ٻي صنف جو، اهو سنڌي ادب جو ايندڙ نقاد ۽ مستقبل جو مؤرخ ئي طئہ ڪندو. آئون ناچيز ته تاج جي سموري شعري سرمايي جو صرف پڙهندڙ ۽ ادنيٰ مداح آهيان، سو ان آڌار چوان پيو ته هڪ جيڏن سنڌي شاعرن ۾ تاج منفرد ترين ئي نه، هن وقت اڪيلو ۽ ڪمپليٽ ڪميٽيڊ شاعر به آهي.

ڏنو وڃي ته... اسين، جنھن ساڙيلي سماج ۾ رهون پيا ان ۾ ڪير به ڪنھن جي صلاحيتن جي اعتراف لاءِ تيار نظر ئي ناهي ايندو، پر باوجود ان جي، شيخ اياز صاحب، امير علي چانڊيي، قمر شهباز، مراد علي مرزا ۽ تنوير عباسي صاحب جهڙين هستين، جڏهن تاج بلوچ جي تخليقي Worth ۽ انفرادي اسلوب کي واکاڻيو ۽ مڃتا ڏني آهي، تڏهن ڇا حرج آهي، ته سندس احترام ۽ اعتراف ۾ هي آءٌ به پنهنجا نيڻ نمائي، استاد بخاري جي لفظن ۾ ڪيس چئي ئي ڏيان ته، اي منهنجا پيارا تاجَ!

**تاج ٻئي جو رکان نه جهوليءَ ۾**
**تون جُتي ڏين، ته مان جهلي ويهان** ■

# فڪري، سماجي ۽ سياسي مغالطا



ڊاڪٽر غفور ميمڻ

يورپ ۾ اونداهي وارو دور پندرنهن سئو سال هليو ، ڇاڪاڻ ته سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت ، سوال ڪرڻ جو حق، شڪ ڪرڻ جي حق تي پابندي هئي ، انڌي اعتقاد جو دور هو جنهن ۾ اکيون پوري زندگي گذارڻي هئي . فادر ، راهب، پادري ۽ ڪليسا، جو حڪم آخري هو . 15 صدي ۾ جڏهن رين ڊيڪارٽ پيدا ٿيو ته هن پنهنجي سڄي فلسفي جو بنياد ”شڪ“ تي رکيو، يعني انڌي اعتقاد بجاءِ سوال ڪريو . هر شيءِ تي شڪ ڪريو ۽ انهيءَ تي دليل ڏيو. ان ريت مذهب کان انسان تائين هر شيءِ شڪ جي دائري ۾ اچي وئي ، خود ڊيڪارٽ پنهنجي وجود کي به شڪ جي دائري ۾ آندو. .سندس چوڻ هو، ” مان سوچيان ٿو ان ڪري مان آهيان“ نتيجو اهو نڪتو ته ماڻهن سوچڻ شروع ڪري ڏنو ۽ سڄاڳي جي دور جي شروعات ٿي. اونداهي دور جو جوهر علم کان محرومي هو. ۽ اڄ سڄي سنڌ علم کان محروم ٿي رهي آهي . خطرناڪ ڪاپي ڪلچر ، ڊگرين جي خريد فروخت جاري آهي ، تعليم منافع بخش واپار ۽ تعليم کي سياست جو آکاڙو بڻايو ويو آهي . هاڻي سنڌ ۾ انڌو ، ٻوڙو ۽ گونگو نسل پيدا ٿي رهيو آهي ، استادن جي صورتحال اها آهي ته ڪير به پنهنجي ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اسڪول خالي پيا آهن يا ڪچهريون ٿيون هلن ، يا وري سياست ٿي ٿئي . ماستر گهٽ ڪري پنهنجي ٻين ڪاروبارن ۾ مصروف آهن . پر مطالبن جو زور آهي ته پگهار وڌايو ، الائونس ڏيو ، گريڊ وڌايو، ترقيون ڪيو وغيره. پر پڙهائي آگوڻو ٻڙي برابر. يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ سياست ڪاهي پئي آهي ، دهشت گردي، بليڪ ميلنگ، گروهه بنديون، رٽائرڊ بيوروڪريسي جي مافيا ادارن تي حاوي ٿي وئي آهي . ويتر ته وري ايڇ ئي سي وارن الائونس وڌائي ۽ ان تي پروموشن ڏئي. ڪسر پوري ڪري ڇڏي آهي. هاڻي پي ايڇ ڊي جون به ڊگريون جعلي ملن ٿيون . اسان جي نوجوانن وٽ علم ناهي ، سنڌ جي تاريخ کان واقف ناهن، هنن کي پٽائي اوپرو ٿو لڳي. موبائيل تي پيغام اردو ۾ ٿا ڪن . پنهنجي ڪلچر ۽ قدرن کان واقف ناهن . اهو نسل پيدا ٿي رهيو آهي جو سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت کان عاري آهي اهڙو نسل صرف ڪوڪلن نعرن ۽ پروپگنڊه تي هلي ٿو ان جي لاءِ مخصوص مغالطا قائم ٿيل آهن . ان جي زندگي جو طرز عمل هاڻي صرف پروپگنڊه طئي ڪري ٿي. اها ميڊيا جي هجي يا سياسي پارٽين جي يا وري مارڪيٽ جي . ڪير ڪنهن جي تعريف ڪندو سڀ تعريف ڪندا ، جي ڪير ڪنهن جي گلا ڪندو ته سڀ گلا ڪندا هجومن جي منهن ۾ صرف کوکلا نعره وڌا ويا آهن جن تي اکيون پوري هي نسل هلي ٿو.

سنڌ ۾ تبديلي ڇو نٿي اچي ؟ ڇوته سنڌ علم کان محروم آهي . توهان ٿورو غور ڪريو صرف ون يونٽ جي دور ۾ نوجوان ۾ علمي سرگرمي ٿي ته سنڌ پنهنجي وجود کي 50 سال ٻين کان اڳتي ڪري ڇڏيو . پر اڄ علم جا دروازا بند آهي ان جي جڳهه تي صرف ”انا“ (Ego) آهي .ڪير دنيا جي تاريخ ، ادب ، فلسفو ، جديد علم نٿو پڙهي، علمي بحث ختم ٿي ويا آهن عقل جي بجاءِ عقيدي پرستي حقيقت جي بجاءِ ڏيکاءُ وڌي ويو آهي. هاڻي اسٽڊي سرڪل نٿا هلن، نظرياتي بحث نٿا ٿين ، آئيڊيالوجي جو دور ختم ٿي ويو آهي ، ريڊنگ جي عادت ناهي . صرف تنگ نظري ، مَر سهپ، حسد ساڙ، ذات پرستي ، قبيلائي پرستي ، مفادن جي مافيائن جنم ورتو آهي . سچ نه ڪير ڳالهائي ٿو نه ٻڌڻ پسند ڪري ٿو . فرق صرف اهو آهي ته يورپ جو اونداهو دور غير سائنسي هو، پر اڄ جو اونداهو دور سائنسي آهي. اڄ اسان وٽ 70 کان مٿي فرقا آهن سڀني پنهنجون مسجدون الڳ ناهيون آهن . ماڻهن کي ٽولين ٽولين ۾ ورهايو ويو آهي ، نفرتن جا ليڪا ڪڍيا ويا آهن خون خرابو ، دهشت گردي ، روڊ بند رستا روڪ، روز جو معمول آهي ، جلسا جلوس ، مذهبي ڏهاڙا ، زندگي مفلوج، دهشت گردي جو خطرو پر مجال آهي جو ڪير به ڪڇي! حڪومت اربين رپيا هنن جي سڪيورٽي تي خرچ ڪري ٿي . مذهب جي ڏيکاءُ پرستي ۾ اربين رپيا خرچ ٿين ٿا ، منگهائي وڌي ٿي ، ملان رات وچم پلاٽن تي قبضا ڪري مسجدون ناهين ٿا . مدرسا ناهين ٿا، پر مجال آهي جو توهان ڪڇي به سگهو. پلي لائوڊ اسپيڪر توهان جي گهر جو سڪون برباد ڪري، پلي توهان بيمار هجو پر اف به ڪري ڏسو ته شهيد ٿي ويندا .

اسان به هاڻ ڳاڙهيون ۽ سايون پٽڪيون ٻڌڻ شروع ڪيون آهن ، اسان به صوفين جو درس وساري فرقي پرستي شروع ڪئي آهي . اسان جي گاڏي نشينن به مايا ميڙڻ شروع ڪئي آهي. پيري مريدي ۽ ملازم ۾ اڳتي آهن .

فڪري مغالطو اهو آهي ته ته مذهب کي روحانيت سمجهيو ويندو آهي . پيري مريدي کي صوفي مت سمجهيو ويندو آهي . جڏهن ته روحانيت اها Divinity آهي جيڪا ماڻهو کي حقوق العباد سيکاري ٿي ۽ انسانيت جي اعليٰ معراج تي پهچائي ٿي روحانيت هڪ رويو آهي، جنهن سان خدا ترسي ، انڪساري ،عاجزي پيدا ٿئي ٿي. جنهن سان قدرن رشتن ناطن جي سڃاڻپ پيدا ٿئي ٿي . جيڪا درگذرءِ صبر، جي خاصيت ماڻهو ۾ جاڳائي ٿي. پر اسان وٽ فڪري مغالط ايترا گهرا آهن، جو ڏاڙهي ڏسڻ سان اسان ماڻهو کي شريف ايمان وارو سمجهون ٿا . مذهب جي پرچار ظاهري عبادتن تائين عام جام آهي باقي حقوق العباد سيني کان وسري چڪو آهي .

اهڙي طرح اسان عجيب سياسي مغالطن ۾ ورتل آهيون اسان ٽي وي جي انڪر پرسن کي دانشور سمجهندا آهيون . اسان ڪالم لکندڙن کي ڏاها ۽ ليڊر سمجهندا آهيون اسان اخباري هاڪرن کي صحافي سمجهندا آهيون. عجيب سياسي مغالطا آهن اسان رانديگرن کي قوم جو هيرو مڃون ٿا . ڇڪي هٽڻ وارن کي ڪروڙين رپيا ڏيون ٿا ۽ استادن کي قتل ڪريون ٿا .

سياسي مغالطو اهو به آهي ته ” عوام هميشه صحيح فيصلو ڪندي آهي عوام طاقت جو سرچشمو آهي . دراصل ائين ناهي اهي صرف مغالطا آهن عوام بيوقوف هوندي آهي. عوام هڪ ڇڙواڳ هجوم هوندو آهي. انهن کي اڳواڻ استعمال ڪندو آهي، انهن جي وات ۾ کوکلا نعرا ڏنا ويندا

آهن. عوام طاقت ناهي بلڪ طاقت ور جي پنيان هلندي آهي . عوام صرف استعمال ٿيندي آهي ، ليڊرن جي لاءِ ، نظرين لاءِ ، سياست لاءِ قربان ٿيندي آهي . عوام ته هٽلر سان به گڏ هئي ، عوام ته ڀٽي صاحب سان به گڏ هئي ، عوام ضياالحق کي به مرد حق مرد مومن جا خطاب ڏنا . عوام الطاف حسين سان به گڏ آهي. عوام انهن وڏيرن سان گڏ آهي جيڪي عوام لاءِ ڪجهه نه ڪرڻ جو قسم کڻيو ويٺا آهن. عوام ڪنهن جي به ناهي ۽ سيني جي آهي . هڪ ٻيو سياسي مغالطو ته جمهوريت سيني مسئلن جو حل آهي ۽ جمهوريت ئي صحيح نظام آهي .

جمهوريت سرمائيدارن جو ڍونگ آهي عوام کي بيوقوف بنائڻ لاءِ . اسان کي خبر آهي ته ووٽ ونڻ ۽ خريد ڪرڻ ۾ امير ماڻهو ڇا ڪندا آهن . اسان کي اها به خبر آهي ته اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪيئن ٿيندي آهي ، ايجنسيون پنهنجي پسند جا اميدوار ڪيئن چونڊرائنديون آهن . اليڪشن وڙهڻ لاءِ دولت جي نمائش ۽ خرچ ڪيترا ڪيا ويندا اهن ، غنڊا گردي ڪيئن ٿيندي آهي سڀ ڄاڻن ٿا . ان سڄي عمل ۾ جيڪڏهن ڪو غريب اليڪشن وڙهندو ۽ کٽي به ويو ته به سندس پنهنجي تقدير بدلجندي عوام جي نه . سڄي دنيا ۾ سياست دان مافيا بنجي عوام کي لٽين پيا. اقتدار هميشه سرمائيدارن وٽ ئي رهندو آهي . توهان ضرور اهو سوال ڪندو ته ته پوءِ ڇا هئڻ گهرجي ؟؟ يونان ۾ جڏهن فلسفو ، دنيا ، سياست ، حڪمراني جي متعلق بحث ڪري رهي هئي ته ان مٿان عيسايت جا ڪڪر ڇائنجي ويا . جڏهن سجاڳيءَ جو دور شروع ٿيو تي سرمائيدار ان تي قبضو ڪري ورتو. ان دور کان وٺي جمهوريت سندس هٿيار رهيو آهي ۽ صرف ڪارل مارڪس انهيءَ جي جڳهه تي پرولتاري ڊڪٽيٽر شپ جو نظريو ڏنو . پر اڄ سوويت يونين جي ناڪاميءَ کي اسان سوشلزم جي ناڪامي سمجهي ويٺا آهيون . حقيقت ۾ هي هڪ بحث طلب مسئلو آهي . افلاطون چيو هو ته هڪ گڏهه گاڏي هلائڻ لاءِ به سکيا جي ضرورت آهي سو حڪمراني لاءِ ته تمام گهڻي سکيا جي ۽ تربيت جي ضرورت آهي . افلاطون جي خيال مطابق ته اهو نظام اڪيڊمڪ هئڻ گهرجي. جنهن جو مطلب آهي ته تعليمي علمي مرحلن مان گذري هي نظام هلائڻ جي قابل ماڻهو ٿي سگهي ٿو.

اسان جا سياسي مغالطا اهي به آهن ته اسان جا قوم پرست قوم جا هيرو آهن ۽ سنڌي قوم جا خيرخواهه آهن، سنڌي قوم لاءِ وڙهن پيا . عملي طور ائين ناهي اسان جا قوم پرست پنهنجا پيٽ پيا ڀرين ، توهان ٿورو غور ڪريو اسان جا قوم پرست اوچتو شهرن ۾ بنگلن جا مالڪ ٿيو پون . لينڊ ڪروزر گاڏيون اچيو وڃن ، باڊي گارڊ هٿيارن وارا گڏ هي سڀ ڇا آهي ؟ ڇا اها ڪنهن کي خبر ناهي ته پته خوري ڪيئن پئي ٿئي . اسان جا قوم پرست آمرن جي حڪومتن ۾ خاموش ويهندا آهن يا وري آمرن کي گلدستا پيش ڪندا آهن. توهان ٿورو پنهنجي آس پاس ڏسو ڪو لينڊ مافيا جو ماڻهو هوندو، ڪو هشت گردي پيو ڦهلائيندو ، ڪو وري بليڪ ميلنگ پيو ڪندو. عوام جا حقيقي مسئلا ڪهڙا آهن، انهن ڏانهن ڪنهن جو به توجهه ناهي ڪڏهن قوم پرستن انهيءَ ڳالهه تي ڌرڻو هنئيو آهي ته سنڌ جا روڊ ٽٽل آهن ٺهرائي ڏيو ، سنڌي ماڻهن کي گهڻ ۾ گهڻ سنڌ جي ڪارخانن ۾ ته روزگار ڏيو . سنڌ ۾ ڪارخانا شيون ناهي سنڌ ۾ وڪڻن ٿا ناڻو ڪمائين ٿا پر نوڪرين ۾ پنجابين کي رکن ٿا . قوم پرستن انهن کي ڀتي وٺڻ لاءِ ته دٻاءُ وڌو هوندو پر سنڌين جي روزگار لاءِ نه چيو هوندو . اهو مطالبو اسان ڪڏهن نه ٻڌو ته بابا سنڌين کي روزگار ڏيو. نه ته هڙتال ڪنداسين ، نه ته ڌرڻو هڻنداسين. صرف نام نهاد اشوز اهنن تي هڙتالون ، ڌرڻا ڪڏهن ڪالا باغ جي ڊيم جو پٽڪو ڪڏهن ايم ڪيو ايم جي خلاف يهو يهو. ڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنايو جي واويلا ، ڪڏهن مفت جي هڙتال، ڪڏهن ڌرڻي جو شوق ، پر ڪڏهن وڏيرن جي خلاف اٿي نه بيٺا ، ڪڏهن ماڻهن جي روز جي مسئلن تي نه ڳالهايائون. توهان اها دهشت رڳو پنهنجي وڏيرن کي ڏيکاريو ته سنڌ جا روڊ ٺهرايو. سنڌ جون پليون ٺهرايو. سنڌ جي بجٽ ترقياتي ڪمن ۾ خرچ ڪريو. مان سمجهان ٿو رڳو هڪ دفعو وڏيرن جو گهيراءُ ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي ماڻهن جي حقيقي مسئلن جي ڳالهه ڪئي وڃي ته به قوم پرستن تي ماڻهن جو ايمان اچي ويندو. ان کان پوءِ اسان وٽ سياسي مغالطو اهو آهي ته صرف ايم ڪيو ايم وارا بدمعاش آهن. دهشت گرد آهن. توهان ٿورو غور ڪريو. اڄ ڪلهه جي سياست ۾ بدمعاش ڪير ناهي پر ايم ڪيو ايم پنجن سالن ۾ جيڪي ڪم ڪيا آهن اهي اسان جا وڏيرا 50 سالن ۾ نه ڪري سگهيا. هنن اربين رپين جي بجٽ ڪراچي تي لڳائي ڪراچي جي شهري علائقن ۾ روڊ رستا، پليون ۽ ماڻهن کي روزگار ڏنو آهي . ڏندو سڀ ڪو ٿو ڪري پر فرق اهو آهي پر اسان جا وڏيرا سب هڙپ ٽڪي جو ڪم نٿا ڪرائين. توهان ٿورو غور ڪريو سجاول کان ٻنورو 20 ڪلو ميٽر جو رستو چار سالن کان ٽٽي ختم ٿي ويو آهي جنهن ڪري اڌ ٺٽي ضلعي جو شهر کان ڪراچي کان ڪٽيل آهي واپاري پريشان ، زمينن وارا پريشان ،عام ماڻهو پريشان، اربين روپين جي بجٽ آئي ويئي پر وڏيرن هن روڊ کي نه ٺهرايو. پٽڪو ٻڌيو ويٺا آهن ، پنهنجا بنگلا پيا ٺهرائين، عياشيون پيا ڪن ، پر ماڻهن کي ڪجهه نه مليو. ڪربين روپين جي بجٽ ڪايو وڃن او گرائي به نٿا ڏين يار گهڻ ۾ گهڻ ايم ڪيو ايم وارا ماريو ميڄايو ڪايو پيو وري به ڪم ته ڪن ٿا . هڪ ٻيو اهم انهيءُ ڳالهه جو پهلو توهان کي ٻڌايان. پاڪستان جي آدمشماري وڌڻ جو ريشو 1.6 آهي. پختونن جي آباديٰ2005 ۾ 21447849 هئي اها 2010 ۾ 2215000 تي پر سنڌ جي آبادي 3543989 هئي اها 2010 ۾ 60000000 تي ويئي تقريبا ٻيڻي جنهن جو مطلب آهي ته پختونن جي آبدي جيڪا وڌي پيئي اها سنڌ ۾ منتقل ٿي ويئي. جي اهو ريشو جاري رهيو ته جلدي اردو ۽ سنڌي آبادي اقليت ۾ تبديل ٿي ويندي . مان ائين ڪونه ٿو چوان ته متحده وارا فرشتا آهن ، پر سنڌ دوست ماڻهو ٿي دور انديش ٿي ڏسي ته آخر اسان اردو ڳالهائڻ وارن سان اهو وير وجهي ڌارين کي اڄان سنڌ حلوه ڪري پيا ڏيون ، گهڻ ۾ گهڻ هڪڙي ڳالهه ته ظاهر آهي ته اردو ڳالهائڻ وارن جو جيئڻ مرڻ سنڌ سان آهي ، هو شهري طبقي ۾ آهن هنن وٽ پڙهائي جو ريشو وڌيڪ آهي. پر پختونن جي آبادي جاهل اڻ پڙهيل سنڌ ۾ منتقل ٿي رهي آهي جيڪو ڪرمنل ڪم ڪن ٿا. ڪٽر جنوني آهن ، هٿيار وڪڻ ، منشيات وڪڻ ۽ ڌاڙيلن جي پرورش ڪرڻ سندن عام جام ڪم آهي. اي اين پي جي به اها پاليسي آهي ته سنڌ ۾ پختونن جي آبادڪاري وڌائي اتي طاقت پيدا ڪري سياسي مفاد حاصل ڪجن. ڪراچي ۾ ٽراسپورٽ جو مڪمل ڪاروبار انهن جو آهي . توهان جي نيشنل هائي وي ۽ سپر هائي وي جي ٻنهي پاسن تي پٺاڻن جو قبضو آهي . هوٽلون ، ورڪشاپ، پيٽرول پمپ، سڀ پٺاڻن جا آهن ڪراچي جي ته هر پاسي کان پٺاڻ حاوي آهي هنن جون ڪالونيون هنن جا چوڪ ، هنن جا قبضا تيزي سان وڌي رهيا آهن . بظاهر ته هو چون ٿا ته سنڌ تي ٻهرين حق سنڌين جو آهي پر عملن هو سڀ کان ٻهرين سنڌين کي تنگ ڪن ٿا. جنهن جو اندازو متحده کي چڱي ريت آهي . الطاف حسين اها ڳالهه بار بار ڪندو هو ته طالبان ڪراچي ۾ قابض ٿي رهيا آهن. ڇو ته سڄي ڪراچي ۾ جيڪي به مسجدون ۽ مدرسا آهن انهن ۾ پختون مولوي آهي پختونن جا ٻار پڙهن ٿا ،سنڌ ۾ اهي فرقا پرستي ۽ طالبان جو ڪچو مال آهن . توهان سوچيو جڏهن طالبان کي ٻاهران ڪونه ايندا پر اهي ئي هڪ ڏينهن هٿيار کڻي بيهي رهندا . اسان جا قوم پرست سمجهن ٿا اهي پٺاڻ متحده کي منهن ڏيندا ٺيڪ آهي ڏيندا پر پوءِ ڇا حلوه رڌي توهان کي ڏيندا ته ڪائو ؟؟ اسان وٽ اهو رواج رهيو آهي ته پاٽي جڏهن مٿي کان به چڙهي ويندو آهي ته پوءِ هوش ايندو آهي پوءِ هاءِ گهوڙا ڪندا آهن .متحده سان جهيڙو ڪري اسان صرف وڏيرن جي جنگ پيا وڙهون. جن سنڌ کي تباهه و برباد ڪيو .اسان جا قوم پرست سڄي زندگي سرائيڪي قوم ۽ ان جي صوبي جي ڳالهه ڪندا هئا پر جڏهن وقت آيو ته ان جي مخالفت ڪري ويهي رهيا. ڇون ٿا ائين رستو ڪلي ويندو صوبن کي ورهائڻ جو . متحده بار بار اهو اعلان ڪري چڪي آهي ته بابا اسان سنڌ نٿا ورهائڻ چاهيون پر اسان

ڪين مجبور پيا ڪريون ته نه بابا سنڌ ورهائڻ جي ڳالهه ڪريو . مطلب ته مڙس مري ته مري پر منهنجو خواب سچو ٿئي. حضرت محمد صلعم جن کي به ڪنهن موقع تي ڪافرن سان به صلح ڪرڻي پئي هئي صلح حديبيه جي ضرورت اسان کي به آهي متحده سان اهي ڳالهيون ڪرڻ گهرجن ته بابا سنڌي کي قومي ٻولي تسليم ڪرايو ، ڪراچي جي ڪاليجن ۾ سنڌي لازمي پڙهايو . ڌارين جي آبادي خلاف ڳنڍجي وڙهون. سنڌين کي ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ داخلائون ڏيو . پر رڳو هڪٻئي جي مخالفت ڪو چوي بس دهشت گرد آهن ڪو چوي ته نه بس ايجنسين جا پاليل آهن ادا اها اسان کي به خبر آهي ته ايجنسين جا ڪير پاليل آهن . پير پاڳاري واري ڳالهه ته هتي سڀ جي ايچ ڪيو جا اهن اسان ته ڪلو تا چئون ته اسان جي ايچ ڪيو جا آهيون . بار بار مخالفت ۾ دليل اهي ته اسان مالڪ آهيون . دنيا هاڻي بدلجي چڪي آهي متحده جي بليڪ ميلنگ ۾ نه ايندا سين ادا توهان نه اچو توهان جا وڏيرا ايندا ۾ سنڌ ورهائي ڏيئي ڇڏيندا ، تورو ڪوهستان ۾ لاڙ وارن جي به راءِ ونو اهي ته چون تا ته اسان جو استحصال پنجابين ۾ مهاجرن کان وڌيڪ اترادي تا ڪن. ميڊيا تي اهي حاوي آهن . نوڪرين تي اهي حاوي، جڳاڙ بازي ۾ چوري چڪاري ۾ به اهي حاوي .هڪ ڪوهستاني سان ڪچهري ٿي ان چيو ته سنڌ ڀڻ حصن ۾ ورهائڻ سان اسان کي فاعدو ٿيندو. اها سوچ ڪيئن پيدا ٿي رهي آهي مان ان شخص جا دليل هتي نتو ڏيان پر اها غلط سوچ به پيدا ٿي رهي آهي .

هاڻي مان ڪجهه سماجي مغالطن تي ڳالهائيندس .

هندو جيڪي ڀارت لڏي ويا انتهائي سڻا معتبر ۽ حبالوطني جي جذبي سان سرشار آهن. سنڌي ماڻهن جا اصل خير خواه آهن. اسان وٽ اهو وڏو رومانس آهي. اصل ڳالهه اها آهي ته ڪجهه ماڻهن ادبي ماڻهو ضرور معتبر آهن پر اهي ڪيترا آهن ۽ هاڻي انهن جو تعداد تيزي سان گهٽجي رهيو آهي . نوجوان نسل کي هنن سنڌي نه پڙهائي نه لکائي . هنن جا پٽا ڏوهٽا پنهنجي ڏاڏن کان سنڌ جون ڳالهيون ٻڌي ڪلن تا ۽ سنڌي ٻڌي انهن کان پڇن تا ته هي کهڙي ٻولي آهي . هيترا ڪرب پٽي سنڌي اتي رهن تا ڪو سنڌي ٽي وي چينل نه ڪولي سگهيا آهن چو ته هو صرف حساب ڪتاب جي ۽ نفعي نقصان جي زبان سمجهن تا. توهان وڃي الهاس نگر ڏسو سکر جيترو شهر آهي جنهن ۾ 80 سيڪڙو سنڌي رهن تا پر هڪ به سنڌي ميڊيم اسڪول ناهي . اسان وٽ چند پيرسن اديب اچن تا اسان انهن کي سڪ ۾ پيالا پياريون تا وري اسان انهن وٽ وڃون تا ته سڪ ۾ هو اسان کي پيالا پيارين تا . بس ايتري محبت آهي .

هاڻي اچو ٻي هڪ اهم سماجي ۽ فڪري مغالطي تي :

عورت غلام آهي . عورت مظلوم آهي ، هاڻي عورت ۾ سجاڳي اچي چڪي آهي وغيره وغيره . عورت فيوڊل سماج ۾ به مظلوم نه هئي نه وري اڳ جي پيٽ ماڊرن ازم دور ۾ مظلوم آهي . هر دور جي الڳ رام ڪهاڻي آهي ان جو پنهنجو ڊيڪورم ۽ مئنرازم آهي طبقاتي سماج ۾ جنس مظلوم نه پر طبقا ٿيندا آهن . هر طبقاتي سماج ۾ جيڪو معاش کان بيدخل ٿيندو آهي اهو مظلوم ۽ ڪمزور هوندو آهي. پوءِ اها عورت هجي يا مرد. وڏيراڻي سماج ۾ مرد رات ڏينهن ٻني تي ڪم ڪري ٿو فصل اپائي ٿو پر ان کي ڪجهه به نٿو ملي. ڪول ، سنٿال، ڪولي ڀيل، اوڊ، ميگهواڙ ، لاڙ ۾ ڪجهه سماٽ ذاتين جون عورتون اڄ به ٻنين ۾ مردن سان گڏ ڪم ڪن ٿيون . نڪو اهي ڪاريون ٿيون ٿين نه وري انهن تي ڪو مرد ظلم ٿو ڪري . ها باقي مون چيو نه ته هر سماج جون پنهنجون ريتون آهن رسمون آهن . ڳوٺن ۾ هاڻي دور بدلجي پيو ته ماڻهو نياڻين کي به پڙهائين پيا . اعليٰ تعليم جي حصول ۾ والدين پريشان آهن . نياڻيون هاڻي هر فيلڊ ۾ وڃن پيون . پر ظلم هي آهي اسان جو هي ڪمرشل سماج صرف واپار ۽ خريد فروخت جو آهي هر شي وکر آهي . عورت ان ڳالهه کي جڏهن سمجهي ٿي ته ان مان خوب فاعدو به وٺي ٿي . چو ته هي سماج جنس، گليئمر، عياشي ، مادي لذتن جو سماج آهي . اسان جي سرمائيداري دنيا ميڊيا ذريعي جنس هيجان ڦهلائي ٿي هر عورت ۽ مرد کي چتو ڪيو ويندو آهي . فرق صرف اهو آهي ته عورت ان هيجان مان فاعدو اهو وٺي ٿي جو مرد کي استعمال ڪري ٿي . توهان ڏٺو ته ڪيترين چنچل چوڪريون ، پنهنجي چنچلتا کي استعمال ڪري سيڪريٽري، اي ڊي او، چيئرمن ، ڊاريڪٽر وغيره جي ليول تائين پهچي ويون . اسان جا ڪجهه اديب انهن جي اڳيان گگهه ڳاڙهيندا انهن جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جي ها ۾ ها ملائڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا آهن اهي اسان جا پائر سڏڻيا انهن عورتن جي اڳيان آزادي جي هام به هڻندا اهن پر پنهنجي عورتن کي اها آزادي ڏيڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن .اهڙين عورتن جو هڪ گروپ ته مافيا ٺاهي چڪي آهي جنهن کي فيمينزم چوندا آهن . اهي ڪلا بلا مرد جي خلاف ڳالهائينديون آهن . پر مزي جي ڳالهه اها ته اهي عورتون پنهنجن مردن جي تعريفون ڪنديون آهن ، اڪثر اها ڳالهه ڪندي نظر اينديون آهن ته اسان جي بابا اسان کي پڙهايو اسان جو ڀاءُ ته فرشتو آهي اسان جو مڙس ته فينسٽ آهي . باقي ٻيا سڀ مرد بيڪار آهن نفرت جي قابل آهن . انهن عورتن جي ها ۾ ها ملايو ته ٺيڪ باقي اخلاف ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن . هاي عورتون خود مختيار ، آزاد، گليئمرازڊ عورت جي مظلوميت ۾ پاءُ پاءُ جا ڳاڙين ٿيون پر انهن غريب عورتن جي به ته ڳالهه جيڪي قبيلائي دور ۾ قاتل آهن. انهن وڏيرن جي خلاف ڪڏهن ڪونه ڳالهائينديون بلڪ انهن سان ته شادي ڪنديون . باقي مرد جيڪو پڙهيل لکيل آهي يا اديب آهي هنن جي پنيان گگهه نٿو ڳاڙهي ان جي خلاف آهن . هاڻي گهٽو ٿيو . مان مڃان ٿو هي دور مافيائن جو اهي پنهنجي مافيا ٺاهيو ۽ لابيون ٺاهيو " تون مون کي حاجي چئو ته آئون تو کي قاضي چوان" جو سلسلو سنڌ جي فيلڊ کي اڌوهي وانگر کائي ويو اهي . پر هزارين ماڻهو انهيءَ جي سوچ جا ناهن پر ڪجي ڪون تا سگهن . چو ته هتي مفادن جي جنگ آهي نپولين بونا پارٽ جو چوڻ هو . Every one fights what he don't haveغلط صحيح جا سچ ماڻهو ناهيو وٺن.

اسان جي سماج ۾ وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي منافقي ۽ ساڙ جو ڪير به ڪنهن کي برداشت نٿو ڪري ، ڪير به ڪنهن جي ترقي نٿو ڏسڻ چاهي . فضول ڳالهين ۾ نام نهاد بحثن ۾ ، گلائن ۾ وقت وڃائڻ ۾ اسان جي ماڻهن کي مزو ٿو اچي. هر ماڻهو چاهي ٿو ته هن کي عظيم تسليم ڪيو وڃي . هو تمام وڏو ماڻهو آهي . . صحيح ۽ غلط جي سوچ ختم ٿي ويئي آهي . اسان صرف لابين ۽ مفادن جا پتلا ٿي پيا آهيون .اسان سچ کي سسائي سوڙهو ڪري ختم ڪري ڇڏيو آهي . ڪوڪلن نعرن ، ڪوڪلن مفادن، جي محدود دنيا ۾ ڏيڏر وانگر ٽان ٽان ڪرڻ ۾ پورا آهيون .

1.هڪ آخري مغالطو. توهان سوچي رهيا هوندا ته مان Pessimistآهيان يا مچريل آهيان. پر اڄ جي ڳالهه تي ٿورو پنهنجي ذهن کي آزاد ڪري سوچي ڏسو . ڇا اسان صحيح سمت ڏانهن وڃي رهيا آهيون ؟؟ ۽ جي صحيح سمت آهي ته پوءِ ڇو تبديلي نٿي اچي؟؟ ،اسان جو پيغام عام ماڻهو کي کهڙو لاڀ ٿو ڏي. اسان پنهنجي خول مان نڪري ڏسون ته دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي ؟ جديد دنيا جا علم ڇا تا چون. ياد رکو دنيا ۾ تبديلي صرف علم سان اچي سگهي ٿي . پاڻ جو احتساب ڪرڻ سان ايندي آهي وڏا ذهن پيدا ڪريو . ننڍين ذهنن کي حاجي ۽ قاضي نه بڻايو. هن سڄي بحث جو حاصل مطلب اهو اهي ته خدارا پاڻ سوچيو ، نئين سري سان سوچيو. مفادن جي بگري مان منهن ڪڍي ڏسو . هڪ نئين سوچ جي ضرورت آهي . جيڪا سنڌ کي سنڌ بنائيندي ... باقي اسان ان مغالطي ۾ گهٽو رهيا سين ته اسان عظيم آهيون ، اسان جي تهذيب عظيم آهي ، اسان 500 هزار سالن کان به پراڻا آهيون ، اسان جو ڪلچر ۽ ٻولي شاهڪار آهن . وغيره دنيا ۾ اسان کان به وڌيڪ عظيم تهذيبون ۽ ڪلچر تباهه ٿي ويا فطرت ڪنهن تي مهربان ناهي نه وري ڪنهن جي خلاف آهي هي افعالن جي ڳالهه آهي ، جيڪو پوکيندا سين سو لڻنداسين . باقي صرف اهو رومانس ته اسان عظيم آهيون ته انهيءَ سان عظيم ڪونه رهنداسين. ■





# ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ

سرمد چانڊيو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو، پر جڳ مشهور موسيقار، سنگيت ڪار ۽ گائڪ آهي. جنهن پنهنجي چاليهن سالن جي عرصي ۾ 37 ڪلاسيڪل راڳ سنڌي ٻوليءَ کي ڏنا. اهو سنگيت نامو مشهور ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي نالي تيار ڪيو. سنگيت نامو عرف شاهه جو رسالو، هڪ موسيقار جي حوالي سان برصغير ۽ دنيا جو وڏي ڪان وڏو سنگيت نامو آهي. شاهه سائين جن نه صرف اهو سنگيت نامو تيار ڪيو. پر اهو ڳائي وڄائي، شهرتن جي بلندين تي پهچايو. شاهه سائين جن ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ پنهنجي ڏيهي سُرن تي ترتيب ڏنو. گائڪي جو سچو نظام تيار ڪيو. ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ کي پنهنجو نظريو ڏنو. شاهه سائين اهو پهريون موسيقار آهي، جنهن ڏيهي راڳن کي ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳايو وڄايو. جيڪو اڃا تائين جاري ساري آهي.

شاهه سائين پنهنجي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جا ماخذ سُرَ انساني آوازن تان ورتا آهن. پاڻ آواز جا چار قسم ٻڌايا اٿن. (1) مرد گائڪ جو آواز، (2) عورت جو آواز، (3) ڇوڪر جو آُواز، (4) ڇوڪِري جو آواز. انهن آوازن کي ماخذ بنائي، پاڻ پنهنجي سنگيت نامي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جا سُر تيار ڪيا.

مرد جي آواز مان ورتل سُر کي گهور سُر جو نالو ڏنائون. عورت جي آواز مان اخذ ڪيل سُر کي ٽيپ سُرَ جو نالو ڏنو ويو. ڇوڪر جي آواز مان ورتل سُر کي زبان سُرَ جو نالو ڏنائون. ڇوڪريءَ جي آواز مان اخذ ڪيل سُرَ کي چيڙ سُر جو نالو ڏنو ويو.

مٿيان بيان ڪيل سُرَ گهور، ٽيپ، زبان ۽ چيڙ وارا چارئي سُرپورا سُرَ آهن. گهورَ سُرَ مان ٽي سُرَ جوڙيائون. (1) گهورپورو سُرُ (2) گهورَ ڏِيم سُر (3) ڪيڙاڳ گهور سُرُ جڙيا-پوري سرمان مراد پورو سُرُ آهي. ڏِيم سُرَ مان مراد ڏيمون سر آهي. ۽ ڪيڙاڳ سُرَ مان مراد مٿيون سُرُ آهي. ايئن ٽيپ سُرَ مان ٻه ٽي سُرَ جوڙيائون. (1) پورو ٽيپ سُرُ (2) ڏيم ٽيپ سُرُ (3) ڪيڙاڳ ٽيپ سُرُ جوڙيائون. ساڳي ريت زبان سُرَ مان ٻه ٽي سُرَ جڙيا. (1) پورو زبان سُرُ (2) ڏِيم زبان سُرُ، (3) ڪيڙاڳ زبان سُرُ ٺاهي ڳايائون. اهڙي نموني چيڙ سُر مان ٻه ٽي سُرَ جڙيا. (1) پورو چيڙ سُرُ (2) ڏيم چيڙ سُرُ (3) ڪيڙاڳ چيڙ سُرُ بنايائون.

مٿين سُرن جي وضاحت کان پوءِ خبر پئي ته ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ٻارهن سُرن تي مبني سنگيت نامو آهي. 'آ' نندي مد وارو سُرُ آهي، جنهن کي ڇئني صورتن ۾ ڏيمون ڇيو ويو آهي. 'آ' وڏي مد وارو پورو سُرُ آهي جيڪو ڇئني صورتن ۾ پورو سُرُ آهي. 'آن' نندي مد ۽ نون گني واري سُرَ کي ڪيڙاڳ يا مٿيون سُر ڇيو ويو آهي. ڇئني صورتن ۾ اهو مقرر سُرُ ڪيڙاڳ سُرُ ڇيو ويو آهي.

شاهه سائين جن ڇئني ماخذ آوازن کي نظر ۾ رکي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ڇئن گرامن ۾ ورهايو. (1) زبان گرام، (2) گهور گرام، (3) چيڙ گرام، (4) ٽيپ گرام جي نالن سان ٻڌايا. زبان گرام هيٺيون گرام آهي. گهور گرام پورو گرام آهي. چيڙ گرام مٿيون گرام آهي ۽ ٽيپ گرام انتهائي گرام آهي. يعني صفا مٿيون گرام.

ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو ساٿاري
ساز تنبورو يا دنبورو.

شاهه سائين جن ٻيا سمورا ساز پاسي ڪري آخر ڪار ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ لاءِ تنبور ڇو چونڊيو؟ اهو هڪ وڏو سوال آهي. اهو سوال جڏهن هن ٻندي استاد قربان علي فقير لنجواڻي جن کان ڪيو ته موصوف هي جواب ڏنا، "سج ۽ چنڊ کي لهندي ۽ اڀرندي ڏسي انسان دنيا کي ڇئن طرفن ۾ ورهايو. (1) اوڀر، (2) اولهه (3) ڏکڻ (4) اتر. انهن طرفن جا نالا مقرر ٿيا. هر ڏينهن توڙي رات کي ڇئن پهرن ۾ ورهايو. سال کي قدرت ڇئن مندن ۾ تقسيم ڪيو آهي. (1) انهارو (2) سيارو (3) سرءُ (4) بهار. انهن مندن جا نالا آهن. علم بدن ۾ انسان ڇئن قوتن جو مجموعو آهي (1) پاڻي (2) باهه (3) مٽي (4) هوا.

تصوف ۾ صوفياءِ ڪرام جي فلاسافي جا ٻه چار نقطا آهن (1) شريعت (2) طريقت (3) حقيقت (4) معرفت. انهن نقطن پٺاندر وري صوفياءِ ڪرام جون چار منزلون آهن (1) لاهوت (2) ملڪوت (3) جبروت (4) ناسوت. ايئن ئي انسان ذات جا آواز ٻه عمر ۽ جنس جي حوالي سان چار آهن. (1) ڇوڪر جو آواز (2) ڇوڪريءَ جو آواز (3) مرد جو آواز (4) عورت جو آُواز. جيڪي شاهه سائين جن جي سرن جا ماخذ آواز آهن.

مٿين شين کي نظر ۾ رکي ڀٽ ڌڻي بادشاهه جن ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ لاءِ تنبور ساز جو انتخاب فرمايو."

تنبور ڇئن تارن وارو ساز آهي. انهن ڇئني تارن کي پاڻ پنهنجي ماخذ سرن ۽ تيار ڪيل گرامن (1) زبان (2) گهور (3) چيڙ (4) ٽيپ جا نالا ڏنا. تنبور اهو ساز آهي، جيڪو 'ني' يعني 'نڙ' ۽ نڙيءَ وارا سُرَ ٻه وڄت ۾ ڏئي ٿو ته لئي يا تال وارو رِدم ٻه ڏئي ٿو. تار تي جڏهن مضراب يا چلت جو ڏَڪ لڳي ٿو ته پهريان لئي وارو ردم پيدا ٿئي ٿو. پوءِ تار جي لرزش مان آڳرين وسيلي 'ني' جو سُر نڪري ٿو. تنبور 'لئي' ۽ 'ني' ٻنهي جي ردم ۽ سرن جي نمائندگي ڪري ٿو. اهو شاهه سائين جن جي سوچ ۽ ويچار جو ڪمال آهي، جو هڪ ئي ساز کان ٻه ڪم ورتائون. سرن ۽ ردم جي بدلاءَ سان چارئي گرام ٻه پڌرا ٿيو پون.

شاهه سائين جن تنبور جي ساز ۾ ٻه هڪ تار جو واڌارو ڪيو. چوٿه ڇوڪريءَ جو آواز ٻاتو ٿيندو آهي. پاڻ ان جي چلتا کي نظر ۾ رکي چيڙ گرام لاءِ يا چيڙ جي سرن لاءِ ٻه جاڙيون تارون تنبور ۾ ڪم آندائون.

ٻيو ته چيڙ وارين جاڙين تارن کي چلت بدران آڱر جي ضرب سان وڄايو ويندو آهي. ڪو ٻه باذوق ماڻهو ڇئني گرامن واري وڄت جو اندازو سولائي سان ڪري سگهي ٿو.

**هي آهي تنبور جو عڪس:**




**تنبور ملائڻ جو طريقو:**

سڀ کان پهريان چيڙ واريون جاڙيون تارون ملائبيون تهان پوءِ بيٺ تي متي ڪري ٽيپ واري تار ملائبي. پوءِ وچين گرام تي گهور واري تار ملائبي. آخر ۾ صفا هيٺين گرام تي زبان واري تار ملائبي. اهو آهي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ لاءِ ساتاري ساز تنبور ملائڻ جو طريقو.

**هي آهي چلت يا مضراب جو عڪس:**



جنهن به آگر سان راڳي ويراڳي فقير تنبور وڄائيندو، چلت ان آگر ۾ پائي پوءِ تنبورو وڄائبو.

**ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو بنياد:**

شاهه سائين جن راڳ ويراڳ جو بنياد ٻاويهن ورهين جي ڄمار ۾ ڪوٽڙي مغل ۾ شاهه حبيب سائين جن جي درگاهه تي رکيو. تڏهن پاڻ غير شادي شده هئا. ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو ڪين شوق ڪنهن خواب وسيلي ڪونه پيدا ٿيو. پر اڳ ۾ جن درگاهن تي سماع جون محفلون ٿينديون هيون، انهن ۾ درگاهه حضرت مخدوم نوح سرور، هالا شريف- ٻيو درگاهه بلڙي شاهه ڪريم- ٽيون درگاهه، حضرت شاهه حبيب، ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جون ماخذ درگاهون بڻيون. پر اهي سماع جون محفلون راڳڏاري اصولن پٽاندر نه هيون. پاڻ پنهنجي راڳ ويراڳ لاءِ راڳڏاري قانون تيار ڪيائون. (1) راڳ ويراڳ باوضو ٿي پاڪائيءَ سان ڳائڻ وارو راڳ آهي. (2) راڳ ويراڳ ويهي ڳائڻ وارو راڳ آهي. (3) راڳ ويراڳ اڪيلي ڳائڻ وارو راڳ ناهي. (4) راڳ ويراڳ قبلي طرف منهن ڪري ڳائڻ وارو راڳ آهي. (5) هر هڪ ويراڳي فقير پنهنجي منتخب تار ۾ سُر پٽاندر ڊرامائي طور اهو ۾ اهڙو آواز ڪري ڳائيندو. جيئن اها چوٽياري يا چؤٻاري قائم رهي. (6) شاهه سائين جن پنهنجي راڳن جي پڙائي بيتن وسيلي مقرر ڪئي. (7) راڳڏاري آلاپ مقرر ڪيا. (8) سيني راڳن جو حقابو تيار ڪري ويراڳين کي ڏنائون. (9) ڪوبه 'ني' وارو ساز راڳ ويراڳ لاءِ مقرر نه ڪيائون ۽ اهڙن سازن کي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ کان خارج ڪيائون. (10) ڪوبه ٿاڪ وارو ساز جنهن ۾ طبلو، پکواز، ڪنجري وڄائڻ جي منع فرمايائون. (11) ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ کي قوالي جيان ڪورس ۾ ڳائڻ جو حڪم فرمايائون. (12) راڳ ويراڳ لاءِ ماخذ سُر اشرف المخلوق انسان ذات جي آوازن تان ورتائون. (13) راڳ ويراڳ پهرين چنڊ جي شڪل جيان اڌ گول ٿاهي ويهي ڳائڻ وارو راڳ آهي. (14) مڪيو ويراڳي فقير وچ تي ويهي راڳ ويراڳ جي اڳواڻي ڪندو.

**ويراڳي فقيرن جي ٻيٺڪ جو عڪس:**




**مڪيو ويراڳي فقير:**

نوٽ: اڌ وارو فقير راڳ جي مُڪائي وقت تنبور جي تُنبيءَ تي هلڪو ڌڪ ڏيئن آگرين جي چوٽين سان هڻندو.

هن مضمون ۾ ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي پوري راڳڏاري نه ٿي ڏئي سگهجي، صرف شاهه سائين جي پهرين ۽ آخري راڳ جي راڳڏاري ڏئي مضمون کي پورو ڪبو. بندي جي تحقيق موجب شاهه سائين جن پهريان راڳ معذوري تيار ڪري ڳائي وڄائي عام ڪيو ۽ آخري راڳ ڌهر تيار ڪيائون.

معذوري راڳ ويراڳ جو تيرهون راڳ آهي. هي راڳ شاهه سائين جن جو تيار ڪيل راڳ آهي. هندستاني سنگيت ۾ هن راڳ جو ڪوبه ذڪر ناهي. هن راڳ جي ڳائڪي هندستاني پڳتي راڳن کان بنهه مختلف آهي. سنڌي ڪلاسيڪل راڳ آهي. هي راڳ انهاري جي موسم جو راڳ آهي. انهاري جي منڊ ۾ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي. عام حالتن ۾ رات جي ٻن ۽ ٽن پهرن جو راڳ آهي. هن راڳ جي ڳائڻ جا ست قسم آهن. هي راڳ متين سُرن کان هيٺين سُرن ڏي لهي ڳايو ويندو آهي. هي راڳ شاهه سائين جن جي جوانيءَ جي محنت جو ڦل آهي. ان وقت سندن ڄمار ٻاويهن سالن جي هُئي.

**معذوري راڳ جا وڄت ٻول آهن:**

**اوميان، لاوو، ميّان، ميان.**

هي راڳڏاري ٻول اول مڪيو راڳي ڳائي، آلاپي پورا ڪندو، پوءِ ٽيپ وارو فقير ساڳيا ٻول ڳائيندو، تهان پوءِ گهور سُر وارو فقير ڳائيندو. ان پڇاڙا چيڙ سُر وارو فقير ساڳيو ورنن ڪري ڳائيندو. آخر ۾ زبان سُر وارو فقير اهو ٻول آلاپيندو. وري سيئي ويراڳي مڪيو فقير سان گڏجي ٻول ڳائي راڳ جو پيس پڪو ڪندا.

وڄت ٻولن ڳائڻ کان پوءِ مڪيو فقير محفل تي راڳ آشڪار ڪرڻ لاءِ ساڳي ئي داستان مان ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پڙرو ڪندو.

**پڙائي:**

**وڏيل تي وايون ڪري، ڪُنَل ڪُوڪاري**
**هِي هنجُون هَڏهِن هاري، هُنَ پِڻَ پنهنجا سارِئا**

—

**ڪو جو وَڏي وَڏُ، جڻن وَڻ وَڏيائون وَڏسين**
**ڏک ڏکي کي ڏڏُ، جن ڏني سي ڏکيا.**

—

**وَڏي سي واڍوڙيا، رَتُ نه ڏِنو جَن**
**موتُ قبوليو تَن، ڏِنو جَن ڏُکي کي**

—

**ڏُکي سنڌيُون ڏُونگرين، وَڻَ تِڻَ وايُون ڪَن**
**وَتان ويهي جن، وَڏِي سي واڍوڙيا**

ايئن ئي داستان جا بيت ڏيئي محفل تي راڳ واضح ڪري پوءِ وائي ڪبي آهي.

**وائي:**

**اَڃي لالَنَ، لَتِ، مِيان**
**مُي جو لوڙُهه لَکَن ۾**
**تُون خانُ ڪٽُوري هيرَئون، مُون ۾ صابُڻُ چَٽ ميان**
**مُي جو لوڙُهه لَکَن ۾**
**آرياڻي اَڃي ڪري، ڪا گهڙي مُون وَٽ جَٽ ميان**
**مُي جو لوڙُهه لَکَن ۾**
**ڪٽوريَ خوشبُوءِ سين، هارِيائون هَٽ هَٽ ميان**
**مُي جو لوڙُهه لَکَن ۾**
**دَردُ منهنجي دِل جو، تُون، ڪامِلِ اَڃي ڪَٽ ميان**
**مُي جو لوڙُهه لَکَن ۾**
**اَڊيُون، عبداللطيفُ چي، سِرُ تان آهي سَٽ ميان**
**مُي جو لوڙُهه لَکَن ۾**

**راڳ معذوري جو حقابو:**

وڄت ٻول: اوميان: لاوو: مِيّان: مِيان
ماترائون: 2+1+2،2+2،2،2+2،2، 1+2
گرام: ڏيمر ٽِيپ+ زبان+ ڏيمر ٽيپ+ زبان

ڪلاسيڪل راڳ معذوري نون سُرن جو راڳ آهي. جنهن مان ست سُرَ وڏا ۽ 2 سُرَ ننڍا آهن. هي راڳ چئن گرامن وارو راڳ آهي. جنهن جي لاهي ۽ چاڙهي سُرن جي شڪل ۾ هن طرح آهي.







راڳ ڍُهر ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو 37 راڳ آهي. ڍُهر سياري جي مند جو راڳ آهي. سياري جي موسم ۾ هي راڳ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. ٻين مندن ۾ هي راڳ اڌ رات جي وقت ڳائجي. ڍُهر راڳ ڍُهر قبيلي جو راڳ آهي. تاريخي طور تي هي راڳ ٽن دؤرن وارو راڳ آهي. پهرين دؤر ۾ ڍُهر قبيلي جي پٽن، پانن يا ڍُهرن هن راڳ کي لوڪ راڳن جي اصولن موجب ڳايو- ٻئي دؤر ۾ هي راڳ روايتي پڳتي راڳن جيان حضرت نوح سرور جن جي فقيرن درگاهه تي ڳايو- ڪن نقادن، استادن هن راڳ کي ڍُهر پد ڪري ڄاڻايو آهي. جيڪو چئن پدن تي مشتمل آهي، (1) استائي پد (2) اولاٽڪ پد (3) يوڳ پد (4) ولاس پد تي آڌاريل ڄاڻايو آهي. شاهه سائين جن ٽئين پنهنجي دؤر ۾ هن راڳ کي ڪلاسيڪل سنگيت راڳ ويراڳ ۾ شامل ڪري امر بنائي ويو. هي راڳ علاقائي حوالي سان ڍُهرڪي خطي جو راڳ آهي.

**ڍُهر راڳ جا وچت ٻول:**

سائين، سائين، اَلو.

وچت ٻولن بابت مٿي ذڪر اچي چڪو آهي. هت صرف اوهان جي مطالعي لاءِ عرض ڪبو تہ راڳ جي بنياد وارا ٻول پهريان الڳ الڳ ۽ پوءِ گڏجي سپ ويراڳي ڳائيندا.

**ڍُهر راڳ جي پڙڏائي:**

**ساڳي داستان مان ڪجهہ ڏوهيڙا،**
**ڪَرڪي ڳالهڙيون، ڪندا، ڊِورَ ڏُٽِيُنِ جُون**
**ڪِئَن سي راتڙِيُون، ڪَنهِن پَرِ ڏِينهَن گُذارِيَئِي؟**

—

**ڪرڪا ويهي ڳالِ، ڪَندا، ڊِور ڏُٽِيُنِ جي**
**هِيڙِي اَڄُ حَالِ، ڏُکيا ڏِينهَن گُذارِئِين.**

—

**ڪَندا، تو وَٽان، سَڄُ سيٺَن لَڌئو؟**
**مَڃَرَ تو مَٿان، ڇَٽِيو پَوَنِ ڇُڳا ڪَيو**

—

**جان تو هُئڙو وَڏُ، ڪَندا، ڊِورَ ڏُٽِيُنِ جو**
**پاٽان ڏيئي ڏُڏُ، موري مَڃَرَ نہ ڪَرِيين**

—

**جان تو هُئڙو سُورُ، ڪَندا، ڊِورَ ڏُٽِيُنِ جو**
**مَٿي لامُنِ پُورُ، موري مَڃَرَ نہ ڪَرِيين**

—

**ڪَندا: تُون ڪيڏو؟ جَڏهِن پَرِيو ڊِورُ وَهي**
**جَسُودَنِ جيڏو، توڪو گڏيو پَهيڙو**

—

**سَڄَ ڪِ سُڪو ڊِورُ، ڪَنڌِيَ اَڪَ ڦلاريا**
**جُنگِنِ چِڙيو جورُ، سَرَ سُڪا سُونگي گيا**

—

**ڏوهيڙن وسيلي محفل تي راڳ پڌرو ٿيو.**

—

**وائي:**

**هِي سَپِ هَلَڻَ هارا،**
**ڪونہ رَهَندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون**
**اَڏِيا رَهَندا اِتَهين، هِي سَپ ماڳ موچارا**
**ڪونہ رَهَندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون!**
**جَنِ کي باشاهِيُون بُلَنديُون هُيُون، سي وِيا ڇَڏي ويچارا**
**ڪونہ رَهَندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون**
**ڪُلُّ نَفْسٍ ذائِقَتُ الْموتِ، سَمَجهجُ اِهي اِشارا**
**ڪونہ رَهَندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون:**
**ڏاڙو ڏَڙِي اُتَهين بَخشائِيندو بَدڪارا**
**ڪونہ رَهندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون**
**اَلا: عَبْدُ الْلَطِيفُ جي، اُتِ سَتُرُ ڪَجُ سَتارا**
**ڪونہ رَهَندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون**

—

**راڳ ڍُهر جو حقابو:**

**وچت ٻول:** سائين: سائين: اَلو:

**ماترائون:** 2+2، 2+2، 2+1

**گرام:** ٽيپ، زبان، گهور

ڪلاسيڪل راڳ ڍُهر ڇهن سُرن ۽ ٽن گرامن وارو راڳ آهي. هن راڳ ۾ پنج وڏا سُر ۽ هڪ ننڍو سُر آهي. هي راڳ مٿيين گرام ڪان شروع ٿئي ٿو، صفا هيٺين گرام تي پهچي، وچين گرام تي پورو ٿئي ٿو. هن راڳ جي لاهي چاڙهي سُرن جي شڪل ۾ هن طرح آهي.







ڪلاسيڪل راڳ ڍُهر شاهه سائين جن سٺ واري جمار جي ڍاڪي ۾ تيار ڪري ڳائي وڄائي امر بنايو. ڪلاسيڪل سنگيت نامي جا راڳ موسمن پٽاندر هيٺين ريت ڳايا وڃن ٿا.

**موسم بهار جا راڳ:**

(1) ڪلياڻ (2) جمن ڪلياڻ (3) ڪنيات (4) بسنت بهار (5) بروو (6) ڊول مارو (7) مارئي (8) آسا (9) ڌناسري (10) ويراڳ. بسنت بهار جي مند انسان ذات جي دلپذير مند آهي. هيءَ هڳاءَ ۽ خوشبو جي موسم آهي، تنهن ڪري شاهه سائين جن هن مند کي رنگين راڳ ڏنا آهن ۽ هن مند کي وڌيڪ رنگين بنايو آهي.

**اُنهاري جي موسم جا راڳ:**

(1) ديسي (2) آبري (3) معذوري (4) ڪوهياري (5) حسيني (6) ڪيڏارو (7) شينهن ڪيڏارو (8) سارنگ (9) مومل راڻو (10) ليلا چنيسر (11) مانجهہ يا هير رانجهو.

**سرءُ جي موسم جا راڳ:**

(1) سري راڳ (2) سامونڊي (3) سُهڻي (4) ڪاموڏ (5) گهاتو (6) سورٺ (7) جاجڪاٽي (8) ڪاهوڙي (9) ڪاپائتي (10) رام ڪلي.

**سياري جي موسم جا راڳ:**

(1) بلاول (2) رِپُ (3) پورب (4) پرڀاتي (5) ڪارايل (6) ڍُهر.

سائين منهنجا تصوف يا تصوف جا تبليغي اصول نہ ويدانيت جهڙا آهن، نہ يورپي صوفي ازم وارا آهن، نہ بدمت جهڙا آهن. اڳواڻ صوفين جا عملي اصول هن طرح آهن: (1) صوفي گوشانشين آهن. اها صوفين جي غارحرا واري سنت آهي. (2) صوفي خرقاپوش آهن. اها صوفين جي ڪاري ڪملي واري سنت آهي. (3) صوفي صاحب ڪتاب آهن. اها صوفين جي قرآن ۽ حديث شريف واري سنت آهي. جهالت سان جنگ جو اهوئي وڌ هٿيار آهي. (4) صوفي پنهنجن حجرن ۾ مدفون آهن. اها مدني حرم پاڪ واري سنت صوفين اپنائي آهي.

قول، قوالي، غزل، ڪافي، بيت، وائي ڳائي محفل کي جهومائڻ، محفوظ ڪرڻ، اهو هر هڪ خطي جي فني مهارت جو عڪس آهي. اهي اهلِ عرب ڪان وٺي خليج فارس ۽ برصغير تائين انهن جي محفل جا تبليغي نيم نمونا آهن. هر هڪ صوفي پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پنهنجو بااثر طريقو استعمال ۾ آندو آهي.

شاهه سائين جن وائي ۽ بيت جو عمدو ۽ ڪلاسيڪل نمونو تيار ڪري، سڄي سنڌ ۽ برصغير کي هڪ لافاني اعزاز سان نوازيو. سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو بنياد رکيو، ڳائي وڄائي امر بنايو. ■



# قالوبلا



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

وارث خواب ۾ عرشنا سان اڏرندو روم جي کنڊرن ۾ لٿو ته رات ٿيڻ واري هئي. لهندڙ سج جو اڌ حصو ان مينار سان ڍڪيل هيو جنهن مينار تان اقطاديانوس جي پهچڻ کان اڳ نوجوان نارين ٽپا ڏئي عزت بچائي هئي. لهندڙ سج جو ظاهر ٿيندڙ اڌ حصو شرم کان ڳاڙهو ٿي چڪو هيو. هو رات کنڊر جي ان بت جي پناھ ۾ ستا جنهن بت اڳيان جوليس سيزر قتل ٿيڻ کان هڪ رات پهريون آيو هيو. چيلھ مان تلوار ڇوڙي بت جي قدمن ۾ رکي هئي. گوڏن ڀر ويهي پنهنجي وڏي ڄمار لاءِ دعا گهري هئي ۽ بت جي پاسن کان ٻرندڙ مقدس باھ مان هٿ ڦيري پيشانيءَ تي گهمايا هيا. جڏهن پٽ ورائي واپس وڃڻ جي ڪئي ته وارث عرشنا سان گڏ بت پويان نڪري سندس سامهون آيو.

”اي تهذيبن جا فاتح.“ وارث چيو، ”موت کي شڪست ڏيندڙ بهادر سردار. محل جي ميخاني ۾ سنگ مرمر جي صراحيءَ مان ٻه ڍڪ مڌجا ڏئي ته عرشنا جي چپن تي رکي سندس سرخي واپس ڪري سگهان. گهوڙي جي چيلھ سان ٻڌل گودڙيءَ مان انسانن جون ٻوٽيون ٿالھ ۾ وجهي ڏي ته عرشنا جي وجود جي مرمت ڪري سگهان. تنهنجي جتيءَ ۾ اڃا مصر جي مٽي لڳل آهي. ڪلهن ۾ اڃان قلوپيٽرا جي ساهن جي خوشبوءِ مهڪي ٿي. هٿن جون مٺيون کول ته ڦاٽل رنگ اڏامي عرشنا جون اکيون روشن ڪري سگهن. اي ارڏا انسان، ٻانهون اڏاريون ڏي ته عرشنا جي روح جي حفاظت ڪري سگهان. تلوار حوالي ڪر ته ان واڍ ڪي وڍي وجهان جنهن ۾ عرشنا لڙڪي ٿي. انهن زنجيرن کي ڪٽي وجهان جن ۾ روح قيد آهن.“

جوليس سيزر ڪيس حيرت مان ڏسندو رهيو جيئن هو ٻه خواب ۾ محو هجي. اوچتو سج اپريو. بت جي پاسن کان مقدس باھ اجهامي وئي. روشنيءَ ۾ پٿر جو شهر نروار ٿيو. سيمينٽ جي ستن پاون تي بيٺل عمارت ظاهر ٿي. اڳيان هڪ چوراهو هو جتي بروٽس چوڏهن ساٿين سان خنجر ٻاهر ڪڍي سيزر جي وجود کي چيري هيٺ ڦٽو ڪيو. مرڻ کان اڳ سيزر بروٽس ڏي منهن ڪري افسوس مان چيو.

”بروٽس، يو ٽو؟“

هن ويڙهيل چادر منهن تي ڏني ۽ مري ويو.

سيزر جو موت ڏسي وارث سوچيو. جيڪو پنهنجي حياتي نه بچائي سگهيو. عرشنا کي موت کان ڪهڙي پناھ ڏئي پئي سگهيو. هن پري کان مرداني وجاهت واري انٽونيءَ کي ڏٺو. اڌ اگهاڙي ورديءَ مان سندس ڄنگهن جا سٽر ديوتا جي بت کي سهارو ڏئي بيٺل پاون جهڙا هيا. ان جي تلوار مياڻ اندر سيزر جي خون جو بدلو وٺڻ لاءِ عاشق جي دل جيان بي قرار هئي. هو سمنڊ ڪناري ان قلوپيٽرا جو استقبال ڪرڻ وڃي رهيو هيو جيڪا سيزر جي اڌ بستر جي مالڪ هئي. قلوپيٽرا جيڪا اسپيني قالين ۾ ويڙهيل حبشي واپاريءَ جي ڪلهي تي رکيل لڪيل حسن جو اڻ ڏٺل جلوو هئي. قالين مان نڪتي ته جولس سيزر جي شهوت چرڪ ڀري جاڳي پئي. هن قلوپيٽرا جي ٻنڊڻن تي سيني فتحن کي قربان ڪري ڇڏيو.

قلوپيٽرا کي بي درديءَ سان قتل ٿيل سيزر جو ايترو ڏک نه ٿيو، جيتري خوشي انٽونيءَ جي وصال مان حاصل ٿي.

قلوپيٽرا جي جسم تي انٽونيءَ جي چمين جا نشان چاٻيءَ جي سوراخ جهڙا هيا جتي بند دروازي پويان شفا جي ديوي مالها پائي ويٺل هئي. وارث چمين جي نشانن ۾ شفا جا دروازا ڳولهيا. هن ڏٺو قلوپيٽرا جي اگهاڙي ٻانهن تي بازو بند جيان هڪ ننڍو نانگ ويڙهيل هيو. نانگ جون اکيون ڪليل

هيون. اهي اکيون اسڪندريا جي اوچي قُبي تي ٺهيل شمعدان مان بلند ٿيندڙ روشنيءَ ڪري پيدا ٿيندڙ انهن عڪسن کي ڏسي رهيون هيون، جيڪي انٽوني ۽ قلوپيٽرا جا هيا. تيز ساهن جا آواز جيڪي طوفانن کان گهٽ نہ هيا جن ۾ اٿندڙ لهرن ڪري حملي آورن جا ٻيڙا ٽٽي اونڌا ٿي ويندا آهن.

اسڪندريا جي ويران محل ۾ جڏهن شڪست يافتا انٽوني مڏي تلوار زور سان سيني ۾ لاهي آپگهات ڪيو تہ وارث ٻڪندو اهي ڏاڪٽيون چڙهيو جيڪي قلوپيٽرا جي اڱواٽ اڏايل عاليشان مقبري طرف وڃي رهيون هيون. اتي پهتو تہ ڏٺو اداس قلوپيٽرا جا اڇا ڪپڙا ڪاحل سمنڊ جي واءُ ۾ ڪرڙيءَ جي ڪَتيل پُڇ جيان ڦڙڪي رهيا هيا. هن اڳتي وڌي قلوپيٽرا کان اهو نانگ گهريو جيڪو ڪيس ٻانهن ۾ ويڙهيل هيو.

”تنهنجي سونهن جي درياهہ ۾ زندگي تري ٿي.“ هن چيو، ”تنهنجون اکيون حياتيءَ جي پوري بدن تي ٻہ ڪاراتر آهن. تنهنجن ڳاڙهن چپن جو چير موت جي وجود تي خنجر جو گهاءُ آهي.“

قلوپيٽرا اداس هئي. مٿان مقبري مان اسڪندريا جي اڳيان ڪاحل سمنڊ جون پرجوش ڇوليون ڏسي رهي هئي. شيشي جهڙي سمنڊ ۾ آسمان جو چهرو پگهل هيو. قلوپيٽرا تي وارث جي تعريف جو ڪو اثر نہ ٿيو. مقبري جي ونگ کان ڏور آسمان جي آخري لڪير جي ٻئي طرف جهازن جا لهرائيندڙ سڙهہ ڏسي رهي هئي. وارث وري ڳالهايو.

”اسڪندريا جي گهٽين ۾ اهي افواهون آهن تہ تنهنجي ٻانهن ۾ ويڙهيل ننڍڙي نانگ جي ڳلي ۾ جيڪا مڻ آهي اها مرندڙ کي زندگي عطا ڪري ٿي. عرشنا جي بستر جي ڪٻي پاسي موت ڪاري چادر ۾ منهن ڍڪي خاموش بيٺل آهي. اهو نانگ ڏي تہ آستين ۾ وجهي موت سان هٿ ملائي ان کي ماري وجهان.“ قلوپيٽرا جي ڪارين اکين مان ڳوڙها هٽن تي ڪريا ۽ ڪجل ڪاريهر جيان هٽن تان هيٺ رڙهڻ لڳو. سندس ساهيڙيون اڳتي وڌيون. قلوپيٽرا جي مدد ڪئي. بازو بند جهڙو نانگ چوڙي ڪيس ڏنگرائي وڌو. ڏنگ وٽان ظاهر ٿيندڙ زهر جو سائو ڳوڙهو ابليس جي اگڻ ۾ لڳل گناهن جي وڻ مان ڇٽيل پن جهڙو هيو.

قلوپيٽرا مري وئي. عرشنا جيئري هئي. وارث هڪ خواب جهڙو هيو. سنڌو ماتري ۾ پيدا ٿيندڙ ڪپهہ جهڙو هو. هو هندي سمنڊ جي ٻاڦ مان ٺهيل اڇو ڪنگ پکي هيو. سپنن جو سنسار هيو جنهن ۾ ماٺهو جل جا ٺهيل هوندا آهن. شفاف ماڻهو سندن سيني ۾ دل صاف نظر ايندي آهي، ڌڙڪندڙ آڪيري ۾ آرو ڪندڙ جنهن هيٺ زندگيءَ جا آنا ڦٽڻ جي انتظار ۾ هوندا آهن. هو ڪجهہ نہ هيو، بس عرشنا جو عاشق هيو. حياتيءَ جو متلاشي هيو. سندس زندگيءَ جو مقصد عرشنا جي زندگي هيو. عرشنا جيڪا بستر تي سندس سيني ويجهو ساهہ کڻي رهي هئي. ان جا گرم ساهہ جيڪي زندگيءَ جي علامت هيا، جن جي گرمائش ۾ زندگيءَ جي دوزخ جي ڄرَ هئي. گرمائش ۾ عرشنا جي اندر رڙيون ڪندڙ هزارين حسرتن ۽ آهن جا آواز هيا. هو خوابن ۾ سيني پرسان عرشنا جا گرم ساهہ محسوس ڪري پيرين اگهاڙو گرم واريءَ تي هلندو رهيو. اڏامندو رهيو. سندس پر عرشنا جا پر هيا. اها عرش ۾ اڏامندڙ ان پريءَ جيان هئي جيڪا هيٺ وادين ۽ صحرائن ۾ وڃائجي ويل طلسمي چڙيءَ کي ڳولهيندي هجي جنهن ۾ زندگيءَ جا ڳجهہ سمايل هجن.

هن ڏٺو مصر جي بيابانن ۾ وڃونءَ جيان پيچ مٿي ڪري گهمندڙ اگستوس ڪاوڙ مان پٽرن کي ڏنگي رهيو هيو. سندس ڏنگ کان پهاڙ پئي لڏيا. اگستوس جڏهن اسڪندريا پهتو تہ هو فاتح هوندي بہ هارايل هيو. سندس سامهون قلوپيٽرا ۽ انٽونيءَ جا لاش رکيل هيا. هن ڪڏهن زندگيءَ ۾ لاشن جو پيار نہ ڏٺو. فاتح اگستوس تلوار اڇلي هار جو اعلان ڪيو. هن چيو.

”انهن کي دفنائڻ کان اڳ منهنجا هٿ ڪرائين کان ڪٽي انهن جي قدمن ۾ رکيا وڃن.“

اگستوس هٿ ۾ مٽي کڻي چوٽڪاري جي دعا گهري ۽ اها قبر ۾ اڇلائي. وارث اهو سڀ اڳواٽ اڏيل ان مقبري تان ڏسي رهيو هيو جتي جهنگلي ڪبوتر جي صورت ۾ ويٺل هيو. پر هٽندو هيٺ لٿو ۽ هن اگستوس کان زيتون جي اها ڏانڊي گهري جيڪا سندس مٿي چوڌاري ويڙهيل هئي.

”اها ڏانڊي منهنجي حوالي ڪر تہ ڇهنب ۾ وجهي عرشنا ڏي اڏامر ڪيان. سندس وجود کي ويڙهي ناسورن کي قابو ڪري ٻڌي ٻاهر اڇلايان. اها چڙي جنهن ۾ ديوتائن جو واس آهي. ديوين جي زلفن جو زعفران آهي. ڏي تہ عرشنا کي امر ڪري وجهان. ستل صحت کي جاڳائي موت کي مات ڏئي سگهان. مان ڪشڪول جيان ڇهنب کولي بيٺل آهيان. اها مٿي تان لاهہ ۽ ڇهنب ۾ اٽڪاءِ.“

اگستوس زيتون جي ڏانڊي لاهي هن حوالي ڪئي. هو جڏهن اڏاڻو تہ اسڪندريا مان نڪرندي ڪيس رات ٿي وئي. اهو ساڳيو وقت هيو جڏهن يروشلم ۾ عيسيٰ جو جنم ٿي رهيو هيو. (هلنڊ)

**روپ راهي کي شادي مبارڪ**

نوجوان شاعر ۽ سوجهرو ساٿي روپ راهي کي شادي جون لک لک واڌايون.

- ادارو

**سالگره جون واڌايون**

سوجهرو ساٿين ۽ همعصر عهد ۾ نمايان جاءِ والارِپندڙ اديبن، شاعرن، نقادن ۽ ڪهاڻيڪارن، ڊاڪٽر بدر اُجڻ، رزاق سهتو، امين پٽو، ڊاڪٽر مشتاق ڦُل ۽ ٻين اپريل ۾ جنم وٺندڙ دوستن کي جنم ڏينهن جو واڌايون.

- ادارو



# تخليق...

## خالد راڄپر

سيئي رنگ تو ۾
سمايل ڏسان ٿو
جواني بہ تو ۾
ڇُلي ٿي نديءَ جان
درازا جي ڌرتي
ڇُمي جا پُڳي آ
ڪري ويس گيڙو
اُها شام تو ۾
لهي ٿي ٻُڏي ٿي
ڪئي سج تنهنجن
اکين ۾ لهن ٿا
ڪِٿي چنڊ تنهنجو
بدن ٿو تراشي
ستارا بہ تنهنجي
ڳِلن تي ٽڙن ٿا
لڳي عرش، تنهنجي
مَٽي جي چُني آ
پَکين جون سموريون
اُڏارون بہ توڏي
زماني سڄي جون
نهارون بہ توڏي
صَديون سال توڙي
مهينا بہ تو ۾
بظاهر حُسن جي
حَسينا بہ تو ۾
اڇن تنهنجي چيچن
جي رنگين ۾
تہ جَرڪي پون ٿا
نگينا بہ تو ۾
۽ تنهنجن هٿن جي
لڪيرن ۾ ڪيئي
لِکل شاعريءَ جا
خزانا ڏسان ٿو
۽ تنهنجي بدن جي
زنجيرن ۾ جَڪڙيل
زمانا ڏسان ٿو
دلين کي لُٽيندڙ
اَدائون بہ تو وٽ
موئن جي دڙي جون
ڪَٿائون بہ تو وٽ
محبت عبادت
وفائون بہ تو وٽ
خزان چيٽ آهن
بهارون بہ تو وٽ
ڪُهڻ لاءِ قاتل
نگاهون بہ تو وٽ
اسان کي مليون هِن
سزائن بہ تو وٽ
پناهون بہ تو وٽ.
مٿي طور سينا
چِٽا پير تنهنجا
سِگهيو وقت ناهي
ڍَڪي پير تنهنجا
ڪا تاريخ جي تون
ڪَهاڻي لڳين ٿي
ڀٽائيءَ جي واين
وراڻي لڳين ٿي
ٻُخاريءَ جي گيتن
پُڇاڻي لڳين ٿي
ڪڏهن جون جولاءِ
ڊسمبر بہ آهين
اسان کي تہ هاڻي
ڏڪائين بہ تون ٿي
جلائين ب تون ٿي
خدا جو قسم آ
هَلائين بہ تون ٿي
نہ اهڙي مِٽي ڪا
اڳي مون ڏٺي آ
هي تنهنجي بدن جي
مِٽي عام ناهي
بدن جي بناوٽ
لباسي سجاوٽ
ٻُڌائي رهي آ
تہ احمد[1] جي نظمن جي چيڪي
مِٽيءَ مان نرالو
جنم تو وَتو آ
اسان نيڻ توسان
مِلائي چِتائي
جڏهن پي ڏٺو آ
تہ تنهنجن اکين ۾
خُدا کي ڏٺو آ.

[1] سنڌ جو خوبصورت شاعر ”احمد سولنگي“

# تعزيت

سچل شناس محقق، پروفيسر شِري موهن لال پريمي ۽ ڪهاڻيڪارا ۽ شاعرا **سنڌيا شاهہ** جي وفات تي، اسين سنڌ وارثن ۽ ادبي برادريءَ سان ڏک ونڊيندي، عذرخواهي ڪيون ٿا.

- ادارو

هفتي کان پوءِ اهو ساڳيو ديوانو شخص، جيڪو ڪنهن سان به نه ڳالهائيندو هو ساڳين ڳلين ۾ ماڻهن جي اڇلايل اوبر ۽ ثواب خاطر ڏنل ماني کائيندي ڏٺو ويو. اهو ئي ٻارن جو ٽولو هن جي پنيان هو. انهن ئي ساڳين ٽڪاڻن تي ساهيون پٽي هو اڳتي وڌندو ويندو هو.

وقت جي ڦيٿي کي پلا ڦرڻ کان ڪنهن روڪيو هو. اهو پنهنجي ڏن ۾ ڦرندو ڦرندو ماڻهن جي آئيندي کي پنهنجن پاڪرن ۾ پريندو پئي ويو. هو به مهيني ۾ هڪ پيرو هفتي ڪن لاءِ ڪيڏانهن گم ٿي ويندو هو. شايد اها عورت ڪيڏانهن ڪنهي ڪٽي ويندي هيس. ڪيڏانهن؟ ڪنهن کي به خبر نه هئي. پلا هڪ ديواني ۽ مست الست ماڻهوءَ جي زندگيءَ سان ماڻهن جو ڇا ٿي ويو؟ عجيب ڪهاڻي هئي هن شخص جي! ڪنهن کي ڪو سروڪار نه هو هُن سان. انکري ڪو به اهو پتو لڳائڻ جي ڪوشش ۾ به نه هو ته آخر ان مست الست سان ان اميرزاديءَ جو ڪهڙو تعلق آهي. زال هيس، محبوبه هيس يا اڃا به ڪنهن مزار جي مالڪ هئي؟ هونئن به اسان جي ملڪ ۾ سياسي سماجي ڌريون ۽ سرڪار، انهن سيني ماڻهن کان لاتعلق هئي، جن کي هن سماج پيهو يا فقير يا مست الست نالن واري خاني ۾ وجهي ڇڏيو هو. نه هنن جو ووٽ هو، نه هنن جي ڪا راءِ هئي، نه هنن جو سماج جي ترقيءَ ۾ ڪو حصو هو، نه ڪا جذباتي زندگي! اسان ڪامريڊن به هنن کي جاگيرداري سماج جي لعنت سمجهي ڇڻ ته ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. پر ان جي باوجود هنن جو سماج ۾ وجود هو. هنن سان نه ڄاڻ ڪيترن ماڻهن جا ڪئين حوالن سان رشتا ناتا هئا. خود اسان جي ماڻهن لاءِ هو ثواب ڪمائڻ جو هڪ وڏو ذريعو هئا. ڪين مانيون کارائي ۽ خيرات ڏيئي ماڻهو پنهنجن دوستن ۽ عزيزن ۾ ڪنڌ اوچو ڪري هلندا هئا.

”فلاڻو هيترن فقيرن کي روز ٿو کارائي!“ اهڙا ۽ ان جهڙيون ٻيون وايون هنن جي سماجي اسٽيٽس جو ڪٿ ڪنديون هيون.

سو اسان مان ڪنهن جو به مٿي جو سور نه هو ته اسان هن ماڻهوءَ جي ان عجيب زندگيءَ ۾ جهاتي پائي ڏسون. انهيءَ ئي ذهني پسماندگيءَ ۾ اسان هڪ ڏينهن ڏٺو ته ان مست الست جي مٿي ۾ ڏڪ لڳل هو، جنهن مان رت سمي پاپڙين تائين وهي ڄمي چڪو هوس. ۽ هو ان جي ايذاءَ ۽ عذاب کان بي نياز هو. ٽال واري لالي جا ڇوڪرا بدستور هن جا دشمن هئا. لٺي جا داسا ڪٽي هو هن جي پنيان لڳندا هئا. پر هن کي ڪا پرواهه نه هئي. هو ان گهٽيءَ مان ضرور لنگهندو هو. رستن تي پيل اخبارون ڪٺندو هو، پلاسٽڪ جون بوتلون ڪولي ڏسندو هو. دڪانن سامهون بيهي خوبصورت ڇوڪرين جي اشتهارن کي غور سان ڏسندو هو. ان تي به اسان مان ڪنهن تحقيق نه ڪئي ته هو ايئن ڇو ڪندو هو؟

ايئن ئي هڪ ڏينهن مهيني ڪانپوءِ هو جڏهن ست ڏينهن گم ٿي وري موٽي آيو ته هن جي ڏاڙهي لٽل هئي. مڇيون ڇانگيل هئس. پيرن ۾ چائنيز چپل پيل هئس. وار به ننڍا هيس. وارن ۾ ڪنهن تيل وڌو هيس. ڪپڙا به اجرا پاتل هيس. ڳوري رنگت جو ته هو اڳ ۾ ئي هو، ويتر چنڊ ڦوڪ ٿيس ته نهايت خوبصورت ٿي پيو. مان آفيس کان ٻاهر نڪري ڪڏهن ڪڏهن اهو منظر ڏسندو هوس ته ان سواتيءَ جون ڌيئرون ٽال جي وڏي ڊِڳ پويان هن کي ويهاري ٻوڙ ماني پيون کارائينديون هيون. هو هن مٿان هڪ اضافي ڪپڙو وجهي هن جي منهن ڏي پيون ٽڪينديون هيون. هو به هنن جي عارضي سنگ ۾ ريجهيل پيو لڳندو هو. ننڍيءَ کان وڏي ڇوڪري هن جا ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي، هن جي هٿن جو ٻڪ ناهي ڪيس دعا گهرڻ پئي سيکاريندي هئي. هو جڏهن به وٽن ايندو هو هوءَ ڪيس دعا لاءِ هٿ مٿي ڪرڻ جو اشارو ڪندي هئي. پوءِ ڪڏهن ڪڏهن باندرن جيئن هو هنن جي نقل ڪرڻ لڳندو هو. جنهن تي هو ڇرڪي ٿورو پري ٿي بيهنديون هيون. ۽ هلڪيون هلڪيون تاڙيون وڄائي ڪيس داد پيون ڏينديون هيون.

پوءِ هڪ رات يارهين ٻارهين جي ويجهو ٽال واري لالي جي گهر ۾ وڏو ٻڙڪ متو. پشتو ۾ جيڪو ڪجهه هنن هڪٻئي کي چيو پئي، جنهن به ٿورو گهڻو سمجهو، هن نڪ تي آڱر گهمائي ۽ پاپڙيون پڪڙيون. لالي جي ڇوڪرن پيٽن کي ڏاڍي ڦيهه ڏني هئي، جنهن جي ردعمل ۾ ڇوڪرن جي ماءُ لالي سان گهاريل چاليهه سالهه زندگيءَ جي ڪمينٽري ڪئي، جنهن جو ڪنين ٻڌو احوال هڪڙي پاڙي واري صبح جو توبهه توبهه ڪندي اسان کي ٻڌايو. هن کي ڪانير جي ننڍي نينگريءَ جو پنهنجي پاءُ کي چيل اهو جملو ڪڏهن به ڪونه وسرندو، ”تون جو پاڙي ۾ رهندڙ شاهه جي جي نوڪر کان چم-ڪوهه ڪرائيندو آهين، تو کي اسان ڪڏهن ڪجهه چيو آهي؟“

چون ٿا ته ان صبح کان اهو مست الست وري شهر ۾ ڏسڻ ۾ نه آيو. انهن ئي ڏينهن ۾ جن جن هن کي پاڙي مان گذرندي ڏٺو هو، تن جو چوڻ هو ته آخري ڏينهن ۾ هن جي نڪ جي چوٽي ڳاڙهي هئي ۽ پاپڙين کان رت ٽمندو محسوس ٿي ٿيو. بهرحال هن جي الوپ ٿيڻ جو ڪنهن وٽ به ڪو تسلي جوڳو جواب نه هو. رڳو ٽال واري سواتي ڪانير جون ڇوڪريون ئي هيون جن ڏاڍو مطمعن ٿي چيو ٿي، ”هم ني اس ڪو ڪئي بار چاند ۾ ديکا هي!“ ■

مختيار سهتو

# رحم جي اپيل...

منهنجي اڪيلائي، منهنجي لاءِ ماڻهن کي
ڳونگو ڪري ڇڏيندي آهي
يا اُن گهٽيءَ جي تصوير جهڙو
جنهن ۾ ماڻهو پُنيرا پيا وڃن
۽ آئون ڪرفيو بازار ۾
فڪر ۾ ورتل فوجي جيئن ٿي ويندو آهيان
جيڪو مٺائيءَ جي پوسٽر تي، مٺائيءَ جا قسم ڏسي
بُک ۾ ٺوهر ٿي ويندو آهيان.
منهنجي اڪيلائي،
سياري ۾ راند دوران بلور سان
بلور کي لڳندڙ ٺڪر
لاٽون راند دوران لاٽون کي لڳندڙ ڇُگهه
فُٽ بال ۾ ڏڄندڙ بال
هڪ چولي ۾ مال چاريندڙ ميرا ٻار
ڪرايو نه هوندي بس مان لاٽل پوڙهي
آرام جي عمر ۾ ريڙهو ڌڪيندڙ پوڙهو
۽ جَمر جَمان سلطان جي ڪوپڙيءَ کان ويندي
هُن عاشقانه مزاج دل رکندڙ، ڪاري ڇوڪريءَ
(جنهن کي ڪنهن به پنهنجو نه ڪيو)
تائين رحم جي سمنڊ ۾ قطري جيئن وڃائي
ڇڏيندي آهي.
منهنجي اڪيلائي، سوچيندو آهيان
چُپ ڏسي مونکي چريو چوندو آهين
۽ مون ۾ رحم جي اپيل جهڙو اظهار
ڪُر ڪٽي بيهندو آهي
ڪجيءَ جي وڻ جيان
جيڪو خزان ۾ به ڪپڙا نٿو لاهي.*





غلام آدرش

نيڻ منهنجا پنا ساڪ ڏيندا سدا
تو لئہ هر هر رُنا ساڪ ڏيندا سدا
خط بي انت توڏي جي مون ها لکيا
رُت ۾ ڳاڙها پنا ساڪ ڏيندا سدا
دل کي دلبن ۽ وعدن سان وندرايو تو
واٽ تي سي ڇنا ساڪ ڏيندا سدا
روپ هُن جي اڳيان طلسمي ها گهٽا
ٿي ويا سي فنا ساڪ ڏيندا سدا
مون ڪٽي درد کي آ وساريو پرين
لڙڪ تو جي ڏنا ساڪ ڏيندا اسدا.



# نقشِ قدم



## انور شيخ

نئين ڪلاس ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو ٿيلهو ڪتابن جو هٿ ۾ جهليو هلڻ وارو هوس ته امان اڳتي وڌي آئي. ۽ منهنجي ڳچي ۾ تعويذ پارائيندي چيو،

”ابا پٽ، هي سائين جڙيل شاهه جو تعويذ اٿئي. مرشد جي مهر سان هو توکي ’خدو‘ ۽ خانو کان سدائين امانَ ۾ رکندو.“

اسڪول ۾ سڄو وقت پڙهائيءَ بدران مان سوچيندو رهيس، ”اهي خدو ۽ خانو وارا ڪير آهن جنهن کان سائين جڙيل شاهه مونکي امانَ ۾ رکندو؟“ اسڪول کان واپسي تي ماني ڪائيندي مون امان کان پڇيو،

”امان، خدو ۽ خانو ڪير آهن؟“

منهنجي اهڙي سوال تي ان وقت امان جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، ڪافي دير منهنجي منهن ۾ نهاريندي رهي، ڏک ڀري ڳوري آواز ۾ جواب ڏيڻ بدران دعائون ڏيندي چيو،

”الله توکي وڏي حياتي ڏيندو پٽن ۽ پوٽن جو خوشيون ڏسندين.“

۽ منهنجي ڳچيءَ ۾ پيل تعويز کي گهوريندي چيائين،

”سائين جڙيل شاهه جو تعويز تنهنجي هميشه حفاظت ڪندو.“

”پر امان...“

ماني ڪائي امان جي پير ۾ وجي ڪٽ تي وينس ۽ وري پڇيو مانس ، ”اسان، خدو ۽ خانو؟“

”پٽ، خدو ۽ خانو اسان جهڙا ماڻهو آهن. ڏاڍا زورا ور آهن تون پاڻ کي انهن کان پري پيو رکجانءِ.“ امان وري به ڳالهه کي ڳجهارت بڻائي ڇڏيو.

”الله جا پيدا ڪيل اسان جهڙا ماڻهو آهن ته پوءِ مان انهن کان ڇو پري رهان؟“

”الله هر قسم جا ماڻهون پيدا ڪيا آهن، ڪي برا ته ڪي ڀلا. خدو ۽ خانو الله جا خلقيل اهڙا بندا آهن جيڪي جڏهن هيءَ دنيا نهي هئي ته پيدا ٿيا ۽ قيامت تائين رهندا، اهي نه پوڙها ٿيندا آهن نه ئي مرندا.“

”اهو وري ڪيئن؟“

مون اجا وڌيڪ حيران ٿيندي پڇيو.

”بس اهو راز خدا خود ڄاڻي ٿو بندو بي خبر آهي. مونکي ايتري خبر آهي ته اهي خطرناڪ آهن، اسان سڄي عمر انهن کان ڊڄي گذاري آهي ۽ توکي به انهن کان خبردار ڪيان ٿي.“ امان مونکي ڀراٽڙي پائي منهنجي نرڙ تي چمي ڏيندي چيو.

*

اسان جو پاڙو شهر جي ٻاهرين پاسي ڪچي آباديءَ ۾ آهي، هتان جا ماڻهون ڳوٺاڻي ۽ شهري مليل جُليَلَ ماحول ۾ رهن ٿا. اٽڪل هر گهر ۾ ڪونه ڪو چوپايو موجود آهي. ڪٿي منهن، ڪٿي رڍ، ڪٿي ٻڪري ته وريو به ٿي ڪن ڳئن جا. در ٽپي اسڪول لاءِ گهٽيءَ ۾ پهتس ته مصري لباڻي جي گهر پرسان ڪافي ماڻهن جي رش لڳل هئي، گهر مان عورتن جي روئڻ جا آواز اچي رهيا هئا، پوليس جي گاڏي آئي ته ماڻهو پڙڪو ڪائي پڇي ۽ ٽڙي پکڙي ويا هڪ ڦول وارو صوبيدار گاڏيءَ مان لهي گهر ۾ داخل ٿيو ته مان به اک بچائي گهر ۾ اندر هليو ويس، ڪچي ڪوٺيءَ جي پير ۾ مال جي واڙي اڳيان ڪُتِر مشين جي ويجهو مصري لباڻي جو لاش رت ۾ ٻڏل پيو هو، مصري لباڻي جو پٽ رجب منهنجو ڪلاسي زور زور سان روئي رهيو هو، مصري جي زال پار ڪيندي صوبيدار کي ٻڌايو، ”ٻ مينهون به ڪڍي ويا منهنجو مڙس به ماري ويا.“ اتي موجود هڪ عورت ٻي عورت کي سرگوشي ڪندي چيو، ”خدو، مصري کي ماريو آهي. خدو کي پوليس ڪونه پڪڙيندي. خانو بچائي ويندس.“ خدو ۽ خانو جو نالو ٻڌندي منهنجي اندر مان خوف جي سيسراٽڙي نڪري وئي. سڄو وجود پَئوَ ۾ پرجي ويو. پنهنجو پاڻ مصري لباڻي جي لاش جيان محسوس ٿيو. اتان ڀڄس ۽ ڀڄندو رهان ٿو اڄ تائين توڙي جو هاڻي وڏو ٿي ويو آهيان منهنجي شادي به ٿي وئي آهي، امان هاڻي مرحيات ٿي وئي آهي ۽ مان پاڻ هاڻي پيءُ ٿي ويو آهيان، امان جو وڌل منهنجي ڳچيءَ ۾ سائين جڙيل شاهه جو تعويز اڃان موجود آهي، مون جهڙن مون سان ملندڙ هر ماڻهوءَ جي زبان تي خدو ۽ خانو جي ڪمن جا قصا اڃان به موجود آهن. هر ڪو ڊنل آهي، خدو ڪهڙي به وقت ماڻهن جي ڳچين جو فيصلو ڪري سگهي ٿو، هو ڪري سگهي ٿو ماڻهن جي محنت سان گڏ ڪيل ملڪيت جو محاسرو، ڪسي سگهي ٿو ڪنهن به وقت انهن کان انهن جي نياڻين جا خواب. ٽرينڪ ۾ رکيل ڏاج جا جوڙا، واليون، مينهن جي ڀن ڪنن سان گڏ، چچري سگهي ٿو ياڳين جا جسم، جدا ڪري سگهي ٿو جوان پٽن جا جوين پريل چاهه، هنن جا ساهه، جيئري ماري سگهي ٿو جيجل ماءُ، ٽاٽا آهن، ورديون آهن، سائرن آهن، سلوٽ آهن، سرواڻ آهن، سردار آهن، ليڊر آهن، اڳواڻ آهن، اڪويهين صدي آ، ميڊيا آ، حڪومت آهي، دعوا آهي. پر پوءِ به ساهه مٺ ۾ آهي منهنجو ۽ منهنجي پر ۾ بيٺل هر ماڻهوءَ جو. خدو ڪهڙي به وقت اچي مٿان بيهي سگهي ٿو ملڪ الموت

ڪان به وڌيڪ ايذاءَ ڏئي ماري سگهي ٿو. دعوا ڪري سگهي ٿو منهنجي ملڪيت تي، ماڻهن جي انبوهه ۾، ماري سگهي ٿو مون کي اڪيلو ڪري. يا چاهي ته اغوا ڪري ماري يا مالُ وٺي موٽائي. خدو الله جو پيدا ڪيل ماڻهو آهي جيڪو سڄي سماج جي ساهه جي رڳن تي هٿيار تاڻيون بيٺو آهي، جيڪو نه پوڙهو ٿو ٿئي نه مري ٿو. امان جو پارايل جڙيل شاهه جو تعويذ منهنجي ڳچيءَ ۾ موجود آهي پر پوءِ به خوف منهنجي اندر مان نڪري نه ٿو.

*

خراب رستي جي ڪري ويگن هورڀان هلي رهي آهي. هڪ همراهه ڏاڍي هيٺائيءَ مان ڊرائيور کي چوي ٿو، "ادا، ٿورو گاڏي کي زور سان هلائي ته مهل سِر منزل تي پهچون. متان خدو ۽ خانو جي ور نه چڙهي وڃون؟"

سڄي پسگردائي ۾ ڊپ جو واسو آهي. خوف ٿو ٿي روڊ جي ڏامر مان، روڊ جي پرسان وڻ ڏائڻ جهڙا ڏهڪائيندڙ ٿا لڳن- خدو ڪٿان به نڪري اچي ڦري سگهي ٿو. ماري سگهي ٿو. سڄي ويگن خوف ۾ جڪڙيل آهي. سيني جا اندر جهيٽا جهيٽا ۽ ڪاٺل ڪاٺل آهن. هر ڪو ڏڪي رهيو آهي. لمحي لمحي مري رهيا آهيون.

*

پاڙي ۾ سڀ ماڻهو صدر شير خان جي اوطاق تي ڪٺا ٿيا آهن، صدر شير خان سيني کي خدو جو پيغام پڙهي ٻڌائي ٿو، "سپاٽي سردار صاحب جي نئين پارٽيءَ ۾ شموليت جي خوشيءَ ۾ ريلي نڪرندي جنهن ۾ هر پاڙي جي ماڻهوءَ جي موجودگي ضروري آهي جيڪو نه ايندو اهو پاڻ ذميوار هوندو." سڀ ماڻهون هيسجي ها ڪن ٿا ۽ لسٽ ۾ پنهنجا نالا لکرائن ٿا. اسان جي پاڙي ۾ صدر شير خان واحد ماڻهو آهي جيڪو سدائين خوش رهندو آهي مان هن ماڻهوءَ جي اندر ڪڏهن به خوف کي ناهي ڏٺو. مسجد ۾ خدا جي خوف جا ذڪر مولانا ڪري رهيو آهي، مان خدا کي سجدو ڪندي خدو جي خوف ۾ ورتل آهيان. خدو جو خوف منهنجي اندر ۾ خدا کا وڌيڪ آهي.

*

ٽيهري جي نماز پڙهي مسجد کان ٻاهر نڪتس. ڊپ وگهي اندران ڏڪي رهيو هوس.

"يار، ڪجهه ٻڌءِ؟" هڪ واقفڪار ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

ڪلهي تي همراهه جو هٿ، مونکي نه-مٽي پٽر جي پچري وانگيان ڳرو ۽ ايذائيندڙ لڳو. مشڪل سان ڪنڌ ڦيرائي ڏٺم ته پاڙي جو علي نواز ڪُنڊيو هو.

"يار، اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي- سياري ۾ به ايڏا پگهر؟" علي نواز حيرت مان ڏسي مونکي چيو.

"..."

"ڪهڙن پورن ۾ آهين؟" هن ٻيهر پڇيو.

"..."

"خدوءَ، اڄ اسڪول کان موٽندڙ نائين ڪلاس جي اسماعيل ڇوڪريءَ کي زوري ڪٽائي ان سان پنهنجي اوطاق ۾ ڏاڍائي ڪئي آهي."

مونکي علي نواز ڪُتريي جو آواز، ڏور کان ايندڙ پڙاڏي جيان محسوس ٿيو. ۽ منهنجا ڪن بند ٿي ويا.

علي نواز کي جواب ڏيڻ بدران، آئون سهڪندي، سڌو اچي گهر سهڙيس. گهر کي اندران تالو ڏيئي پنهنجي اسماعيل نياڻن کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو. ۽ سوچڻ لڳس، "هي اسين ڪٿي اچي اڙجي پيا آهيون. ڊپ ڇٽي ڪنڌن تي ڪاريهر نانگ جيان ڦوڪون ڏيئي سڄي شهر کي هراسان ڪري ڇڏيو آهي. ان ڊپ کان ڇوٽڪارو شايد موت ۾ آهي. يا اجتماعي خودڪشيءَ ئي ان مصيبت مان نجات ڏياري سگهي ٿي؟" منهنجي سوچن جا سلسلا طويل ٿيندا وڃن ٿا.

*

اوچتو منهنجي ذهن ۾ صدر شير خان جو خيال آيو. مان صبح جو سوير وڃي صدر شير خان جو در کڙڪايو، شير خان نم جو ڏندڻ هٽندي اچي مون سان مليو اسان ٻئي وڏي ورانڊي ۾ موڙن مٿان وڃي ويناسين، مان صدر شير خان کي پنهنجي سڄي عمر واري سور کان آگاهه ڪيو، صدر شير خان منهنجي ڳالهه ٻڌي ڪجهه گهڙيون ڏندڻ روڪي چپ ٿي ويو ۽ پوءِ آڱر ۾ اٽي نلڪي تان وات ڌوئي وري اچي مون سان وينو، منهنجي منهن ۾ نهاريندي گهڻي گنڀيرتا سان چيائين، "خدو جو خوف تنهنجي رڳن مان خانو ڪيئي سگهي ٿو پر خانو خدو جو پڳ مٽ يار ۽ ساڳي ڪرت ڪندڙ ڪاروباري آهي، سو ان کي هلي ايلاز ڪرڻ اجايو آهي، منهنجي صلاح مڃي ته مان تنهنجي خوف کي تو مان هميشه جي لاءِ ڪيرائي سگهان ٿو" مون صدر شير خان کي هٿ ٻڌندي چيو، "مان خودڪشي ڪرڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان پٽيو منهنجي اندر کي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي مان جيئري هوندي به مئلن جيان رهان ٿو. تون جيڪڏهن مون کي جيئڻ جي جاءِ ٻڌائيندي ته تنهنجو احسان منهنجي پوين تي به ٿيندو."

*

شير خان مونکي پاڻ کان گڏ وٺي ورانڊي مان نڪرندڙ ڏاڪڻ چڙهي ڇت تي ٺهيل هڪ ڪمري جو ڪڙو ڪوليو پنهنجون ۽ منهنجون جتيون لهرائي ڪمري ۾ اندر وٺي ويو، پٽن تي ڪريم ڪلر جي گرافي ٽيل هئي، هلڪي نيري رنگ جو قالين وڇايل هو. ڪمري جي سامهون واري پٽ سان ڪاٺيءَ جي ننڍي سيج نموني صندل مٿان خوبصورت ڪاٺيءَ جو ڪاٺي ڪلر ۾ پالش ٿيل شيشي جي تاڪن سان شوڪيس رکيل هو جنهن جي اندر بخملي ڳاڙهي ڪپڙي مٿان به وڏا ڪارا بوٽ رکيل هئا ، صدر شير خان گوڏن ڀر ويهي شيشي جا تاڪ کولي ڪري بوٽن کي چميون ڏنيون ۽ هٿ ٻڌي پلٽي ماري رڪوع واري انداز ۾ ويهي رهيو، ڪجهه گهڙيون اکيون بند ڪري ۽ پوءِ اکيون کولي مون کي پنهنجي پر ۾ ويهاري چيائين، "هي بوٽ ۽ هنن سان عقيدت ئي توکي خوف مان نجات ڏياري سگهي ٿي." مان ورهين کان پٽيو پريو جيون جيئندڙ هيس، سو مون کي خوش گذاريندڙ بي خوف رهندڙ صدر شير خان جي پر ۾ ويٺي پنهنجو پاڻ محفوظ محسوس ٿيو. چيومانس، "سائين، مان توهان جي هر ڳالهه ۽ هر صلاح تي عمل ڪندس." شير خان بوٽن ڏي اشارو ڪندي چيو، "توکي جيڪڏهن بي خوف زندگي گذارڻي آهي هنن جهڙا بوٽ حاصل ڪري مون جيان عمل ڪرڻو پوندو."

"مان خوف ختم ڪرڻ ٿو چاهيان مان توهان جيان بي خوف ۽ خوش رهڻ ٿو چاهيان، منهنجي مدد ڪيو ۽ مون کي ٻڌايو ته مان اهي بوٽ ڪيئن ٿو حاصل ڪري سگهان" مون عاجزيءَ سان چيو، صدر شير خان وري اٿي گوڏن ڀر ويهي بوٽن کي چمي ڏئي تاڪ بند ڪيا. ۽ مون کي ڪمري مان ٻاهر وٺي آيو. ورانڊي ۾ ويهي مون کي چيائين، "هاڻي تون گهر وڃ ۽ يارهين بجي تيار ٿي اڄجانءِ."

*

شير خان جي هدايتن موجب واپس ٿيو آهيان. شير خان مون کي پنهنجي اوطاق تان جيپ ۾ ويهاري هڪ بنگلي تي وٺي آيو. بنگلي جي ٻاهران ڪافي گاڏيون ۽ موٽر سائيڪليون بيٺيون هيون، بنگلي جو مين ڪاٺيءَ وارو دروازو ٽپي پڌر ۾ اچي بيناسون. پڌر ۾ ڪافي ماڻهن جي رش هئي. چوڌاري ورانڊي ڊنل هال جي دروازي تي بندوق بردار وڏين مڇن واري همراهه صدر شير خان کي سڃاڻي اندر داخل ٿيڻ جو ڪنڌ ڌوڻي راضپو ڏيکاريو. وڏي هال ۾ قالين وڇايل هو جنهن مٿان ماڻهون پلٽي ماري وينل هئا، صوفن تي به ڪجهه ماڻهون ڪلها ڍُرڪايون وينا هئا. سامهون وڏي شاندار ڪرسيءَ تي اسان جي تڪ جو M.N.A سردار ۽ هاڻي جيڪو پارٽي بدلائي وفاقي منسٽر به ٿيو هو سو وڏي پڳ پاتيون وينو هو ان جي هڪ پاسي پويان پوليس ورديءَ ۾ تيل لڳل مڇن سان هڪ آفيسر اڪڙيو بيٺو هو ۽ ٻي پاسي اڇي سلوار مٿان بوسڪيءَ جي قميص پهريل، مٿي تي گلابي رنگ جي ٽوپي پاتل، ڪليشن ڪوف سان ڪلهن تي گولن جي بندولي پاتيون هڪ همراهه بيٺو هو. صدر شير خان M.N.A صاحب جو جهڪي سلام ڪيو. ۽ وڃي بوٽن تي هٿ رکي مليس. ۽ مون کي وٺي پوين صوفن تي پاڻ سان گڏ ويهارائين، صوفن تي وينل ماڻهو سردار صاحب جي خوشامند ڪندي هن جي ڪيل ڪارنامن جي واکاڻ ڪري رهيا هئا. قالين تي وينل ماڻهو ڏند ڪيي وات پٽي واٽڙا تي وينل هئا، صدر شير خان مون کي سرٻاٽي آواز ۾ ٻڌايو، "جنهن خدو کان توکي خوف ٿيندو آهي اهو هو اٿئي جيڪو سردار صاحب جي پويان ڪليشن سان بينو آهي ۽ وردي وارو همراهه خانو اٿئي. انهي ٻنهي جي خوف مان توکي سردار صاحب جي پيرن ۾ پاتل بوٽ سان عقيدت ئي آجو ڪرائي سگهي ٿي، تاريخ جي هر دور ۾ خدو ۽ خانو ائين ئي هر دور جي ڏاڍي سردار جا پرجهلو ٿي بينا رهندا آهن ۽ بيوس ماڻهن تي قانون ۽ هٿيار جو خوف طاري ڪري ڏاڍ جي علمبردار جا سهڪاري رهندا آهن، عام ماڻهو فقط ڳالهيون ڪندا رهندا آهن ۽ هي سڀ ڪجهه ڪري ويندا آهن جيڪو چاهيندا آهن هي نه مرندا آهن نه پوڙها ٿيندا آهن جيئن شيطان قيامت تائين جيئرو رهندو تيئن هي به هر دور ۾ جيئرا رهندا مان به تو وانگر خوف زده رهندو هيس پر جڏهن کان انهيءَ ڏاڍي جي بوٽن جي پوجا جي حد تائين غلامي ڪئي آهي، تڏهن کان دنيا جي هر خوف کان آجو ٿي ويو آهيان." شير خان سرٻاٽن ۾ وڏي تقرير ڪري ويو.

"معنيٰ؟" ڪي قدر جهڪي ٿيل ڊپ وچان مون پڇيو.

"بابلا، غلامي، غلامي." هن چيو.

"..."

"بابلا، منهنجي نقشِ قدم تي هلندين ته خوش گذاريندين." هن چيو.

۽ مان پٽيو ماري، خوشيءَ مان اوطاق مان ٻاهر نڪري آيس. ■

# پاتم جهاتي جهان ۾...



شيام ڪمار

تاريخ جي ورقن مان اها بہ سُڌِ پوي ٿي تہ هندوستان تي سوري گهراڻي ۽ بعد ۾ همايون جي مغل گهراڻي جي دور ۾ اپر سنڌ، خاص طور سکر، بکر ۽ روهڙي ناليوارا، سهڻا ۽ مالدار شهر هوندا هئا. سندن اوج ٺٽي کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ اهم ڪين هو. ظالم عيسيٰ خان ترخان جي ٺٽي تي حڪمراني دوران بکر تي سلطان محمود خان جو راڄ هيو، جنهن جي ماءُ شال ڪوٽ (ڪوئٽہ) ۽ مستونگ جي پٺاڻن منجهان هئي. عيسيٰ خان جو پٽ مرزا محمد باقي پيءُ سان بغاوت ڪري جڏهن بکر کان اچي نڪتو تہ سلطان محمود خان سندس وڏي آجيان ڪئي ۽ هڪ سال تائين سکر جي رمڻيڪ آستان تي رهائي سندس مهمان نوازي ڪندو رهيو.

اڪبري دؤر ۾ اَپر سنڌ (سکر) تي سلطان محمود جي وفات بعد گهريلو لڙائي جا بادل ڇائنجڻ لڳا هئا. بادشاهي حڪم نامي موجب ان راڄ ڪي ورهائي محب علي خان ۽ مجاهد خان نالي اميرن کي سونپيو ويو ۽ اهو بہ چيو ويو تہ اهي ٻيئي پنهنجي لشڪر کي يڪجا ڪري ٺٽي جي حاڪم مرزا محمد باقي ترخان کي سندس سرڪشيءَ جي سزا طور تَڙي ڪڍن. هڪ نئين امير گيسو خان کي جڏهن ان ورهاست سبب پنهنجي محرومي جو احساس ٿيو تہ هو اوچتو بکر ۾ وارد ٿيو ۽ سکر شهر کي مجاهد خان جي ماڻهن کان خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏنائين. سکر ۾ مجاهد خان جي ماڻهن ان شهر جي چوڌاري ديوار اڏائي سندس خوب مقابلو ڪيو. ٻنهي ڌرين جو وڏو جاني نقصان ٿيو. مجاهد خان جي ماڻهن پنهنجي سالار جي هٺ هيٺ روهڙي ۽ بکر ۾ پناهہ ورتي ۽ سکر گيسو خان جي قبضي ۾ اچي ويو.

ان بعد گيسو خان، هڪ حڪمت عملي تحت، بکر جي ڪجهہ رهواسين سان سازش ڪري روهڙي تي خواجہ خضر جي ٻيٽ وٽان (جنهن کي عام طور زنده پير سڏيو وڃي ٿو) مڙي حملو ڪري شهر کي باهہ لڳائي ۽ عام ماڻهن کي خوب لُٽيو ڦُريو. ان واقعي تي ويچاريندي ٺٽي جو منظر اکين آڏو ڦريو وڃي ٿو. جنهن کي انگريزن ۽ کانئن اڳ ارغونن ساڙيو ۽ لٽيو هو. يا بغداد ۾ هلاڪو خان جي حملي دوران هلاڪت خيز تباهي ۽ قتلام برپا ڪيو ويو. يا ان کان اڳ چنگيز خان منگول بخارا سان بہ ساڳيو ڀارڻ ڀاريو هو. ان بعد نادر شاھ دهلي جي بربادي، عام ڪوس ڪرايو هو. گيسو خان بہ پيرن جي ان شهر (روهڙي) کي باهہ ڏيئي لٽ مار ڪري پنهنجي پيش روئن ۾ نمايان ڏيکارجي ٿو. ان کان علاوه مدد خان پٺاڻ بہ سنڌين جي قتلام ۽ لٽ مار ۾ احمد شاھ ابدالي ۽ نادر شاھ کان بہ گوءِ کٽي ويو هو.

سکر جون اڻ وسرندڙ زندگي بخش يادون، سنڌ جي ثقافت سان جُڙيل مٺيادار يادگار، سنڌوءَ جي ڪنڌي تي ميداني ۽ ٽڪريلي علائقي تي، سندس مرحليوار موهيندڙ اڏاوت، سندس تاريخي جاگرافيائي اهميت ۽ بيهڪ خاص طور آبي رستي پنجاب، سرحد، حيدرآباد، ڪراچي سان قديم زمانن کان لاڳاپو ۽ ان جو سماجي، سياسي ۽ اقتصادي زندگي جي لاڳيتي اثر بابت سوچيندي منهنجي نظرن آڏو ماضي بعد ۽ قريب جا ڪيترا تهذيبي مرڪز ۽ شهر عدم جي اوڙاهہ ۾ گم ٿيل ۽ موجود آڪاش ۾ گردش ڪندڙ نکيترن جيان اڀرندا ۽ ٻڏندا رهندا آهن. انهن ۾ دجلہ فرات پرسان جادوئي شهر بابل، نيل جي ڪناري پرسان قاهره، ٿيمس جي ڪناري تي آباد هو شربائي لندن، نسين جي ڪنڌن تي وسايل تهذيب جو مرڪز پيرس، گنگا تي آباد پوتر شهر بنارس، تاريخ- جاگرافيءَ جي سنگم تي الوپ ٿي ويل بہ طلسماتي شهر جريڪو ۽ ٿيبيس، سنڌوءَ جي ڪنارن تي مٽجي ويل ڪرشن جهڙو من موهن شهر 'موهن جو دڙو' ديوين ديوتائن جو گهر اٿينس وغيره.

ان کان علاوه سنڌ تي مختلف مسلمان گهراڻن جهڙوڪ سما، سومرا، ارغون، ترخان، ڪلهوڙا- ٽالپور وغيره جي حڪومتن ۽ ايامڪاريءَ ۾ افغانستان، بلخ، بخارا، ترمذ، بغداد، تاشقند وغيره کان ڪيئي وحدت الوجودي ۽ وحدت الشهودي صوفي بزرگ ايندا رهيا ۽ پنهنجي فيض ۽ انسان دوستي ۽ ادب سان هتان جي عوام جون دليون گرمائي ڪين امن، سهپ ۽ پائيچاري جي اوچي سکيا سان منور ڪندا رهيا. سکر کي بہ اهڙن بزرگن جي آمد جو اعزاز مليل آهي ۽ سندن قبرون، مقبرا هر هنڌ ڦهليل آهن. انهن ۾ سيد خير الدين جيلاني (عبدالقادر جيلاني جي سلسلي مان) جو مقبرو 'جيئي شاھ' جي نالي پراڻي سکر ۾ موجود آهي جنهن جا متولي پيرزادي عبدالستار جا بزرگ هئا. ان کان علاوه پير عبدالباقي جو مزار ڪليڪٽري جي دامن ۾، مکي شاھ جو اوتارو جتي 'حرامي حلالي' جي سڃاڻپ لاءِ هڪ آرپار نڪرندڙ زمين دوز سرنگ آهي.

شهر کان ٿورڙو ٻاهر هڪ ٽڪر تي 'آدم شاھ ڪلهوڙي' جو مقبرو بہ آهي جيڪو پنهنجي دور جو بدنام شخص هو ۽ ڪنهن لڙائي ۾ مارجي ويو. ۽ سندس پوئلڳن ڪيس پير بڻائي ان ٽڪري تي سندس مقبرو اڏيو. ريلوي اسٽيشن جي پڪَ تي 'لاکي پير' جو ٽڪر تي ٺهيل مقبرو ۽ ان جي دامن ۾ هيٺ گندرف واري پاڻي جو چشمو آهي جتي ڦٽن ڦرڙين ۾ مبتلا مخلوق سنان ڪري صحتياب ٿيندي رهي ٿي. انهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيئي مقبرا ۽ قبرون ڦهليل آهن جتي گهڻو ڪري موالين جا ميڙاڪا هوندا آهن ۽ ڀنگ جون جمنيون ٺمٺار ڪري پيتيون وڃن ٿيون. ساڪو زندگي جو اهو رخ بہ عجيب ضرور آهي. پر ساڳئي وقت دلچسپ ۽ وڻندڙ بہ آهي. (ساڌ ٻيلي ۽ منزل گاھ مسجد جي سامهون واٽر ٽينڪ واري ٽڪر تي 'نوگزي' پير جو مقبرو بہ ڏسڻ وٽان آهي.)

سکر ۾ ويهين صدي جي چاليهين واري ڏهاڪي جي آخري ورهين ۾ اسان جي ڪوئينس روڊ واي گهر ۾ ڪئين قسمن جون ناياب چيزون گڏ ٿي چڪيون هيون. ٻهرين تہ هڪ پڪسري ڪمري ۾ شيوَ جو خوبصورت مندر (سنہ 1942ع) جو تعمير ٿيل) هيو جنهن اندر سهڻو ڪارو پٿرائون شِوَلنگ استاپن ٿيل هو (جيڪو ڪنهن جبري ۽ ديوهيڪل آفريڪي نيگرو جي فلاڻي شيءِ سان مشابهت رکندڙ هيو) ۽ ان جي چوگرد سنگ مرمر مان پاروتي، برهما، گنيش ۽ نندي (شو جي سواري وارو ڍڳو) جا اعليٰ فني چابڪدستي سان تراشيل مجسما نصب ٿيل هئا. مان ۽ منهنجي امڙ نهايت عقيدت ۽ پيار سان انهن جي پوڄا ڪندا هئاسون. ان وقت مون مٿان ناستڪواد جي هُما براجمان ڪونہ ٿيل هئي.

اهي درلڀ شيون گهڻو ڪري لڏپلاڻ وقت ڪجهه لڏي ويل يا هندوستان ويندڙ گهراڻن ذريعي پلئه پيون هيون جن سان اسان جو گهرو سنبنڌ رهيو هو. انهن شين ۾ ٽين جي توتاري وارا برطانيه جا ٺهيل هزماسٽرس وائس وارن جا مختلف رنگن ۽ ماڊلن جا ٽي عدد فونا به هوندا هئا. انهن سان گڏ ساڳي ڪمپني جا ڪاري پلاسٽڪ جا سوين رڪارڊ به هئا جن مٿان فرمانبرداري سان ويٺل ٻڌندڙ ڪتي جي مورت ڇپيل/ اُڪريل هوندي هئي. (هتي حفيظ شيخ جي disputed کهاڻي هزماسٽرس وائس ياد اچي رهي اٿم) ان دور ۾ اهي شيون اڻلڀ، قيمتي هئڻ ڪارڻ ڪن خاص گهراڻن ۾ ئي ڏسجڻ ۾ ايندڙيون هيون. انهن رڪارڊن ۾ ڪانن ديوي، بيگم اختر، اميربائي ڪرناٽڪي، ڪي سي ڊي، ماسٽر مدن، پنڊت ڪنوررام، ماسٽر چندر، زهره ٻائي انباله والي، ڪي ايل سهگل، مائي جيوڻي جا دل ۾ پيهي ويندڙ، سوزگداز سان جهنجهيل سون ورنا آواز ۽ آلاپ سمايل هوندا هئا، جن اندر ڪلاسيڪي سرتال ڪان علاوه هلڪيون سَلڪيون ڌنون به موجود هيون.

*تيری گٹھری میں لگا چور مسافر*
*دیکھ ذرا*

—

نالي الڪ جي ٻيڙو تار منهنجو
نڌر آهيان نماڻي

—

ڪانگا ڪر ڳالهه مون سان منهنجي مارُوئڙن جي
مارُوئڙن جي سانگيئڙن جي

—

ڪنهن نه جهليا، ڪنهن نه پليا، هتئون ويم هاڻ
ويرا ڳي وطن لئي.

—

يا پيرين پوندي سان، چوندي سان،
او! رهجو رات پنيور ۾.

اسان سنڌين جا پنهنجا الڳ ٻول، سُر، ساز، لئه ۽ آواز آهن جيڪي صدين جي ثقافت ۽ تهذيب ذريعي اسان جي مخصوص جبلت، خمير ۽ سياءُ جو اڻ ٽٽ حصو بڻجي روح ۾ رچي ويا آهن. اسان جي سازن ۾ نڙ، گهڙو، الغوزو، بانسري، چنگ، شهنائي، طنبورو يا دنبورو، چپڙي، چڙا، يڪتارو، گهنگهرو، ڇير، ٻوڙيندو، جهانجهه، دهل وغيره اسان جي ذوق ۽ شوق ۾ اوليت ماڻين ٿا. اسان جي گهر ۾ گهڻو ڪري مٿيان سڀيئي ساز موجود هئا.

ان زماني ۾ شاعري جي صنفن ۾ ڏوهيڙو، بيت، ڪافي، وائي ۽ انهن جو منفرد صوفياڻو رنگ اسان مٿان گهرو چڙهيل هوندو هو. هينئر ان شاعري اندر نيون صنفون جهڙوڪ غزل، نظم، گيت، مسدس، قطعه، رباعي، سانيٽ، هائيڪو وغيره به 'سنڌي رنگ' ۾ آنديون ويون آهن. پر ڦهريائين ڄاڻايل صنفون 'راڳ ۽ ساز' سان هم وجود ٿي سموري سنڌ جي روح کي جاڳائي 'ٿاندو' ناچ جهڙي ڪيفيت طاري ڪرڻ جو وسيلو بڻبيون هيون، جيئن شاهه سائين چيو آهي:

**'او ڪو پيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ ڪي'**

ويهين صدي جي چاليهن ۽ پنجاهه جي ڏهاڪن ۾ سکر شهر اندر گهڻ-ماڙ جايون ڪين هونديون هيون. رستا صاف ڪشادا هوندا ها صبح جو پنڀرڪي مهل جمعدار انهن کي ٻهاري ڏيئي صاف ڪندا هئا ۽ شام جو ميونسپل جون ٽينڪر گاڏيون انهن تي ڇڻڪار ڪري رستين جي دَزَ کي دٻائي سنوتيو ۽ ملوڪ بڻائيندڙيون هيون.

اسين پنهنجي اسڪول مان پڙهي 'هوم ورڪ' پورو ڪري اِتي ڏڪر، چڏن يا ڪوڏين جي راند رِمندا هئاسون. شام جو باغ ۾ 'ڪوڏي ڪوڏي' لاءِ تيار ٿي وڃڻ روز جو شغل هوندو هو. ان راند ۾ ايتري مهارت حاصل ڪري ورتي هئم جو پاڻ ڪان وڏي عمر وارن رانديگرن کي به 'اڏامندڙ ڪئنچي' هڻي سوگهو ڪرڻ پنهنجي ڏائي هٿ جو ڪيل سمجهندو هيس. پرپات ويلي اٿي ڪري باغ ۾ 'يوگا آٽسن' ڪسرت جي ٻين طريقن جهڙوڪ ڏنڊ، بيٺڪن، تيز ڊوڙڻ، وزني پڇريون ڪڻڻ وغيره جسم کي پنهنجيءَ طبعي عمر ڪان وڌيڪ رک جيان سخت، وٽيل سٽيل ۽ مضبوط بڻائي ڇڏيو هو، انڪري سکر ۾ ڪوڏي ڪوڏي جو چيمپئين ليکيو ويندو هيس. رات جو دير تائين اک ٻوٽ، ۽ ونجهوٽي، جيڪا گهڻو ڪري پارسي ڪالوني يا ڪليڪٽري هيٺان ڪشادي رستن تي کيڏي ويندي هئي، زندگي جي نيمن جو لازمي حصو هوندو هو. بلڪ واري جي پرپل ٻاچڪن تي باڪسنگ جي پرئڪٽس به ڪندو هئس جنهن بعد ۾ پاڙي، ۽ آس پاس جي محلن اندر نامي گرامي ويڙهو گهٽو بڻائي 'داداگير' طور مشهور ڪري ڇڏيو هو. پاڙي ۽ پسگردائي ۾ موجود جيڏن سرتن يا پاڻ ڪان ڪجهه وڏي عمر جي رولو، ننڍڙڪن، ڦڏئي، اوباش ۽ ڏڪاڻيل ڇوڪرن جو 'دادا' بڻجي ويس. هندوستان مان ترجي نڪتل پيلي ڀيٽ، رامپور، الهه آباد، مراداباد وغيره جي پناهه گير ڇوڪرن جيڪي نفرت جي جامي ۾ لپٽيل، ۽ بدبودار ذهنيت ڏاريندڙ ۽ هندودشمني جون جڻ مجسم هوندا هئا انهن ڪان نندي جمار ۾ ڳلين جي موڙن ۽ لنگهن وٽ، ليوڪس پارڪ جي ڪنڊن پاسن، اپرڪوئينس روڊ، والس روڊ تي خوب مارون ۽ موچڙا ڪاڌا هئم. اهي ڪترپنتي گڏجي گُڏَ به کيڏندا هئا ۽ چوندا ويندا هئا "مار سالي، سمواڪو، سالا هندوڪابچا، حرامجادا، پڪڙيئو، مت ڇوڙيئو، ڪافر، ڪافرڪي اولاد....." دادا بڻجڻ بعد (ورهاڱي ڪان اڳ مشن روڊ جا رهاڪو سکر جا مشهور گوپ شودو ۽ موهن شودو پناهگيرن جي آمد ڪان پوءِ منهنجا 'آدرش' هوندا ها) مون به پنهنجي ڪاٽڪو ۽ پشاچ دوستن جو ٽولو ٺاهيو جنهن ۾ اِلو (الاهي بخش)، سِڪو (سڪندر) گُلو، لطيف، يارو، اسماعيل، هولو وغيره خاص ويڙهو گهٽا هوندا هئا ۽ پوءِ انهن پاڙجي ٽنبن 'حرامجادن' ڪان وياج سميت خوب حساب چڪايم. نَڪَ گيس، ۽ 'فلاڻي' گيس سندن لئه ڇڻ روز جو معمول بڻجي وئي. ايندڙ وقت ۾، عمر جي واڌ سان، هنن مان ڪجهه نه صرف منهنجي پشاچي ٽولي جو ڪارائتو حصو بڻيا پر، سڻا، سيبتا هڏ ڏوکي دوست به بڻجي ويا.

انهن ڪاٽڪو يارن مان بعد جي ايامن ۾ ڪجهه سماج جا ڪارائتا انگ به بڻجي ويا. هيءُ اهي ڏهاڙا هئا جڏهن منهنجو گهاٽو تقريباً، پڳ مٽ يار، بئريسٽر اين ڪي جتوئيءَ ڪراچي ۾ پڙهائي دوران، اهڙو پشاچي ٽولو ٺاهيو هو ۽ سندس 'تاريخي' چڪريون، جيڪي ڪالا ناگ، شهنشاهه حسين (بعد ۾ مشهور وڪيل ۽ ليڊر) سان لڳنديون هئس اهي ليجنڊ جو درجو حاصل ڪري چڪيون آهن. ان يگ ۾ سندس هم عصر دوستن ۾ حفيظ پيرزادو، جسٽس دوراب پٽيل، مصطفيٰ جتوئي، ممتاز ڀٽو ۽ بعد ۾ نواب محمد اڪبر بگٽي ۽ ايئر وائس مارشل (رٽائرڊ) اصغر خان بڻيا. منهنجي ساڻس واقفيت سنه 1949ع ۾ ٿي، جيڪا بعد ۾ سندس زندگي تائين اٽوٽ دوستي ۽ پراتري پاءُ ۾ بدلجي وئي. عمر ۾ مون کان ست اٺ سال وڏو هو ۽ هن ئي مون کي 'دادا' بڻجڻ جو اُتساهه بخشيو هو. بعد ۾ خيرپور ڊويزن جي مشهور وڪيل ۽ سندس محترم پيءُ مرحوم قائم الدين جتوئي سان به نيازمندي وارو دوستاڻو ٿي ويو جو جو بعد ۾ هو به اسان جي ادبي لڏي (رشيد، قادر صديقي، ملڪ غلام قادر، سعد اختر، مولا بخش ابڙو وغيره) جو undeclared ساٿي ۽ هم خيال بڻجي ويو هو ۽ روسو، انگرسال، جي ايس مِل، ون ووڊ ريڊ وغيره مون کان وٺي پڙهندو هو. ۽ هفتي جي پڇاڙي ۾ مدئجي ۾ سندس زرعي زمينن تي 'ادبي ملاڪڙو' معمول جي صورت اختيار ڪري چڪو هو ۽ رات جو 'بروهٽين ۽ بروهن' جو لوڪ ناچ ڏسي تن ۽ من کي راحت وٺرائي صبح جو سکر لاءِ بادل ناخواسته، واپسي جو سفر ڪند اهئاسون.

هتڙي، پنجاهه جي شروعاتي ڏهاڪي ۾، اياز جي دادو جي تَرَ واري ميندري سعادتي نالي ڪنهن خاتون سان، فرانس جي قداور دانشور، ڀهڳڻي اديبه مادام ڊي سيون (Sevigne) ۽ اختر شيراني جي اصلي- يا خيالي- محبوبه سلميٰ جهڙي 'محبتي، ۽ ادبي خط و ڪتابت' شروع ٿيل هئي. اِهي خط مون کي به پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو (بعد ۾ هوءَ ڀهروپڻ يعني مرد ثابت ٿيو جيڪو ڪيس پوڪ بڻائي رهيو هو) هن جي هڪ موڪليل تصوير ڏسي (جيڪا مون به ڏٺي هئي) جنهن ۾ هوءَ پيرن ڪان چوٽيءَ تائين، سواءِ

منهن جي، جڻ بافتي جي ٿان ۾ ويڙهيل، شرم ڀوڻي جيان شرمايل، وڪوڙيل سڪوڙيل لڳي رهي هئي. اِها ڏسي اياز بي اختيار ٿي ڪيس لکيو هو تہ هن کَيس غالب جو غزل ٿي سمجهيو پر هوءَ تہ ساميءَ جو سلوڪ نڪتي! غزل جي 'محبوبہ' مردمار ۽ خونخوار ٿئي ٿي، سندس نيڻن ۾ ارجن وارا ساڙيندڙ ٻاڻ ۽ ننهن خونخوار جانورن جي چنبن جيان 'رت پياڪ' ٿين ٿا. عاشق جو خون سندن 'مرغوب مشروب' هوندو آهي؛ ليڪن 'سلوڪ' ۾ ڄاڻايل 'پريتما' گونگڙي ڳاءِ، لڄ ۽ مريادا جي سيمائن ۾ قيد، ۽ عاشق جي ارهہ زوراين جي باوجود مٿانئس تن من سميت، ميرا جيئن تنتي ٿڌي، گهور گهوران پئي ويندي.

هڪ ڀيري (گذريل صدي جي ستر جي ڏهاڪي ۾) پنهنجي هڪ دوست (سوڀي جو وڏو ناٺي) جي ڏيءَ جا اهڙا نوڪيلا، خطرناڪ ننهن ڏسي منهنجي ڏرن ڏڪي وئي هئي. مان پنهنجي گهر واري سان ڳجهہ ڳوهہ ۾ اهڙو اظهار ڪندي چيو هو تہ 'روزاني حاجت' وقت انهن ننهن سان 'نازڪ' جاين جي زخمي ٿيڻ جو قوي امڪان موجود ٿي سگهي ٿو. منهنجي گهر واري ڪلندي سادگيءَ سان ڇوڪري (جيڪا ميڊيڪل اسٽوڊنٽ هئي) جي ماءُ سان اهڙو اظهار ڪيو جيڪا سندس ساهيڙي هئي. ٻئي ڏينهن ڏٺم تہ ڇوڪري جي آڱرين وارا ننهن غائب هئا. حيرت وٺي ويم تہ اهي ناز ۽ نينهن سان پاليل ننهن ڪيئن الوپ ٿي ويا. پڇا ڪرڻ تي ان نينگري شرمائيندي وراڻيو هو تہ "دادا، توهان جي اهڙن 'ويچارن' ٻڌڻ ڪان پوءِ انهن جي 'رکڻ' جو ڪو جواز نظر نٿي آيم."

گذريل صدي جي ساڪرو سونهن، سڀنڊ (خاص طور چاليهن ۽ پنجاهہ واري ڏهاڪن ۾) شهري جوڙجڪ ۽ تعميراتي ڏانوَ ۽ فن ۾ فطري حسن، ساوڪ، گل ٻوٽن، وڻڪار، ڪشادگي ۽ صفائي جو وڏو عمل دخل هوندو هو. چئني ڏسائن ۾ باغات: ليوڪس پارڪ، منگل باغ (يا منگهن مالهي جو باغ) (جنهن مان نظرون بچائي انب ڦاروان، امرود، انجير، چيڪو، ٻير، رابيل ۽ گلاب جا گل پٽيندا هئاسون. ۽ ڪوڙڪن ذريعي بلبلون ڦاسائي بازار ۾ وڪرو ڪبيون هيون) ڪليڪٽري جي دامن وارو باغ (جنهن مان جهنگل جليبي پٽيندو هئس)، شيخ شينهن وارو باغ (جتان پيرون پٽبا هئا) ساڌٻيلي سامهون اُپي ٽڪري تي واٽر ورڪس ٽانڪي وارو باغ (جتي اَسُر ٽاڻي ڪسرت ڪرڻ ويندو هئس)، مختلف اوتارن ۽ مقبرن جي آڳرن ۾ وڻڪار ۽ باغات، بندر روڊ تي جي ايل اسڪول (جنهن ۾ سنہ 1946ع) ۾ پڙهندو هيس) سامهون ندي ڪناري وارو خوشنما باغ، 'مائي راجان' واري گهاٽ سامهون عاليشان باغ (جتي مون ڪان گهٽو اڳي موهن ڪلپنا بہ سرپساهہ ۽ آواره گردي ڪندو هو) والس روڊ تي پارسي آتش ڪده وارو باغ (جنهن مان پٽ ٽپي انبڙيون، ڦاروان ۽ انجير پٽيندو هئس)، ڪوئينس روڊ تي پروٽيسٽنٽ چرچ وارو باغ (جتان جهنگل جليبي تي هٿ صاف ڪندو هيم). شهر جي وڏين ڪشادين سڙڪن جي ٻنهي پاسي سهڻا ڇپر، وڻن جون سهٽيون قطارون، آرام جا آستان ۽ جا بجا 'جن آشرم' موجود هوندا هئا. جانورن جي پاڻي پيئڻ لئہ 'ڪونرن' جو جڻ باقاعدي ڄار وڇايل هوندو هو. سمورو بند روڊ- سکر پل ڪان لائڊ بيراج تائين وڻڪار، باغن، ڇهچ سائي ڇپر جي فطري غاليچن سان جهنجهيل هوندو هو، جتي سنڌو جي تهہ ۾ يگن ڪان وينل ساڌٻيلو ڪنهن مهان ديوتا يا رشي جيئن گهور تپسيا ۽ ڌيان ۾ مگن ڏيکاربو هيو، ڊگهي سمئي مٿانئس گهاٽين جٽائن وانگر لاجواب باغن، ميوي دار وڻن، سهٽين ڇپرن جو جڻ مايا ڄار پکيڙي ڇڏيو هو، پکين، جن ۾ مور، طوطو، ڳيرو، جهرڪي، ڪانءُ، هد هد، ڪوئل، تيتيهر، ڪٻر بلبل وغيره جام هوندا هئا، سان لات ۽ آلاپ ۾ ڀهہ ڀهہ ڪندو ۽ جڻ سدائين ڪنهن الوهي ۽ الهامي سنگيت رس ۾ جهولي جيان جهوليندو پسبو هو.

صرف ان اندر ورڪنڊي مهراج جي مندر جي ٻاهرين سنگمرمري پٽ تي گهڙيل چٽيل نرڪ جي پيڙا ۽ هر دم ٻرندڙ باهہ جو پوائنٽو منظر ان روماني ڌرم لاءِ من ۾ پيد، پوَ ۽ اڻ وڻندڙ ڪيفيت پيدا ڪندو هو. ان جي اعليٰ ۽ شاندار تعميري اڏاوت، سواءِ نرڪ جي هڪ منظر جي، من مان موت جو ڊپ ڪڍيو ڇڏي ٿي ۽ ان ڪي ڏسي ائين لڳندو آ تہ جڻ ياسيت جي پردي مان خوشي ۽ آنند جو جهرڻو ڦٽي نڪتو هجي. جيئن تہ اهو ڪنهن پُورياريڇڪ مان بي ساختہ ڦٽيو آهي تنهنڪري ان ۾ ڪنهن پورالي پريم جي ڪيفيت جو پڙاڏو سمايل آهي.

بلڪ ساڌٻيلي اندر "نرڪ" جي اُڪريل منظر کي ڏسي اٽلي جي شهر 'بريرا' (barera) جي عجائب گهر ۾ موجود مائيڪل انجيلو (M.Angelo) ۽ انتونيو ڪنووا (Antonio Canova) جي الڳ الڳ سنگمرمري مجسمن جو ويچار اُڀري ايندو هو. ائنجيلو جي مجسمي ۾ 'نرڪ' جو دائمي ڀيانڪ منظر نظرن آڏو موت مايوسي ۽ فنا جي فڪر کي اُڀاري حيات کي زهر آلود ڪري ڇڏيندو هو ۽ ان جي ڀيٽ ۾ ڪنووا جي شاهڪار ۾ چوليون هٽندڙ مناس ۽ 'بدن' جي ليائيندڙ لاهن چاڙهن، اُڀار کي پسي زندگي آشا سونهن ۽ انساني عظمت جي احساس کي وڏيڪ گهرو ڪري 'جيئڻ ماڻڻ ۽ ماڻائڻ' جي قدرن ۾ وشواس کي مضبوط ڪرڻ جو اُتساهہ ڏياريندو هيو.

جيتوڻيڪ مهذب ۽ عيسائي مذهبي دنيا آڏو اٽلي جون ٻہ عظيم شخصيتون، ادب ۾ ڊانتي (Dante) ۽ چترڪاري، مجسمہ سازي ۾ مائيڪل ائنجيلو 'ديوتائن' جهڙو سنيهہ ۽ سنمان ماڻين ٿيون. پر، 'نرڪ' جي صنفي ڏيک مون جهڙن ڪيترن ئي من موجي ۽ رجاعي روحن کي ڏڪويو هوندو.

انهن سيني ماحولياتي چڱاين، سونهن ۽ سيا ڳائي سکر اندر جڻ هڪ قسم جي لازمي ايڪتا ۽ اتحاد قائم ڪري ڇڏيو هو. ايئن ڀاسندو هو جڻ سڀيئي شهر واسي رنگ روپ ڌرم مذهب جنس ۽ جان جي ويڇن ۽ سنڌن کي ريتي "دائمي سونهن جي جذبي سان پيدا ڪيا ويا آهن."

ماضي جي انهن دائمي سونهن وارن ڏهاڙن ۾ ڀنيرڪي جو اٿڻ مهل پاڻ کي بربل ۽ جهرڪي جيان تازو توانوخوش ۽ بي فڪرو محسوس ڪندو هئس. اسر ويلي سڄ جا نوان ڇاول ڌڏيرڙا ڪرڻا، پکين جي مٺي لات ۽ فضا ۾ ڦهليل بهار جي سڳنڌ جڻ سموري موجودات ۾ نڪور روح ڦوڪيندي محسوس ڪندو هئس. هر جاءِ جڻ الوجي هم آهنگي جو راڄ هو. اڄوڪي دور ۾ جهوپڙ پٽين اندر جيئن ماڻهن جا هشام نوح جي ڪشتي وانگر انبوهہ ۽ پيهہ جي صورت ۾ هڪٻئي مٿان سٽيل نظر اچن ٿا، ماضي جي سکر ۾ اهڙو اُبٿ پيدا ڪندڙ تصور بہ محال هوندو هو. هر طرف ايڪانت شانتي سنگيت ۽ سونهن جو ماندانڻ مٿل هوندو هو.

ماضي جي يادن جا ڪجهہ اهڙا سون ورنا پل آهن جن کي اڪيلائپ ورجائيندي رهي ٿي. انهن يادن جي 'ڪُسم ڪلي' 'من موهن موهني' 'ساڌٻيلي' 'برهم چاريہ آشرم' سان ورهاڱي جو عذاب، ٻائو هر نامداس، سنگدل مرهٽو استاد ائين ڇهٽيل آهن جيئن گڏيل هندوستان جي تاريخ سان اورنگزيب، مير جعفر ۽ مير صادق جا نانءُ ڳنڍيل آهن.

ورهاڱي کان اڳ جيڪب آباد ۾ ٽي جايون بدلٽيون پيون، شڪارپور ۾ برهم چاريہ آشرم جي وڏي 'شاهہ نما' هال جي آباد ڪنڊ کي خيرباد ڪرڻو پيو هئم ۽ سکر ۾ بہ ملڪ جي تقسيم ڪان اڳ ۽ پوءِ اٽڪل ڇهہ گهر بدلائڻا پيا هئم ۽ ان بعد ڪوئٽہ (بلوچستان) ۾ جلاوطني دوران نانگ جي ڪل وانگر پنج گهر بدلائي چڪو آهيان. ڪٿي بہ شانتي سان ٽانءُ پائي ڪين سگهيو آهيان. انهن گهرن جون تڪيون منيون پادون ۽ انهن جا ذهن ۾ وجود 'خال' اڪيلائپ جي گهڙين ۾ جسم بلڪ روح اندر گهاوَن ۽ رسندڙ زخمن جيان چڪندا محسوس ڪندو رهان ٿو. مان بہ جيڪر وڻن ٽڻن، پٽرن پهاڙن ۽ ٻوٽن جيان هجان ها تہ ڪيڏو نہ چڱو ٿئي ها. احساس ۾ لذت بہ ڀرپور آهي ۽ پيڙا بہ اُپار:

*سنتا ہوں بڑے شوق سے افسانۂ ہستی*
*کچھ خواب ہے کچھ اصل ہے کچھ طرزِ ادا ہے*

اسان وٽ يادن ۽ حسرتن جي بي مول موڙي ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڇا ٿو رهجيو وڃي؟ ماضي اطلس جهڙو آنند بخش بہ ٿئي ٿو ۽ ڪنڊن جهڙو رهنديندڙ بہ. موجود ۽ ناموجود وچ ۾ هڪ ڊيڄاريندڙ جيان، موت ۽ زندگي جي پهچ ڪان پري. اهڙي مهل زندگي

بي مقصد، خدا جيان اتفاقي ۽ حادثاتي پاسندي اٿم.

”بزم خيال ميکده بي خروش هي“

ڪلپنا جي پرن تي اڏامندڙ ميخاني جي نشي جو سرور ۽ منوهوشي ڇهڻ، سنگهڻ، ٻڌڻ، ذائقي ۽ پسڻ جي پڪڙ کان پرانهين ۽ وڌيڪ جاودان ۽ امرتا ۾ رتل پاسندي اٿم. سکر جي آمريڪن بار، ڪوئيٽا جي ساقي مئخاني ۽ حيدرآباد جي ونڊسر ۽ رٽز شراب خانن ۽ ڪراچي جي پام گروو ۽ ڪراچي بوٽ ڪلب جي مئخانن کان گهڻو وڌيڪ لذت آفريني خلوت جي تخليقي ۽ تصوري ساعتن ۾ محسوس ڪندو رهندو آهيان. ڪسمر، زينوبيا، قلوپطره، لوڪريشيا بورجوا، ڪيٿرائن دي گريٽ، جارج سئنڊ، جينا لولوبرجيدا، سيفو مڌوبالا، سلوانا ميگانو، امرتا شيرگل، قرة العين طاهره، شرلي ميڪلين جي سونهن سنيهه ساجهه ۽ سياڻپ جون سرڪيون پريندي تکبو ئي ناهيان.

اجنتا ايلورا ڪج راءِ وغيره جي تصويرن ۽ مورتين جي دلڪش ونگن ۽ رنگن اندر سمايل خاموش سُر ۽ تال، انساني جسمن جي لوچ، تناسب ۽ حسن منهنجي جمالياتي ذوق جو امر حصو آهن ۽ انهن اندر موجود سچ ۽ صداقت همه گير ۽ مڪمل ڪوني سگهجي ٿي. اهڙي خيالن ۽ يادن جو سدا روان دوان قافلو منهنجي دل ۽ دماغ جي واٽن تان هلندي جمالياتي حس ۽ حسيت کي هميشه ريج ڏئي جرڪائيندو رهي ٿو. ان fantasy ۾ سمايل سُر سونهن ڏاهپ سدا وهڪ ۾ موجود سنگيت رقص ۽ شاعري حقيقي دنيا کان وڌيڪ حقيقي شاداب سرسبز ۽ متحرڪ پاسندي اٿم. قاضي سليم چواڻي اڄوڪو دور ڪيڏو ازيت ناڪ آهي:

”ڪيڏو بي درد سمئي آهي
سچائي، نيڪي، عظمت، عزت
پيار، محبت
اهي سڀ اهڙا گرهه آهن
جيڪي ڪڏهوڪو پنهنجي مدار تان ٽڙي ويا آهن.“

اڄ انڌلني رنگن کان وڌيڪ چمڪندڙ روشن ۽ انهن وانگر شوخ رنگن ۾ ملبوس پنهنجي خوابيده، جادوئي ’ٻالڪپڻ‘ جي يادن کي لڳاتار سموري جمار ياد ڪندو رهندس. جو جو حقيقت ۾ منهنجي تعليم ۽ تربيت، ان ٽاڪنئي عمر ۾ جيڪب آباد شڪارپور ۽ سکر جي سوڙهين ۽ ويڪرين، اونداهين ۽ روشن گلين ۾ ٿي ٿي هئي. جيتوڻيڪ گدائي، اياز ۽ راز ڪنهن حد تائين جمندي چام هئا ۽ انهن تنهي شهرن جا رهواسي به هئا. پر، مان پاڻ کي ڪڏهن ڪڏهن انهن تنهي پوتر شهرن جو جيئرو جاڳندو مجسمو سمجهندو آهيان. پل ڪوئي ان دعويٰ کي وڏائي يا وڏاءُ سمجهي، مون کي رتي برابر به پرواهه ڪونهي. اهي منهنجي تن من ۽ روح ۾ سمايل آهن ۽ مان انهن جي تن ۽ آتما ۾ وسندو رهان ٿو.

هينئر پاڻ کي دهلي ڏانهن وشنو جي ’وامن‘ اوتار جيان ڏگهي پرانگهه پريندو ڏسان ٿو. ڪڏهن ڪڏهن دهلي ۾ شدت سان احساس ٿيندو اٿم ته پنهنجي ويجهن سنگين، ساٿين وچ ۾ اڻ ڏسجندڙ ۽ اڻ ڇهي سگهجندڙ ڪنڊيدار پلن، منٽن ۽ ڏينهن جا جڻ اپار لوڙها ڏنل آهن جن کي اورانگهڻ وامني سگهه هئڻ جي باوجود، اورانگهڻ ناشدني عمل پاسندو اٿم. اهڙي مهل اڪيلائپ جو اجگري احساس multiply ٿيندو رهندو آهي:

”پهيلا هوا تها شهر ميں تنهائيوں کا جال
هر شخص اپنے اپنے تعاقب ميں غرق تها“
(سلطان اختر)

يا

”کهلا يه بهيد که تنهائياں هيں قسمت ميں
اک عمر ديکه ليا محفليں سجا کر“

ڪراچي، بمبئي ۽ دهلي ۾ ئي سُڌ پئي هئم- ۽ راز افشان ٿيو هو ته سنه 1947ع ۾ سنڌي شرنارٿين جيئن تهذيب ۽ ثقافت ۾ لاڏاٽو ڪري، شايد مقام ۽ مساڻ وڃي وسايا هئا.

”تهذيب کو تلاش نه کر شهر شهر ميں
تهذيب کهنڈروں ميں هے کچه پتهروں ميں هے“

گڏريل سورهن ورهين کان ڪوئٽا کان لاهور، ۽ لاهور کان دهلي ريل ۽ بس ۾ سفر ڪرڻ دوران پاڻ کي- ڪڏهن ڪڏهن- هڪ ’تچ تبکي يا بڙي جيان سمجهندو رهيو آهيان. ۽ ان ’سفر‘ کي صرف ابتدا ۽ انت هوندو آهي پر، ان جو ’وچ‘ سدائين ناموجود رهيو آهي. ان ناموجود اندر موت جو تاريڪ پاڇو ساموندي مانگر مڇن جيان لامارا ڏيندو پسندو رهيو آهيان. بي ڪنار، اٿليپ وچ ان وچ ۾ انيڪ درلپ دانشور فهم فراست جي مَکَ سان چٽيل چهرا، لڇمڻ، وينا، جيئلي، مايا، نارنگ ساقي، جوگيندر پال، گوپي چند نارنگ وغيره انيڪ ’نقابن‘ سان يوناني ديومالائي Hades جي تري ۾ تڙڳندا ڏٺم.

’موت‘ جو ذڪر ڪيو اٿم جنهن سان گهڻو گهڻو اڳ ۾- ٻالڪپڻ، جواني- ۽ هينئر پيرسني ۾ به شناسائي ٿيندي رهي آهي. پر، اجان تائين منهنجي پاڇي، وجود کان ٿهندو رهي ٿو. ان وقفي دوران گهٽي موج مستي، آواره گردي ڪندو گڏيندو ۽ چاهيندو رهيو آهيان. هر وقت جيون آزاد پنڇي جيان گهارڻ جي تمنا رهي اٿم ۽ ان ڏس ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب به ٿيندو رهيو آهيان.

ان اٿليپ ۽ وچايل وچ اندر ئي ته هوريان هوريان ايرندڙ روشني جو مرڪز يا هالو (Halo) سمايل آهي جيڪو ندي جي وهڪ جهڙي زندگي جي تجربي ۽ مشاهدي ۾ ساهه کڻندو، سهڪندو محسوس ٿيندو اٿم. ان اندر ئي زندگي جي سچائي پنهنجي مڪمل تکي، تيز ۽ اڪين اندر چيندڙ اجاڻ سان موجود رهي ٿي جيڪا ذهن ۽ من ۽ وجود کي موڳو، انڌو ڪندي رهي ٿي.

پهرين پريم کي سارينديي ان جو سواد وجود مٿان سچ جي پهرين نرمل ڪرڻي جيان سدا امرتا ۾ ٻڌل محسوس ٿيندو رهي ٿو. ان کي پنهنجي جيل جيڏي مضبوط اڪيلائپ جي سانت ۾ ڇهي، سنگهي ۽ ان جي لذت سدا محسوس ڪري سگهندو آهيان. اهڙي مهل پاڻ کي گهڻو ڪجهه ڏسي سگهڻ جو اهل سمجهندو آهيان. پر اهڙي امر احساس کي صرف پنهنجي هٿن ۾ جهلڻ جي سگهه ڪونه هوندي اٿم! هن؟ جي محبت جا ونگ ۽ ڏنگ منهنجي وجود جي اونهاين جي پاتال ۾ پيوست ٿيل آهن:

”وه جورات مجھ کو بڑے ادب سے سلام کر کے چلا گیا
اسے کیا خبر مرے دل میں بھی کبھی آرزوئے گناہ تھی“

جان سان سلهاڙيل روح ائين اوچتو وڇڙندا رهن ٿا جيئن تتل واري تي مينهن ڦڙا جذب ٿيو وڃن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن مان ڪيس آوازن ۽ پڙاڏن ۾ محسوس ڪندو آهيان جن جا لفظ ۽ انهن جون معنائون بي وجود هونديون آهن. ۽ تِن معصوم ڏهاڙن ۾ لوڙهن ۽ سرحدن جو ڪووجود ڪونه هوندو هو، صرف نظر جي ڏوري تائين بي ڪنار اُفق هوندو هو جنهن جو واديون ۽ ميدان مايوسي نراسائي ۽ غم جي پاڇي کان به ناآشنا هئا. مان اڄان تائين ڪيس فضا ۾ چُهٽيل آوازن، پڙاڏن ۾ ڳولهي لهندو آهيان ۽ انهن جي ’معنيٰ‘ يا ’لفظن‘ جو ڪوتا جي پيٽو بلڪل ڪونه هوندو آهي. هڪ لڳا، صرف هڪ لڳا، انيتاليهن ورهين جي اجگر جيڏي ڏگهي وٿي کان پوءِ سرحد جي هُن پار سندس پرو ڳولهي لڌم. پر همت ڪونه ساري سگهيم ۽ صرف سنديس آستان تي سيس نوائي موٽي آيس. ان بعد، ويڇڙائي ۾، پندرهن ورهين کان پوءِ سندس ’اوچي اُڏام‘ جي سُڌِ پيم ۽ هيهر به سُسيل سرير دردوندي دل سان سندس شهر جي چرنن ۾ به گونگا ڳوڙها ڳاڙي ناڪام ۽ ناشاد موٽي آيس.

اهڙي مهل ائين پاسندو هوم جڻ منهنجو پاڇو مون کان اڳتي نڪري ويو هجي ۽ اڳ وري سچ کان اڳتي نڪري هليو آيو هجان. اهڙي وقت ائين به محسوس ڪندو هيس جڻ منهنجي وجود پنهنجي پاڙ سميت، ڳاٽ اوچو ڪندي، گل جي صورت اختيار ڪري ورتي هئي ۽ سورهيائي سان سچ سان نظرون ملائي رهيو هو. ۽ ان سورهيائي جي انعام طور بارش جون ڏارائون جڻ وجود مٿان ميراڻ جي جميل تَهَن کي ڌوئي صاف ڪري رهيو هيون. ان مهل ئي محسوس ڪيو هيم ته ستون آسمان (يا اندر پوري) خواهش ۽ پوڳتا جي پهچ کان گهڻو ڏور ۽ اُتاهون هيو.

”اسير ہی رہے ہم پچھلے عہد ناموں کے
ہمیں خبر ہی نہیں تھی رُتیں بدلنے کی“

يا

”يہ کائنات ہے ميری ہی خاک کا ذرہ
ميں اپنے دشت سے گذرا تو بھيد پائے بہت“

يا

”نہ پوچھ حال، عين وہ چوبِ خشکِ صحرا ہوں
لگا کے آگ جسے قافلہ روانہ ہوا“

ڪڏهن ڪڏهن جاڳرت گهڙين ۾ اڪيون ٻوٽي سون ورنن سپنن ڪي زنده رکڻ جو جتن ڪندو رهندو آهيان ۽ پنهنجي وجودي ٻانهن ۾ هٿن ڪي زمين جي مرڪز اندر ڪجھ ڦوليندو ڏسندو آهيان ۽ ان مهل ئي زبان تي اڻ ڇاتل امر ميوي جي لذت ۽ سواد محسوس ٿيندو اٿم ۽ ان مهل گوتم ٻڌ پاران 'ويسالي' جي اپسرانما نرتڪي کي ڏنل 'امراڦلي' جي سموري فلسفي جا جزا واءُ ۾ ڪک پن ٿيندا پسبا آهن. مور پنک جهڙي نرم چانڊوڪي ۾ وجود مٿان برفاني ذرڙا اڏامندي اندلثي رنگ ڇٽيندا پسبا اٿم. ۽ اهڙي سمئي ۾ منهنجي بند ٿيل اکين جي پنبڙين مٿان يڱن ڪان ڇميل يادون رجنديون پگهرجنديون محسوس ٿينديون اٿم ۽ اڇا ڪارا چٽڪبرا لبادا هير جهڙي واءُ ۾ اڏامندا تهن اندر لڪل معطر چانڊوڪي، پسائيندا رهندا آهن.

”سياحتِ ذات پر خطر ہے
ردائے شب دور تک سمندر
لہو کی موجوں کی رہ گذر ہے“
(شاذتمکنت)

جنهن مهل ڏنڊ جي سانت ۾ بارش جي رم جهم وڏندي ڪنن ۾ عجب سرگوشين جي ڏم لايو چڏيندي آهي. ان مهل من بلڪ آتما جي اونداهين مان پوائتيون بلائون لياڪا پائي ٻاهر نڪرڻ جو جتن ڪنديون پسبيون آهن.

اهڙي وقت وجود اندر ڪؤڙاڻ محسوس ڪندي پاڻ کي موت لاءِ ٻاڏائيندو محسوس ڪندو آهيان تہ جيئن پاڻ شرمساري حالت، اپار اڪيلائپ، ڏنگيندڙ اُٻاٽڪائي ۽ بي ڪنار گهيراءُ ڪان بچائي سگهان. پر،

”دکھا تو ديتی ہے بہتر حيات کے سپنے
خراب ہوکے بھی يہ زندگی خراب نہيں“
(فراق)

يا

”موت اک آگہی کا وقفہ ہے
يعنی آگے چليں گے دم لے کر“

پيرسني کي، جنهن جي بي ڪنار ڏيڻ مان هن وقت لانگهائو آهيان. ڪڏهن بہ آشيرواد يا وڏي اَور جا ماڻڻ واري دعا سان تعبير ڪرڻ عبث ۽ غير واجبي آهي. صرف ڪنهن ڪنهن ماڻهو جي ماڪي جهڙي مرڪ ذهن ۽ ڪلپنا ۾ مقدس جوت جيان ٻرندي رهندي آهي. زمان، مڪان ۽ اجل جون حدون اورانگهي: 'ڪ' اهڙي ئي هستي هئي جنهن مون کي ڪچڙي عمر ۾ ئي سونهن ساڃهہ ۽ ساءُ سان سڃاڻپ ڪرائي هئي. پاڻ جسماني طور گاهہ جي پتي جهڙي نازڪ نفيس اطلسي ۽ پرڪشش:

”پھرتے تھے دشت دشت ديوانے کدھر گئے
وہ عاشقی کے ہائے زمانے کدھر گئے“

منهنجي ٻاراڻي حيا ڪيس ڏاڍو ڀانئن پوندي هئي پر، پاڻ بہ تہ سونهن ۽ سڃاڻپ جو نادر شاهڪار هئي.

”مٹ گيا پر تيری بانہوں نے سميٹا نہ مجھے
شہر در شہر ميں گليوں ميں بکھرتا ہی رہا“
(فراق)

يا

”سوچو تو بڑی چيز ہے تہذيب بدن کی
ورنہ تو بدن آگ بجھانے کے ليے ہيں“
(جان نثار اختر)

هنڙي هڪ ٻي مخملين ياد بہ ڀنيوري جيان اُڏرندي ذهن جي ساحل پيڙو اچي ٿي آهي. شاعر ڪائنات جي شعلہ صفت سالي 'ملڪ' کي هڪ لڱا ماضي بعيد ۾ 'اوچتو' اطلسي بي لباسي ۾ پسي، ۽ ان جي سڳنڌ ڀرئي انمول تاثر کي ياد ڪندي اڪثر هيءُ شعر ياد ايندو اٿم:

”نکھارتی تھی وہ ننگے بدن سے اپنا پن
لباس ميں تو وہ مجھے اجنبی سی لگتی تھی“

يا Keats جو هيٺيون شعر بہ منهنجي جذباتي ارتعاش نمائندگي ڪندو پسجي ٿو:

Light feet, dark violet eyes, and parted hair, soft dimpled hands, white neck, and creamy breast.

منهنجي زندگي جي آخري چيڙي مان بي رحم وقت وڏو گرهہ ڳڙڪائيندو نظر اچي ٿو.

گذريل عهد جي تاريخ جو اهم ذرڙو پيش ڪندي فخر پيو محسوس ڪريان جنهن جو صرف آءٌ آخري اکين ڏٺو گواهہ آهيان.

بقول شخصي حقيقي زندگي ۾ ڪو تماشبين ڪونہ هوندو آهي، پر، سڀيئي زندگي اندر باعمل ڪردار هوندا آهن جيڪي پنهنجا پنهنجا فرض نڀائيندا رهن ٿا ۽ مان بہ ابتدا ڪان پوڳٽائن سان پُر فرض نڀائيندو رهيو آهيان.

هڪ ٻي ياد بہ پوپٽ جيان اُڏامي هٿ جي پٺيءَ تي اچي ويٺي اٿم. هماليہ جي پير ۾ بدري ناٿ (ساموندي سطح کان چوڏهن هزار فوٽن جي بلندي تي)، 'هيم ڪنڊ' (جتي سکن جي آخري ڏهين گرو گوبند سنگھ بہ ڏوٽي ڏمائي هئي) جي اپسرائي ياترا دوران ڪشاده ڇهچ سبز وادين اندر صرف 'ديوتائن ديوين' جي محسوس ٿيندڙ آمد يا پنهنجي قدمن سان ايڏا اوچا برف پوش پهاڙ گونجندي محسوس ڪيا هئم ۽ ان سمئي هيمنگوي جو 'سنوز آف ڪلمنجارو' بہ اکين آڏو جهپڪو ڏئي تري ويو هو. سموري ڏڳ، ۽ انهن 'ڏامن' تي جابجا ستارن جيان جهرمر ڪندڙ مندرن جي گهنڊن ۽ گهنڊڙين جي مترنم گونج ماڻهن جي انبوهہ کي انهن اندر داخل ٿيڻ جي پيار ۽ پاٻوهہ سان ڀريل ڪوٺ ڏيندي بہ ڏٺي ۽ محسوس ڪئي هئم ۽ ان انبوهہ جو هڪ ذرڙو آءٌ بہ هئس. ناستڪ ۽ اَوشواسي. (هلنڌڙ)

## وائي

### شاهنواز گهوٽو

ڪايا ڪٽڪ ۾ ميان
هونئن نہ آهيان هِت
وَڻ جڳَن آهيان واٽ تي
مَنُ تہ منهنجو ماڳهين
آهي جاني جِت
وڻ جڳَن آهيان واٽ تي
آمد جي 'اِي ميل' ۾
مِلي آهي مِت
وڻ جڳَن آهيان واٽ تي
پُري پوپر تي پئي
پيدن واري پت
وڻ جڳَن آهيان واٽ تي.

## غزل

### راج

هئي ڪالهان ڪان ڪَل، اسان تي آڱريون ڪڇنديون نہ رسندو ڏات کي ڇيهو، مُڏيون ڪاتيون ڇُريون ڪڇنديون جڏهن گرنار جا جوڳي رُڳي پينار تي رُلندا تہ نچندا نانگ سڀ نيلا ۽ مُرليون بي سُريون وڄنديون مڃان ٿو پيار جو پرتو ، بنيادي حق سڀن جو، پر ٿُڏي گهر آبرو وارو حوس ۾ بي گُريون پڇنديون 'ڪِرياتي' ساڻ پيٽين ٿو مٽي ميناج ماڪيءَ سان نہ پچندو ڪو بہ ڪانگڙ کي، ٿُريون سڀ اڻ ٿُريون ڪڇنديون صنم جي بي وفائيءَ کي،خطا چئي دل ڇڏيو ٿاري ادا جي امتحانن ۾، سراپا دل گهُريون ڪڇنديون ادورايون ڪري پئي ڪا، ازل جي اُڄ ، واهر تي ڪٿي ويهو نہ چانهر ٿي ، سفر ۾ جي سُريون رسنديون ڳهيلا، پور تي پُرندا ، جفا جا دور هي پيلا نويلا ناچ ۽ ميلا ، نويليون نرتڪيون نچنديون پيا جي سڪ ۽ چڪ کي سمهڻ ۽ سانت ڇا معني ورهہ جي واٽ تي واڪا ڪري کي دل ڦريون وڏنديون وڪون وجھ تانگھ ۾ تيسين ، هي جيسين آ جُسو باقي وفا جي ور ، محور کي ، کي چاهت ۾ ڇُريون پسنديون مڙئي منشور مقتل جا جلايان ڏاڍ جون سوچون نہ ڪاٽي کي بُرا باقي ، نہ ڪاٽي کي بُريون بچنديون انگوري انگ ڪينجهر تي ، سراپا جلترنگ ناريون سريليون سانوريون شامون ، رهاٽيون بانوريون رچنديون الا، شل آبياري ٿئي ، اجا ڪا دل اُجاري آ اجا ڪا انتظاري آ ، وفا ٿي سانوٽيون وسنديون وري ڪو رام ۽ سيتا، نئون ورنن ڪٽي ورندا فضا ۾ ساز سي ٻُرندا ، وري سي بانسريون وڄنديون اسان جون راج رولاڪيون ڪٽي ڪر ٿر نهارينديون جڏهن کي ڦوڳ ڦولاريا ، جڏهن کي ڄاگريون پچنديون.






سنڌيڪار: ڊاڪٽر بدر اُجڻ

اهو، تختي تان هيٺ لڙڪي پيو. مون هن کي سونو ڪڙو وري پارائي ڇڏيو. مان ٻاهر اچي، ڏاڪڻ تي بيٺس. پروٽوڪول مطابق، اهو اطلاع هو سمورن مائٽن ۽ ڪانڌين لاءِ ته، مڙهه کان موڪلائين. ٻاهران هزار کن ڪانڌي انتظار ۾ بيٺا هئا. انهن جي اکين ۾ رت پئي ڪڙهيو. ۽ منهنجي لاءِ ڏڙڪا ۽ داٻا لڳا پيا هئا. 'رت جو بدلو رت سان. ميواڙ جي عزت ۽ عظمت بهادر جي رت سان ورندي.' هڪ ناري اعلان ڪيو.

سيني ناري جي حمايت ڪئي. ان مان صاف ظاهر هو ته جيڪڏهن هنن جي منشاپوري نه ٿي ٿئي ته پوءِ هنن جا هٿ منهنجي گريبان تائين پهچي سگهن ٿا. 'شهزادي وڪرماجيت کي آزاد ڪيو ۽ غدار مهاراج ڪمار کي اندر ڪيو.' اهو ڪيل ڪنهن جو رچايل هو، اهو اندازو لائڻ ڪو ڏکيو نه هو. ايتري ۾، منهنجي گرفتاريءَ جا آواز اچڻ لڳا. 'ڏاڍي سٺي چال آهي، اهڙو ڪرماوتي.' منگل کهڙي جهنم ۾ ويو؟ نظر ئي ڪونه ٿو اچي. پر ڏس منهنجو ڀاڳ. ڪجهه سيڪنڊ اڳ، صورتحال منهنجي خلاف هئي پر هاڻي ته حالت ڏاڍي خراب ٿيندي ۽ ان جو ازالو به مشڪل ٿي پوندو. منگل سمهاجي بدران، الله منهنجي ٻڌي، جو شهزادو پاڻ اچڻ لڳو، ميڙ ڏانهن. وڏو ڪو احمق آهي، جڻ منهنجي هٿان مصيبت جو هن کي ڪو احساس ئي ڪونه هو. آيا هن کي دير سان ضمير ملامت ڪئي آهي، يا مون کي شڪ ٿو پئي ته هن جي مغز مان ڦني خاني اڃا ناهي نڪتي.

مهاراج ڪمار کي ڇڏيو. هن وڏي رڙ ڪندي چيو. توهان کي منهنجي گهرج آهي اڄهو مان آيو آهيان. مان پنهنجو سِرُ گجرات ۽ اسلام جي عظمت خاطر قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هڪ ماڻهوءَ مٿان، بزدل ماڻهو حملو ڪندا آهن هڪ ڏهن سان، سَوَ سان يا جيئن توهان آهيو هزار سان هن مهل. جيڪڏهن همٿ اٿو ته اڳتي اچو هِڪ هڪ سان مقابلو آهي انصاف وارو. جيڪڏهن حق تي هجي پلي اهو ڪَٺي.

ماڻهن جو ميڙ، نعرن هڻڻ منجهه لڳي ويو، ڪنهن مهل منهنجو سِرُ پيا گهرن، ڪنهن مهل بهادر جو. ماڻهن کي رت جي ڏپ اچڻ لڳي، پوءِ اها منهنجي هجي يا دشمن جي اهو اهڙو موقعو وڃائڻ نه پيا چاهين.

توهان شايد ان خوش فهميءَ ۾ آهيو ته توهان آڪاڙي ۾ آهيو ۽ مقابلا ڏسڻ لاءِ آتا آهيو. ۽ اِجهو مقابلا شروع ٿيا. اهو آواز اهڙو نرم ۽ روئڻهارڪو ٿي ويو جو جنهن به ٻڌو، ان جو ڪنڌ ڳالهائڻ واري لڪشمڻ سمها ڏانهن مڙي ويو. مان توهان کي ٻڌايان ته منهنجو وڏور پٽ راجيندرا، مري چڪو آهي، پر جيڪڏهن توهان جي اهڙي بدمستي جاري رهي ته ٿوري دير ۾ هر طرف شمشان گهاٽ نظر ايندو.

ڪريا ڪرم ڪانپوءِ، مان گمڀيري ۾ شنان ڪري، سڌو اڪلنگجي مندر ويس. ڏاڍو ٻاڏايم. 'ٿورو عرصو ٿيو آهي جو مان، پنهنجي ديوتا بانسريءَ واري کان منهن مٽي، خاندان واري ديوتا جي در تي مٿو ٽيڪيو آهي.' مان نماڻو عرض ڪيو ديوتا کي ته قتل ٿيل راجيندرا کي پنهنجي پاڪر ۾ وٺي ۽ ٻي جنم کان ڪيس بچايو وڃي. مون پنهنجي لاءِ روشني، عقلمندي ۽ ميواڙ جي عظمت جي لاءِ التجا ڪئي. وڏي ٻائي راجيندرا واري صدا ڪان روڪيو. 'هفتي يا ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ان جو ڏينهن ايندو. تون به وري پوءِ موٽي اچجانءِ. هاڻي بادشاهه سلامت کي وڌيڪ انتظار ڪرائڻ نٿو سونهين.'

سورج اڏگنبذ کي روشن ڪري چڪو هو. جيڪڏهن حالتون نه بگڙن ها ته اسان صبح جو ساڌي ڇهين وڳي ڪوچ ڪري چڪا هجون ها. مان جلدي ته ڪري رهيو هوس پر وڪٽري ٽاور کي سجدو ڪرڻ بنا بلڪل نه وڃان ها. جنگ بابت ڊرامائي رويا نه رکڻ ڪپن. پر جنگي جوان کي جنگ تان زنده موٽڻ جي خوشفهمي ۾ مبتلا به نه ٿيڻ گهرجي. مان جلدي ۾ هر جاءِ تي پير گهمائڻ ٿو چاهيان. ڊگامبرا مندر، جتي وزير خزانو ادناٿجي تي روز حاضري ڀرڻ ويندو آهي، چوندا آهن ته اصل وشنو مندر آهي.

مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي ته مندر ڪيئن ٿا ڌرمن جي مٽاسٽا ڪن. انهن ۾ اڄ هڪ ديوتا آهي صدين ڪانپوءِ، رات وچ ۾ وري ٻيو ديوتا ٿو اچي ديرو ڄمائي. ان ڪان پوءِ ٽاور آف فيم (Tower of Fame) جيڪو جين ڌرم جو آشرم آهي. هڪ واپاريءَ جيجا بگروال، اهو ٻارهين صديءَ ۾ جوڙايو، پنهنجي دوري جي يادگيري قائم رکڻ لاءِ، جتي هن چوويهه تيرٿ ڪيا هئا. اهو اٽڪل ستر فوٽ اونچو آهي ۽ ست ماڙيو آهي جڏهن منهنجي ڏاڍي ڪميا، ڪاميابيءَ وارو ٽاور ٺاهيو، ان لاءِ ته شهرت واري ٽاور جو رتبو وڌايو وڃي. 'جين ٽاور' ننڍڙو آهي ۽ ان ۾ اُڪَرَ جو ڪم گهٽ ٿيل آهي.

ان ڪانپوءِ منهنجو رخ چترنگ موريا طلب ڏانهن هوندو. شِوَ مندر، ڍنڍ جي وچ تي آهي، جتي

اٿن پيءَ طرف.

جنگ، منهنجي لاءِ وري پسند واري راند ناهي هوندي. مان ان طرف، جڏهن ڪا خاص ڏکيائي يا مقابلي جي ضرورت هجي، تڏهن متوجه ٿيندو آهيان. تنهن لاءِ وڏي منصوبه بندي ڪندو آهيان. پلي وڏو قتلام چونه ٿئي پر ڪاميابي حاصل ڪندو آهيان. حقيقت اها آهي ته جنگ جي طوالت، بنا نتيجي هوندي آهي جتان شروع ٿي وري ساڳي جاءِ تي اچي بيهبو آهي. مون ڪي جيڪڏهن جنگ جوٽڻ لاءِ لاٿو ويندو آهي ته مان گهٽي پاڳي، سياسي، جاگرافيائي نقشا ئي بدلائي ڇڏيندو آهيان ۽ ان سان گڏوگڏ، قسمت جون لڪيرون به پنهنجي حق ۾ نيون لڪرائي ڇڏيندو آهيان. جي نه، ته پوءِ پر امن ٿيو، پاڙيسرين سان پنهنجائپ جا ناتا، نياپو پنهنجي گهر ۾ هوندو آهيان. جهڳڙي ۾ گهرڻ ڪان اڳ، مڪمل تياري ڪندو آهيان. مان دشمن جي طاقت توازن ۽ ويڙهاڪن وغيره جي تفصيلي خبر وٺندو آهيان. انهن جي عادتن، پسند ناپسند، ڪاڏن، خوراڪن، شوق شغل، ذهني ڪيفيتن، ننڊ آرام جي وقتن پراڻن معرڪن، هر ننڍي ڪان وڏي شيءِ تائين ڄاڻ حاصل ڪندو آهيان. اتان جي اندروني حالتن، جهيڙن، نفرتن، گروهه بندين ۽ عوامي اپار ۽ اٽار جي نسخن بابت پڻ خبر وٺندو آهيان. هٿيار استعمال ڪرڻ جي نوبت ڪان اڳ ۾ ئي جي عوامي اپار ذريعي ڪجهه حاصل ٿئي ته پوءِ خون خرابو ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي. عام ماڻهو جنگ جو حمايتي هجي ٿو يا مخالف؟ پوين ٽن سالن ۾ موجوده سال جي زرعي اپت ۽ ڪپت جو حال ڪهڙي رنگ ۾ آهي؟ نه فقط معيشيت پر وڻج واپار جا اثر، دشمن سان گڏوگڏ، اسان سان به لاڳو ٿين ٿا. ڏکهي جنگ جاري ڪرڻ جي صورت ۾. اهي حالتون، مستقل ناهن هونديون، پر مان الائي ڇو، انهن حالتن بابت سوچيندو آهيان ۽ دشمن ملڪ جا ڪماندر، الائي ڇو انهن حالتن جو، ميدان تي لهڻ ڪان اڳ، جائزو ئي نه وٺندا آهن. مان ٻڌائيندو هلان ته دشمن بابت، مستند ڄاڻ حاصل ڪرڻ وڏو گورک ڌنڌو هوندو آهي. اها معلومات، پلي وقت لڳي، دشمن جي معاشي، سياسي ۽ فوجي طاقت جي پوري ڄاڻ رکڻ ضروري آهي، پلي ان ۾ مهينا يا سال چونه لڳن. ڇاڪاڻ ته فيصلي ڪن جنگ ڪرڻ جو وقت ته ٽن پنجن يا سٺن ڪلاڪن جيترو ئي هجي ٿو.

مونکي هن پيري، ڏاڍو ٿورو وقت ڏنو ويو آهي، جنهن ڪري مون کي ڪجهه ذهني پريشاني هجي ٿي. مون کي آرام سان جنگ جي ڪماند ڏني وئي آهي. مان هاڻي پنهنجي ماڻهن کي ڪيئن ميدان تي لاهيندس، جڏهن ته ميدان جي گسن ۽ گهيٽن جي ڄاڻ ئي ناهي هوندي؟ مون کي ته ان سبب جي به ڄاڻ ناهي ته اسان اِدَر جي عائقي تي گجرات سان ڇو پيا وڙهون. مان ڪجهه وڏاءَ ڪان ڪم وٺي رهيو آهيان. پر سبب، جذباتيت ۽ معمولي نوعيت جا آهن، اهي ڪي معاشي، سياسي يا علائقائي اهميت وارا بلڪل ناهن. منهنجي پيڻ مڙس رائمل، جو اِدَر جي تخت مٿان ڪليم هجي ٿو، پر اڄ تائين هو ڪڏهن به ان تي وينو ناهي. اِدَر جڻ هڪ بال هجي ٿو جيڪو مستقل ڦرندو رهي ٿو، گجرات ۽ ميواڙ جي وچ ۾. ڪڏهن اهو اسان وٽ ڪڏهن گجرات وارن وٽ. ادر منجهه الائي آهي ڇا؟ هن مسئلي بابت اڀتا پير ڪٽٺا پوندا، ان وقت جڏهن پرنس بهادر جو تڙڏاڻو، ان پيڙهيءَ جي گهٽت مون ڪان زور آهي، اهو سلطان محمد اتي جو حاڪم هيو. ادر، گجرات جي پهاڙي علائقي واري پٽيءَ ۾ واقع آهي ۽ سرحدي حدن ملڻ ڪري ان جي اهميت آهي. مسئلو ائين بگڙيو جو ادر جي چيف هار رائو، جي اندر ۾ خوف اچي وينو ته جيڪڏهن مون کان ڪا ڪوتاهي ٿي ته سلطان محمد، اِدر تي قبضي ڪرڻ ۾ دير ئي نه ڪندو. هن اها ڪريل حرڪت ڪئي، جيڪا ڪنهن راجپوت ڪي ڪونه جڳائي. هن جهيڙي جي پاڙ ڪيڻ خاطر ڌُڪي وڃي سلطان محمد سان پنهنجي نياڻيءَ جو رشتو ڪيو.

ان رشتي واري ناهه، ڪجهه سالن لاءِ، ادر منجهه امن برپا ڪيو، جيستائين، ان تخت مٿان رائمل، ادرجو رائو نه بڻيو. پر جيئن ئي هو تخت نشين ٿيو، ته نوجوان رائو ڪي سندس ئي چاچي پيرَ اچي پڇائي ڇڏيو. رائمل چتور منجهه پناهه ورتي ۽ اچي منهنجي پيڻ سان شادي رچائي.

ان عرصي دوران، رائو ڀيم، گجرات سان ڪؤنس اچي مچائي. هن دوستي جا دروازا بند ڪري، گجرات جي مشرق ۾ وهندڙ سبرمتي ندي مٿان فوجون لاٿين. اها عقل ڪان بعيد ڳالهه هئي. بهادر والد، مظفر هيو اتي جو هاڻي سلطان هيو. مظفر سلطان، آرام ۽ اٽڪل سان، اِدر وارن جي ڪچين مٿان ڏاٿو ڦيرايو ۽ ڳاهه جيان منديون لٽي رڪيائين ادر وارن جون. گجرات جي فوجن ادر منجهه يلغار ڪري لٽ ڦر ۽ پنج ڏاهه ڪري تباهي آڻي ڇڏي.

رائو ڀيم ڪي هيءَ مشڪري ڏاڍي مهانگي پيئجي وئي. ڇتيءَ طور سلطان ڪي ٽڏي ڪرڻ لاءِ ويهه لک ٽڪا ۽ هڪ سؤ هاٿي ڏيٽا پيا.

ٻن سالن ڪانپوءِ، رائو ڀيم پرلوڪ پڌاريو ۽ هن جو پٽ پرمل تخت نشين ٿيو. حالتن ڦيرو ڪاڌو: پرمل جي تخت نشينيءَ خلاف، رائمل هن جي پاڳوڙي سوٽ، آواز اٿاريو. جڏهن ته والد، پنهنجي نياڻي جي ڪليم خاطر، وڏي فوج ادر ڏانهن رواني ڪري ڇڏي. پرمل مجبور ٿي، ان ماڻهوءَ آڏو گوڏا کوڙيا جنهن ادر جو نُڪ ڏوڙ ۾ ملايو هو، يعني گجرات جو سلطان. مختصر طور تي احوال هيو، اسان ڪي گجرات سان ويڙهه ۾ اچڻ جو. (هلندڙ)

## نظم



### شير محمد هاليپوٽو

## جيءُ نه منهنجو جهور...

تنهنجون رمزون سَڪٽيون آڇون
منهنجي جيءَ ڪي ڇو ٿي جهورين
تنهنجون راهُون روشن آهن
منهنجي آس اُجهايل آهي
تنهنجي پيرن پايل ڇن ڇن
مون تي ويل وهايل آهي
سِر جي سين هٽي تو پيچل
ڪنڌ تي ڪات الاريل آهي
منهنجا ڳهاءَ سڀي نه سڳهندين
تو وٽ سُئي ۽ ڌاڳو ناهي
ڪهڙا پنهنجا حال ٻڌايان
ڇو ٿي منهنجا درد ڦلهورين
منهنجي جيءَ ڪي ڇوٿي جهورين
منهنجا دنيا خواب خيالي
ائين آ، جڻ ڪو پٽ ۾ ڪوڪو
ڪنهن نه پروڙي پار پرولي
سوال صدين ڪان اوکو آهي
هٿ ڏونگر ڪان پي ڏاڍو ٿي
ڏونگر ڪي ئي ڏرٽو آهي
جي اهڙي دل رکين ٿي جانان
آءُ هٿن ۾ هٿ ملاءِ
مُحبت ماپي ڇو ٿي تورين
منهنجي جيءَ ڪي ڇو ٿي جهورين.

## غزل



### اختر درگاهي

ڪنهن نه ڪنهن ريت، سبب سان ڏسبو
توکي هر وقت ادب سان ڏسبو
نيڻ توڏانهن نمرتا سان ڪٽي
هر گهڙي تات طلب سان ڏسبو
سوجهرو چنڊ جو اهڃاڻ آهي
دل جو دلدار وسب، سان ڏسبو
ڪربلا، شام هجي يا معراج
عشق ان رنگ عجب سان ڏسبو.

# ڪشباش

قسط: تيرهين

لطيف پاڪستاني ماني نهرائي هئي، ڪائي مزو ورتو. هن پنهنجن پائرن ۾ پاڃائين سان به ملرايو سندس پائر ڪا دڪانداري ڪندا هئا، پر ڪين هتي رهي 'حات' جي پٽ پئجي وئي هئي، ٻئي جٽا اهائي ڇپي رهيا هئا. جيئن ته پوري جبوتيءَ ۾ اهوئي هڪڙو ئي پاڪستاني گهر هو، ڏاڍي آڪير سان مليا. مان کين علي صبيح اچڻ جي دعوت ڏئي موٽي آيس.

فتيحر ڪي نه رڳو سئو سنبوسا ناهڻ ايندا هئا پر هوءَ بگيا به ڏاڍا سٺا ناهيندي هئي. ڪراچي جي لياريءَ ۾ انکي ڀُجيا چوندا آهن. جيڪي چڻن جي دال جون ٽڪيون آهن. هاڻي ڪراچيءَ جا ميمڻ به ناهي وڪڻن ٿا. لياريءَ ۽ صوماليه ۾ ٽي شيون مشترڪ ٿيون. بڇيا، جهنگ جليبي ۽ بيدام جا وڻ. ساڳي ريت مصر ۾ باقلا ڦرين (Fava Beans) مان 25 طعام ٺهندا آهن. لياريءَ ۾ اهي رڳو اوباري ڪائبا آهن. جن کي مڪرانيءَ ۾ 'بانڪليٽ' چون ٿا.

ڊاڪٽر انيل ڪئمپ ۾ هڪ به نه، ٽي چار بيري بيري (Beri Beri) جا ڪيس دريافت ڪيا. اها بيماري وٽامن B-1 جي اڻاٽ سبب ٿيندي آهي. معنيٰ اها غذائي کوٽ ٿي. اها رپورٽ UNHCR موڪلي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ به غذائيت جون ماهر عورتون آيون. هڪ گوري ۽ ٻي انديا جي هندو پناڻ.

ٻنهي کي بيري بيري جا مريض ڏيکاريا ويا. گوريءَ کي اعتبار ئي نه ٿي آيو ته اها بيري بيري آهي. هن انيل کان آڏي پڇا ڪرڻ شروع ڪئي. انکري جو غذائي کوٽ جي ذميواري مٿس ٿي آئي جڏهن هن اسانجي پروفيشنل ناليج کي نه اعتبار جوڳو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ته مون کيس چيو.

"ميڊم، ڀل تون غذائيت ۾ Ph.D هجين. پر تون ميڊيڪل ڊاڪٽر ناهين، توکي بيري بيريءَ جي کهڙي ڄاڻ؟ هي سؤ سيڪڙو وٽامن B-1 جي کوٽ آهي."

ائين چئي اسان هنکي هنجي حال تي ڇڏي ڏنو. باقي اسان هندو پناڻ عورت کي علي صبيح ۾ لنچ جي دعوت ڏني. ڊاڪٽر ڪُنل هندو عورت جو ٻُڌي ڏاڍو خوش ٿيو. هن ڪيئي قسم جا طعام تيار ڪرايا.

30 سال اڳ پشتو اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر ۽ پري شان خٽڪ سان ملاقات ٿي هئي. ڊائريڪٽر ٻُڌايو ته پناڻ واحد مُسلم قوم آهي جنهن ۾ ڪو هندو، عيسائي يا غير مسلم ناهي، پوءِ اِها پناڻ هندو عورت ڪاٿئون آئي؟

جڏهن هوءَ اسانجي بنگلي ۾ آئي هن ٻڌايو ته هو ٻنون ۾ رهندا هئا، پر ورهاڱي کان پوءِ هنجو ڪُٽنب ۽ ٻيا هندو لڏي انديا هليا ويا. ڳالهين ڪانپوءِ ڊائننگ ٽيبل تي ڪاڌو آندو ويو ته مائي صاحب چيو، ته هوءَ پاڇي ڪائو يعني ويشنو آهي.

هن هڪ ئي پاڇيءَ واري ڊش ڪاڌي. ڪُنتل جو مُنهن لهي ويو، جو هُو سوئر جي گوشت سان گڏ بيئر به پيئندو هو. مائي صاحب ٻُڌايو ته يو اين او ۾ غذائيت جي ماهرن جي اڪثريت ويجيٽيرين آهي.

ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر شارديءَ منهنجو الماس نالي هڪ ايٿوپي ڇوڪريءَ سان تعارف ڪرايو. اسان ٻئي هنجي تنبوءَ ۾ وياسين. هن پنهنجو تنبو ڏاڍو سينگاري رکيو هو. تنبوءَ کي هڪ سنهي چاريءَ جي پردي سان ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هو. هن اسانکي ايٿوپي ڪافي پياري. اُن ڪانپوءِ هوءَ سنهي پردي پويان وڃي ڪپڙا مٽائڻ لڳي. شارديءَ جي منهن تي ڪو تاثر نه هو، مان سگريٽ ڇڪي رهيو هئس. بعد ۾ شارديءَ سان مون بابت شڪايت ڪئي ته ڊاڪٽر 'فرحان'، نڪي ڇوڪريءَ ۾ دلچسپي ٿو وٺي، نه ئي شراب ٿو پئي، يار ڪمپنيءَ جو مزو ئي نٿو اچي. انيل پنهنجي عادت موجب کيس ڪِلي چيو، "شاردي، ڊاڪٽر عاشق برهمچاري آهي، هو ائين ڪڏهن نه ڪندو."

مان پنهنجي بنگلي جي پٺر ۾ شام جو گوڏ ۽ گنجي پائي گوتم ٻُڌ جيان ويٺو. ڪاري چانهن ۽ سگريٽ پي رهيو هئس ته هڪ 9-8 سالن جو ايٿوپي ڇوڪرو ملڻ آيو. چيائين، "منهنجو نالو شريف آهي. مسجد ۾ پاڪستاني تبليغي جماعت وارا آيا آهن، توکي سڏڻ لاءِ مونکي موڪليو اٿائون."

مان ساڻس گڏجي مسجد ويس. اُتي حميدالله پناڻ مليو جنهن سان جبوتي شهر ۾ ٽاڪرو ٿيو هو. تقرير ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، هن ٻڌايو ته تنهنجي چوڻ موجب اسان صوماليا نه وياسين پر منهنجا ساٿي بيمار ٿي پيا آهن. هلي انهن کي تپاسي ڪا دوا دارون ڏي.

مبلغ صاحبان هڪ جاءِ ۾ ڦان ٿيو ليٽيا پيا هئا. پرديس ۾ کين دستن ورايو هو. مان کين تپاسي، نسخا لکي، ابراهيم کي گهرائي پنهنجي فارميسي مان دوائون ڏنيون.

پوءِ مون حميدالله کي ٻُڌايو، "علي صبيح ۾ ٻئي هنڌ توکي ڪٿان به دوا نه ملي ها. انڪانسواءِ جبوتيءَ ۾ علاج ڏاڍو مهانگو آهي. جي مان نه ملان ها ته رُلي وڃو ها."



ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

حميدالله چيو، "اسان عمرو کي پوءِ جبوتيءَ آيا آهيون ۽ هاڻي واپسيءَ تي حج ڪندي پوءِ پاڪستان ويندياسين. اسانکي پنهنجو پاڪستان وارو پتو ٻڌاءِ ته اُتي ملون."

مون اهو سوچي ته هي احسان سمجهي بار لاهيندا، زور ڀرڻ تي به پنهنجو پتو نه ٻڌايو. پوءِ هن مونکي آب زمزم جون به پلاسٽڪ واريون به وڏيون دٻيون ڏنيون. هنن جا مريض ٺيڪ ٿي ويا ۽ هو ته تبليغ لاءِ ٻئي هنڌ هليا ويا پر شريف منهنجي ڪُڇيءَ ۾ پئجي ويو.

علي صبيح مان ڪي مبلغ ايٿوپيا تبليغ ڪرڻ ويا هئا. هڪ مسجد ۾ هنن هڪ ڇوڪرو ڏٺو جيڪو قرآن پڙهندي روئي رهيو هو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته سندس پيءُ مري ڇُڪو آهي. جنگ دوران هو پنهنجي ماءُ ۽ ٻن ننڍين ڀينرن کان وڇڙي ڇُڪو آهي، الائجي هو ڪٿي آهن، هاڻ هو نڌڻڪو، بي واهو ۽ ٻُڪايل آهي.

علي صبيح جي عبدالله کي هن مٿان ڪهل آئي ۽ هُو کيس پنهنجو پٽ بڻائي ڪنهن ترڪيب سان جبوتي وٺي آيو. شريف هڪ ڏينهن مونکي چوڻ لڳو ته هو ديني عالم بنجڻ چاهي ٿو، هتي جبوتيءَ ۾ اهڙو ڪو بندوبست ناهي، ڀلائي ڪري پاڪستان ۾ منهنجو ڪو بندوبست ڪر.

مون کيس چيو، "تو تبليغي جماعت وارن پاڪستانين کي چونه چيو؟"

"هنن انڪار ڪري ڇڏيو."

"ٺيڪ آهي، پاڪستان ۾ بندوبست ٿي سگهي ٿو، پهريائين مان تنهنجي مُربي سان ڳالهايان."

مون علي نور سان صلاح مشورو ڪيو. پوءِ ٻئي شام جو عبدالله جي گهر وياسين جنهن شريف کي ايٿوپيا مان سمگل ڪيو هو. اسان در ڪڙڪايو، عبدالله ٻاهر نڪتو، اسان ٽئي در وٽ ويهي ڳالهائڻ

لڳاسين. علي نور ڪيس چيو، ”هي پاڪستاني ڊاڪٽر آهي، اسان گڏجي ڪم ڪندا آهيون. مونکي مٿس پورو اعتبار آهي.“ پوءِ هُن عبدالله کي شريف جي عالم هٿڻ واري ڳالهه ڪري ٻڌائي.

عبدالله کي جهڙو شاڪ لڳو. چيائين، ”مان شريف کي پُٽ وانگر پاليان ٿو. کاڌو پيتو، ڪپڙا لٽا سڀ ڏيان ٿو. سندس اسڪول جو خرچ به مون تي آهي. پوءِ هن پاڪستان وڃڻ واري ڳالهه ڪيئن ڪئي؟“

مون چيو، ”عبدالله ڳالهه ٻُڌ. تون هن لاءِ سڀ ڪجهه ڪري رهيو آهين جيئن ڪنهن سني مسلمان کي ڪرڻ کپي. پر هتي هو ديني عالم نه ٿو ٿي سگهي. منهنجي تجويز آهي ته پڙهي هتي هو ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪري، اُن ڪانپوءِ ڪيس پاڪستان موڪليو. اُتي جو ذمو مون تي آهي. مان ڪيس پاڪستاني شهريت وٺڻ لاءِ هنجي پيءُ جي خاني ۾ پنهنجو نالو ڏيندس. باقي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ توهان کي خرچ ڪرڻو پوندو.“

عبدالله ديني عالم واري ڳالهه کان انڪار نه ٿي ڪري سگهيو. جڏهن مان چيو ته مان پنهنجي پاران ٽڪيٽ جي خرچ لاءِ سؤ ڊالر علي نور وٽ امانت رکايان ٿو ته ٻنهي انڪار ڪري ڇڏيو. قصو ڪوتاهه آخر ۾ ان فيصلي تي سڀ راضي ٿيا ته ميٽرڪ ڪانپوءِ ڪيس پاڪستان موڪليو ويندو ۽ اهڙو اطلاع مونکي ڏنو ويندو.

ان ڪانپوءِ مونکي هڪ حبشي پٽ ملي ويو. جيستائين مان علي صبيح ۾ هئس هو ملڻ ايندو رهندو هو. مان به هر لحاظ کان سندس خيال رکندو هئس. بنگالي ۽ يوشينو شريف کي عجيب نظرن سان ڏسندا هئا. باقي ٻيا راضي هئا.

مان آب زم زم کڻي صبح ٽائي عائشه جي گهر ويس، جيڪا ٻارڙن کي قرآن شريف ۽ عربي پڙهائيندي هئي. مان دروازو کڙڪائي سڏ ڪيا، ”ياعائشه! يا عائشه!“

سندس مُڙس ٻاهر نڪري آيو. مون ڪيس ٻڌايو ته مان عائشه لاءِ آب زم زم آندو آهي. هو گهر اندر وٺي ويو. عائشه زم زم جي پاٽيءَ جو تحفو ڏسي ايترو ته خوش ٿي جو ڳالهه نه پُڇو. منهنجي لاءِ صومالي چانهن ناهي آئي ۽ اسان نئين ڳالهين ۾ لڳي وياسين. ڏسو هي آهي عربي ڪلچر، جهڙا پاڻ ۾ مائٽ هُجون، نه ته ڪير ٿو ڌاريئي ماڻهو کي گهر اندر گهڙڻ ڏي. مسلم دنيا ۾ شادي به ڪو مسئلو ناهي، جي اوهان مسلمان آهيو ته توهانکي رشتو ملي سگهي ٿو.

شاردي، انيل ۽ مان اسان نئين جبوتي شهر گهمڻ وياسين. اتي اسانجي ملاقات اِٽليءَ جي اين جي او Caritas جي ڊاڪٽر فرانسسڪا روميو سان ٿي. شاردي ساٽس اطالوي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. انيل ميڊيڪل ۽ مان اين جي او تي ڳالهين جي ڏي وٺ ڪئي. مون ڪانئس پڇيو، ”ڇا سندس تعلق الفارو ميو ڳاڏي ناهڻ وارن سان آهي.“ کلي چيائين، ”مون کان گهڻو ڪري اهو سوال ڪيو ويندو آهي، منهنجو تعلق ناهي، پر مونکي اڄ خوشي ٿي آهي جو ساڳي مهل ٽن غير معمولي ماڻهن سان ملاقات ٿي آهي.“

شاردي اسان ٻنهي کي هڪ ايٿوپي ريسٽورنٽ ۾ وٺي ويو جتي اسان هڪ قيمي جهڙي ڊش ۽ ايٿوپيي ماني کاڌي. سندن ماني عجيب آهي. اٽي جي رَبُ چلڙي وانگر فرائي پين ۾ وجهي انجو ٿهه ناهي مانيَ ناهيندا آهن. پر مونکي مانيءَ مان مزو نه آيو.

WHO اسانکي CHWs لاءِ AIDs تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ چيو. ڪُنتل ۽ فاروق ڏيڍ مهيني جو ڪورس تيار ڪيو. مان چيو ڏيڍ مهيني جي ڪهڙي ضرورت آهي، رڳو ٽي ليڪچر ڪافي آهن. ٻنهي بنگالين وڏو بحث ڪيو. آخر ۾ مون چيو، ٺيڪ آهي اسان چار ليڪچر تيار ڪيون ٿا. ڪنتل ۽ فاروق اڌ CHWs کي ليڪچر ڏيندا ۽ ٻئي اڌ کي انيل ۽ مان ليڪچر ڏينداسين. ان ڪانپوءِ بنگالي اسانجي شاگردن جي ۽ اسان هنن جي شاگردن جي ٽيسٽ وٺنداسين.

مان ڏهه ڏهه پوائنٽس وارا چار مختصر ترين ليڪچر تيار ڪري انهن جو ٽيهارو ڪن فوٽو ڪاپيون تيار ڪرايون. پوءِ مان ليڪچر ڏيندو هئس ۽ انيل ليڪچر ڪانپوءِ سوالن جا جواب ڏيندو هو.

پهريائين ته مون ڪلاس کي چيو ته هو پنهنجيون ڪاپيون بند ڪن، رڳو ڌيان لائي ٻڌن، ڪلاس ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪين ليڪچر جي ڪاپي ملي ويندي.

ليڪچر ڇا هو، ناٽڪ هو، اساد کي مداري ٿيڻو پوندو آهي، جيڪا ڳالهه وندر ۽ راند ۾ ياد ٻيهندي آهي سا ٻئي طريقي سان نه هنڌائي سگهبي آهي.

مان ڪلاس کان سوال ڪيو، ”ڇا ڪنهن ’ٻٽر فلائي ڪِس‘ جو نالو ٻُڌو آهي؟“

ڪلاس ماٺ هو، ڪنهن کي خبر نه هئي اها ڇا بلا آهي. مان ٻن MCH نرسن کي سڏي ڪلاس آڏو بيهاريو ۽ پوءِ چيو:

”ڪتيجا تون فاطمه جي ڳل تي پنهنجي هڪ اک جا ڇپر رک.“

هُن ڇپر رکيا ته مون چيو، ”هاڻي اک چنيڻ شروع ڪر.“

سڄي ڪلاس جون اکيون ڪتيجا ۽ فاطمه جي اڳل ۽ ڇپر تي کُتل هيون. جڏهن ڪتيجا اک جو ڇپر چنيڻ لڳي ته مون چيو.

”هيءَ ٻٽر فلائي يعني پوپٽ ڪِس آهي، ڇا ان وسيلي AIDs جو جيوڙو منتقل ٿي سگهي؟“

سڀني چيو، ”نه.“

”بالڪل درست. ايڊز جو وائرس فقط ۽ فقط رت وسيلي ۽ مرد عورت جي جنسي رس وسيلي پکڙبو آهي. اهو ڪنهن به قسم جي ڪِس سان منتقل نه ٿيندو. پر جي وات ۾ وڍيا ڦلوڪٽا آهن ته اهو رت وسيلي ٻئي ماڻهوءَ جي بت ۾ داخل ٿي ويندو.“

هاڻي ٻڌايو اها ڳالهه ڪانئڻ وسري سگهي ٿي؟ اهڙي ريت مون 40 نُڪتا سندن دماغ ۾ ويهاري ڇڏيا، جيڪي ڪانئڻ ڪڏهن به نه وسرندا.

جڏهن ٽيسٽ ٿيو، بنگالين ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته اسانجا شاگرد فيل ٿين، پر هڪ به فيل نه ٿيو. اسان به هنن جا شاگرد ٿوريون گهٽيون مارڪون ڏئي سڀ پاس ڪري ڇڏيا.

ڪتيجا سڻي ڇوڪري هئي، رنگ به ٻين صومالي ڇوڪرين کان وڌيڪ صاف هئس. تازو هنجي ڪئمپ جي انچارج موهن سان شادي ٿي. شاديءَ ڪانپوءِ هن MCH نرس وارو جاب رکيو. هوءَ شاديءَ کان اڳ به ڪيچل بازي ڪندي هُئي، پر ڪڏهن ڪڏهن. مان ڪئمپ جا انگ اکر ۽ رپورٽ تيار ڪري رهيو هئس ۽ هوءَ بار بار اچي مون کي تنگ ڪري رهي هئي. منع ڪرڻ جي باوجود به نه ٿي مُڙي. هن ڀيري جڏهن هوءَ آئي ته مان ڪيس جهلي، پنهنجن سٿرن تي اُبتو ليٽائي سندس ٻُنڊڻ تي زور زور سان هٿ جا سپاٽا هنيا ۽ اُٿاري ڇڏيو. هن ٻُنڊڻ مهٽيندي انيل کي دانهن ڏني ته مونکي ماريو اٿائين. انيل کل ۾ ٻُڏي ويو. هاڻ هو جيڏانهن به وڃي منهنجي شڪايت ڪري ته سڀ کلن ائين ته ٻار کي ماريو آهي.

صومالي بزرگن چيو، ڊاڪٽر عاشق مسلمان آهي، وڏو آهي هو ائين ڪري سگهي ٿو. سندس مڙس موهن ٻڌو ته کلي چوڻ لڳو جيڪو ڪم مونکي ڪرڻو هو سو ڊاڪٽر عاشق ڪري ڇڏيو. ويچاري ڪتيجا جي ڪنهن نه ٻُڌي. حقيقت ۾ ڇا هو جو شاديءَ کان اڳ صومالي ڇوڪريءَ کي شوخيءَ جي اجازت آهي، پر شاديءَ ڪانپوءِ ڪيس بيگم صاحبه جيان بُردبار ٿي رهڻو آهي. مونکي ان ڳالهه جي خبر هئي.

پوءِ جڏهن به ڪتيجان سامهون ايندي هئي ته چوندي هئي، ”انت خراب“ مان ڪيس سڏيندو هئس ته ويجهو نه ايندي هئي.

هاڻي اسانجي وطن واپس ورڻ جا ڏينهن اچي ويا هئا. ڪُنتل بنگلاديش ويل هو. هنجي واپسي ڪانپوءِ انيل کي نيپال موٽڻو هو. مون ڪيس چيو ته نيروبيءَ ڪانپوءِ پاڪستان مون وٽان ٿيندو وڃجانءِ.

مون ڪئمپ ۾ سڀني کان موڪلايو. علي نور،

شاردي سان مليس. بوبو سان پاڪر پائي موڪلايو.

ميڊيڪل ڪتاب مان ڊاڪٽر شاردي کي ڏئي ڇڏيا هئا. ابراهيم کي پنهنجو جا ڪيٽ ڏنو، هو ڏند شيڪي چوڻ لڳو، ”منهنجي انهي جاڪيٽ تي اک هئي، مان توکان گهرڻ وارو هئس، پر تو اڳ ۾ ئي ڏئي ڇڏيو.“ سليپ ڪُمار ۽ اڪيڪو ٻئي سيريس هئا. يوشينو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ڪڙو چاڙهي ڇڏيو. فاروق ۽ يڪاشي ۽ مونکي ايئر پورٽ ڇڏڻ جي بهاني جبوتي شهر وڃڻ لاءِ گڏ هليا.

آخر ۾ فتيحه منهنجو سوٽ ڪيس ڪٽي در تائين آئي، مونکي عجيب نظرن سان ڏٺائين ته بي مروت پاڪستاني منهنجي پيءُ ڪان رشتو وٺڻ نه آيو ۽ پٺ ورائي اندر هلي وئي. مارَ پوي ڪا بوبو کي! مان اچي گاڏيءَ ۾ ويٺس جو منهنجي سِرَ تي ڊرائيور حسين عرف ڪشباش سوار هو. پوئين سِٽ تي فاروق ۽ بڪاشي ويٺا هئا.

گاڏي علي صبيح کان ٻاهر نِڪتي، مان انجو آخري جائزو ورتو ۽ نند پئجي رهيس. اُهي ڏينهن اُهي شينهن.

مان ٻه ڏينهن جبوتي شهر ۾ رهيس. صبح جو نعمه کان موڪلائڻ لاءِ حنّان اسپتال ويس. هوءَ مُرڪي رهي هئي۽ منهنجي پٺ ورائڻ تائين مُرڪ ڏسندي رهي. پر ها هن مونسان هيند شڪ ٻه ڪيو هو.

مان لطيف جي گهر ويس، هنن ڊنر ڏني پوءِ پاڪستان ۾ پنهنجن مائٽن جا اتاپتا، خط ۽ ڪجهه سوکڙيون ڏنيون، رات جو مغرب کانپوءِ مان هڪ ويگن تي واپس وريس ته مونکي خبر ڪانه پئي، هڪ اسٽاپ اڳتي لهي پيس، پر امبريلي جي مَڪو رُوبلي هائوس ڏانهن پنڌ ئي پنڌ هلندو رهيس، جڏهن دير ٿي وئي ته مونکي احساس ٿيو مان رستو ڀُلجي ويو آهيان. سوچيم ته هاڻ ڪنهن کان پتو پڇڻ کپي، پر جتي ڪٿي دڪان بند هئا. رات جي اونداهي ڇانيل هجي. آخر هڪ بينڪ ۾ روشني نظر آئي.

مان اوڏانهن وڌيس، ڏٺم ته اندر هڪ صومالي وچايل گِلم تي ويٺو منشيءَ واري ميز تي لپڙهه ڪري رهيو آهي. مان ڪيس سلام ڪري، اجازت وٺي، سندس پر ۾ ويهي عربيءَ ۾ پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ مسئلو بيان ڪيو. هن هڪ ڪاغذ تي پنهنجي بينڪ کان مڪوروبلي هائوس تائين نقشو ٺاهي ڏنو. مان سندس ٿورا مڃي، مَعَ السّلام چئي، ٻاهر نڪتس ۽ ٿوري ئي پنڌ کانپوءِ پنهنجي ماڳ تي پهچ ويس.

مون وفا کي چيو، ”جيئن ته منهنجو جبوتيءَ ۾ اڄ آخري ڏينهن آهي. سڀاڻي منهنجي عديس ابابا لاءِ فلائٽ آهي، اڄوڪي شام مان توسان گڏ گذارڻ چاهيان ٿو.“

ڪِلي چوڻ لڳي، ”هي جبوتيءَ ۾ گهمڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ آهي؟

جڏهن هوءَ ڪلندي هئي ته مڌوبالا جيان لڳندي هئي. انکري مان ڪيس ڪلائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. مون چيو، ”شام جو اسان جبوتيءَ جي بندرگاهه واري فلاٽي هوٽل جي ڇت تي ڪافي پيئنداسين، هيٺ لهي وري ساموندي ڪناري واريءَ تي پيرين اُگهاڙي پسار ڪنداسين، پوءِ ويٽنامي ريسٽورنٽ ۾ گڏجي ڊنر ڪبي.

وفا ڪِلي چيو، ”پر ڇو؟“

”مان جبوتيءَ ۾ پنهنجو آخري ڏينهن يادگار بنائڻ چاهيان ٿو، ۽ اهو ٻه هڪ يمني حسينه سان، پيريءَ ۾ مونکي اها شام ۽ تنهنجي مورت ياد ايندي.“وفا ڏاڍو ڪِلي.

شام جو سعيد وفا جي گهر وٺي هليو. وفا سُهڻي لباس ۾ قاتل بڻيو بيٺي هُئي. سنڌيءَ ۾ سهڻي ڇوڪريءَ کي پري، پناڻي ۽ شهزادي چوندا آهن ۽ وفا ٿئي لڳي رهي هئي. هوءَ اچي گاڏيءَ ۾ ويٺي، ڪنهن فرينچ پرفيوم جي ڀيني ڀيني سرهاڻ پکڙجي ويئي. سعيد گاڏيءَ جو رُخ بندرگاهه ڏانهن ڪيو.

*

اسان ٻنهي هوٽل جي ڇت تي ويهي ڪافي گُهرائي ۽ موقعي جي مناسبت سان سُهڻيون سُهڻيون، مِٺڙيون ڳالهيون ڪيون. هوءَ ڪلندي رهي ۽ اُفق تي شفق ٽِڙندي رهي:

سنجهي جي لالاڻ
ڏور ٻئنسريءَ جي ڪُوڪ
اکڙين ۾ آلاڻ.

وفا ميز تي ٺُونٺ رکي، هٿ جي تِريءَ تي ڪاڏي رکي وڏين آلين اکين سان لهندڙ سج جي لام ڏسي رهي هئي، مان هنجي اکين جون اونهائيون ڏسي رهيو هئس جنهن ۾ feminine mystique هئي. مونکي سڀ کان وڏيڪ عورت جون اکيون وڻنديون آهن. انهن اکين اندر ڇا آهي؟ ڪجهه ٻه نه، پر ڪجهه ضرور آهي، جو جڏهن ٻه منهنجون اکيون ڪنهن سُندريءَ سان ملنديون آهن ته وِچ تي هوا اندر، جڻ ڇٽنگون اُڏرنديون آهن.

مان پنهنجا پشاوري سينڊل ۽ وفا پنهنجا هيل وارا سينڊل لاهي گاڏيءَ ۾ رکيا ۽ ٻئي ڪلهو ڪلهي سان ملائي، آلي ۽ ٿڌي واريءَ تي اگهاڙين پيرين پسار ڪندا وياسين. وفا شاد مان هئي ۽ مان فرحان هُئس.

رات ڇانئجڻ لڳي هئي اسان موٽي اچي سينڊل پاتا ۽ گاڏي جو رُخ ويٽنامي ريسٽورنگ ڏانهن ڪيو. واٽ تي وفا چيو، جبوتي جي وزير صحت جي ڌيءَ نِگات منهنجي ساهيڙي آهي، انکي ٻه ڊنر ۾ شريڪ نه ڪيون؟ مون چيو، جيئن تنهنجي مرضي- نِگات شيراٽن هوٽل ۾ ويٺي هئي. اسان اُتي وياسين. وفا اندر وڃي هنکي وٺي آئي.

اسان ٽئي سعيد سميت ويٽنامي ريسٽورنٽ ۾ هڪ بهترين ٽيبل تي ويٺاسين. نگات وفا آڏو جهڙي ٻلي لڳي رهي هئي. هوءَ تجسس وچان مونکي ڏسي رهي هئي. مون ڪلي ڪانئس پڇيو، ”ڇا اڳ تو کو پاڪستاني ڪونه ڏٺو آهي؟“

نِگات ٻه ڪلڻ لڳي، چيائين، ”نه اها ڳالهه ناهي، پر وفا بنگالين کان بيزار آهي، جڏهن هن تنهنجي تعريف ڪئي ته مونکي تعجب ٿيو هو.“

”پوءِ مان اکين جي ايڪسري ۾ پاس ٿيس. يا نه؟“

”جڏهن وفا توکي پاس ڪيو آهي ته مان ڪيئن توکي ناپاس ڪنديس.“

پوءِ اسان فري ٿي اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. سعيد ماٺ ڪيو ويٺو هو. مونکي ٻه نِگات پسند آئي.

اسان ڊنر جو آرڊر ڏنو. نِگات چيو، ”مون ٻڌو آهي توکي سٺي عربي ايندي آهي؟“

”ائيوا، يا حَلوّتي! ولٰڪن تُصف نُصف.“

(ها منهنجي منڙي، پر اڌو اڌ)

نگات ۽ وفا ايترو ته کليون جو اوڙي پاڙي جا ماڻهو ڪنڌ ورائي ڏسڻ لڳا.

”مون عربي ادب ٻه پڙهيو آهي.“

”ڪهڙو شاعر پسند آهي؟“

”اِمراءُ القيس.“

”ڀَلا ڪو شعر ٻڌاءِ؟“

**”تقولِ و قد مال الغبيطُ بہ نامِعًا**
**عقرتَ بعيري يا اِمراءُ القيس فانزلِ.“**

”ٻيو ڪهڙو عربي شاعر پسند آهي؟“

”ابونُواس.“

”شاعر ته اڙيڪاپ پسند ڪيا اٿيئي.“

”بدو جو آهيان.“

”بدو ته جهنگلي ۽ وحشي ٿيندا آهن.“

”ها مان اوهڙو ئي آهيان. ڇا تون منهنجي وحشت ڏسڻ چاهين ٿي، نِگات؟“

ڊڃڻ جي اداڪاري ڪندي، ”نه بابا نه.“

ايتري ۾ ڊنر اچي وئي. چارئي ڄڻا چُڳڻ لڳاسين.

نگات چيو، ”مان رزاق کي ڏٺو آهي. هو منهنجي پيءُ سان ملڻ ايندو آهي. جي سڀ بنگالي رزاق جهڙا آهن ته پوءِ واقعي بيڪار آهن. مونکي بالڪل نه وڻندو آهي.“

مون چيو، ”ها، هنکي پسند ڪرڻ مُشڪل آهي.“

پوءِ مون ڪيس ٻُڌايو ته هن صوماليا ۾ ڪيئن مسئلو پيدا ڪيو ۽ اسانکي ٻُوهي ۾ وجهي پاڻ ڀڄي ويو. هو نه صرف ڪرپٽ پر گيدي ۽ سازشي ٻه آهي. (هلندڙ)




**روپ راهي - مٺي ٿرپارڪر.**

فيبروري ۾ جڳ جهڙو ٿيو آهيان ان جي لاءِ سوجهرو نه پڙهي سگهيو هئس. واندڪائي ڪانپوءِ جڏهن فيبروري جو شمارو ڏٺم جنهن ۾ توهان منهنجي خط جي جواب ۾ لکيو آهي، 'حفيظ باغي پٿائي ثاني ٿيڻ جي دعويٰ ڪٿي ڪئي آهي؟' ته ان جي لاءِ ايترو ئي چوندس ته آئون مٺي ۾ رهان ٿو ۽ هينئر سياري جي موسم آهي ۽ هوائن جو رخ اسان طرف آهي. اهي ڳالهيون ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان پهچي ٿيون وڃن. باغي اهڙيون هامون هڻندو رهيو آهي. پهرين هو چوندو رهيو، 'حليم باغي ختم ٿي ويو هاڻي صرف آئون آهيان.' ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ چيائين، 'هاڻي اياز ڪانپوءِ ٻيو نمبر وڏو شاعر مان آهيان هاڻي ته وجي پٿائي سان پيٽا ڪئي اٿس.' اهي ڳالهيون آئون دل ٻَرندي سان نه پيو ڪريان پر توهان کي به پلي پٽ ڄاڻ آهي پر لڳي ٿو ته توهان ان شيءَ کي وائکو ڪرڻ نه ٿا چاهيو. خير منهنجو فرض هو جيڪو مون پورو ڪيو باقي جيڪي حفيظ باغي جي ويجها آهن انهن کان ان ڳالهه جي تصديق ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن ڪوڙ ظاهر ٿئي ته جيڪا چور جي سزا اها منهنجي سزا. حفيظ ڪانسواءِ هڪ اڌ ٻيا به گمراهه ذهن هئا جيڪي اهڙي قسم جون دعوائون ڪندا رهيا. پر هاڻي اهي خاموش ٿي ويا آهن. پر هي همراهه اڃا به پنهنجي ڪرت کي لڳل آهي. مارچ واري شماري ۾ اياز گل تي ڪارنر ڪڍيو اهو بهترين قدم آهي. دوستن کي جيئري ئي ميڄتا ملي ته سٺي ڳالهه آهي باقي مٺي جي مٽن هيٺان وڃڻ ڪانپوءِ ڪنهن ياد ڪيو ته پوءِ انهن کي ته خبر نه پوندي!! مارچ واري شماري ۾ ڪاشف ميراڻي الاءِ ته ڪٿان خط لکيو آهي ۽ چيو اٿس، 'شاعري لٻيل ناهي ٿيندي.' مون کي ته ويچاري جي ذهن تي ڪل اچي رهي آهي. همراهه پاڻ چوي ٿو، 'سنڌ جي عوام وٽ ڪاٺ جي لاءِ اٽو به ڪونهي.' اها ته ڳالهه اسان کي به خبر آهي ڇا ادبي رسالا مارلَ جا ڏنار پڙهندا آهن ڇا. ادب به اهي ئي پڙهندا جيڪي ان سان واڳيل هوندا ۽ جيڪو پڙهيل لکيل هوندو ان جي پهچ انٽرنيٽ تائين ضرور هوندي انهي جي لاءِ ئي مون چيو، 'جيڪي شيون ڪيترن ئي فورمن تي اچي چڪيون آهن انهن کي ڇاپڻ کان پاسو ڪيو وڃي ڪا نئين نڪور تخليق شامل ڪئي وڃي. جيئن پڙهڻ ۾ به مزو اچي- نه ته پڙهندڙ هڪ نظر وجهي رسالو ئي اڇلي ڇڏيندا ڇو ته جيڪڏهن مواد اڳ ۾ پڙهيل هوندو ته ان کي ٻيهر پڙهڻ ۾ ڪو به دلچسپي نه وٺندو ۽ ان سان رسالي جو معيار به ڪري پوندو.' وري پاڻ ئي چوي ٿو، 'مون کي توهان جو ٽچ مي پليز سمجهه ۾ ڪو نه آيو. ۽ قسم ٿو کڻي. باقي اسان واريون ڳالهيون سمجهه ۾ اچي ويس. حفيظ عاطر، شير محمد هاليپوٽو جي پر ڪٽندي همراهه جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن اهي اکين تي پر منهنجو اڄ به اهو ئي موقف آهي ته سوجهري ۾ ڇپجڻ جي لاءِ اهليت کپي جيڪڏهن تاج بلوچ اڄ به اڳ وانگر مواد جي چونڊ ڪري ته هڪ اڌ پيج ڪان وڌيڪ مواد نه نڪرندو پر مجبوري اها آهي ته هٿئين خالي قلندر ماڻهوءَ کي ويڙهيچن سان وڃن نياڻ ۽ پنهنجي ڪمٽمنٽ لاءِ رت ست ڏيئي به رسالو وقت تي ڪڍڻو آهي ۽ دوستن کي به خوش ڪرڻو آهي پوءِ جيڪو آيو سو اگهاميو وارو قصو آهي. مارچ واري شماري ۾ انور شيخ جي ڪهاڻي 6 هٿ ڪهاڻي نه پر پاڻ سان ٿيل وارتا آهي. پوليس جي نوڪري يا صحافت ۾ اهڙا قصا روز ٿيندا آهن جيڪڏهن اسان ويهي انهن کي ڪهاڻي جي شڪل ڏيون ته پوءِ اها ادب جي خدمت نه چئبي. پرويز اڃا تائين ساڳيا لاٽون ساڳيا چگهه وارو قصو کڻيو بيٺو آهي. مون اڳ ۾ به چيو آهي ته "مانڌان" لفظ نه آهي پر اهو لفظ "مهندان" آهي ۽ اهو ٻهراڙي ۾ ائين ئي مهندان ڪري ڳالهايو وڃي ٿو پرويز الاءِ ته ڪهڙي علائقي جي ٻولي ڪڻي پنهنجو پاڻ کي نج سنڌي پيش ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. لڳي ٿو ته ٻوڏ جو گهڻو اثر ٿيو اٿس ۽ اڃا تائين پنهنجي ذهن جي صحيح طرح سان آبياري به ناهي ڪري سگهيو. خير سرحد پار جون لڪٽيون وٽيون. مجموعي طور تي رسالو هاڻي بهتر ٿيڻ لڳو آهي. اميد ته اهو سلسلو جاري رهندو ۽ اسان جي رهنمائي به ٿيندي رهندي. يارو ياري. باقي شادي ۾ شرڪت نه ڪيو ان جو ڏک رهندو.

*(جنهن کان جيڪو پڇي اهو ڪري پيو. هاڪاري يا ناڪاري. پر پاڻ کي پنهنجو ڪم ڪرڻو آهي. هاڪاري ڪم. مون اوهان واري خط جي وراڻي ڏيندي، هڪ ذهني بيماريءَ جو نالو ورتو هو، 'هالوسينيشن' اها هڪ وچڙندڙ بيماري آهي. جيڪا 50 جي پوئين ڏهاڪي ۾ شيخ اياز صاحب پارت مان کڻي آيو. يعني، 'مان... مان... صرف مان...' پوءِ اها بيماري تيزيءَ سان پکڙجي ويئي. ۽ هند جي سنڌي اديبن جيان هتي به ننڍيا وڏا، 'ڄامڙا' گروپ نهي ويا، جيڪي ناني ڳوٺڙو ڪيو هڪ ٻي کي حاجي ۽ قاضي ڪوٺين ٿا. يعني، 'اسين مهان آهيون.' هاڻي جنهن به هڪ ابتو سبتو غزل لکيو، ٽيڙو يا نظم لکيو ان گروپ ناهيو. ۽ مهان بڻجي ويو. هالوسينيشن اها بيماري آهي، جنهن هيٺ فرد ائين ٻانور ڪندو آهي ته جيڪي ڪجهه آئون ڏسان ٿو، لکان ٿو، يا ڳالهايان ٿو، بس اهو مان ئي آهيان. مڪمل. ۽ حرف آخر. ٻيا سڀ فضول ماڻهو آهن. ۽ جيڪڏهن اهڙي گروپ جي ڪنهن فرد جي ڪا شيءِ شايع نه ٿي ٿئي يا تنقيد هيٺ اچي ٿي ته اهي ان کي قبول نٿا ڪن. ۽ وڃيو جوش ۽ جذبي سان رسالا ڪڍن ٿا. ماڻهن کي نگٻين ٿا. غير معياري يا ڪجهه معياري شيون يا پراڻا مضمون ڇاپي به ٿي پرچا پڌرا ڪرڻ ڪانپوءِ رات جي اونڌاهين ۾ گم ٿي وڃن ٿا.*

*مون به پڌو آهي ته حفيظ اهڙيون ڳالهيون زباني زباني ڪيون- پر اها ڳالهه آئون ذاتي طور سمجهان ٿو ته اها 'ڄامڙا گروپ' خلاف باغيءَ جي طنز آهي. نتول آهي. پر اسين سڀ لکڻ پڙهڻ ۽ پروڙڻ جي ڏس ۾ اڃا ٻانبڙا پائيندڙ ٻار آهيون. ادب جي بارگاهه تائين رسائي، سقراط جي ايڊلفي واري آستاني کان به پري ۽ ڏاڍو اٽانگو سفر آهي. ادب، اکَ جي ماڪي ناهي. وڏي ڏکهي رياضت گهرجي ٿي.*

*'مانڌان' ۽ 'مهندان' واري مامري تي ويچاريو ته 'غلط العام فصيح واري فارسي محاوري موجب، جڏهن ڪردار گفتگو ڪندا آهن ته انهيءَ غلط لفظ، اچار يا صورتخطيءَ لاءِ رائيٽر کي ساراهڻ گهرجي. ڇوته هو 'ڪردار' جي ماحول جي اصلي صورتحال ۽ هن جي سائيڪي پيش ڪري ٿو.*

*ڇهه هٿ بابت اوهان راءِ تڪڙ ۾ ڏني آهي. هر وڏي ڪهاڻي جو بنياد ڪنهن وارتا تي ئي هوندو آهي. 'پيراڻي' هجي، 'چوٿيهون در' هجي، 'مرد' هجي، 'سريت' هجي يا 'مرين ته آرهڙ ۾ مرجانءِ' سنڌي ادب جون اهي سڀ اهم ۽ وڏيون ڪهاڻيون به مختصر وارتا جي حوالي جي صدقي ئي وڏيون ڪهاڻيون بڻيون. اهڙا ته ڇا ان کان به وڌيڪ ڏکوئيندڙ واقعا درپيش اچن ٿا. پاڻ سڀ ڏسو ٿا. پر لکون نه ٿا. اهي ئي ته وڏيون ڪهاڻيون آهن جن کي انور شيخ شعوري طاقت سان لکڻ شروع ڪيو آهي. ظلم کي وائکو ڪرڻ لاءِ هو ڪنهن به دٻ يا لحاظ ڪرڻ ڪانسواءِ خوبصورت ادبي پورهيو ڪري رهيو آهي. پاڻ کي ان کي همٿائڻ گهرجي. نان اشوز*

تاج بلوچ جي ٻن ڪتابن 'چڇريون چڇريون خواب' ۽ 'گريف اِن ٽئٽرس' جي ملڻ جو هنڌ




**ٿامس اينڊ ٿامس صدر ڪراچي ۽ رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو**

*بدران يا هوائي نوعيت جي 'اَڪهاڻي' بدران ماحول جي عڪاسي اسان جي سنڌي ڪهاڻي ڪي مٽي آندو. حالانڪ ننڍي ڪنڊ، انڊو-پاڪ جي ڪيترين ٻولين ۾ خاص طرح سان اوير ۾ ڪهاڻي جو رواج ئي ختم ٿي ويو آهي. ت.ب)*

**سليم نور حسين، ڪراچي.**

جنوري 2012ع واري سوجهري ۾ شيام جي 'پاتم جهاتي جهان ۾' جي يارهين قسط ۾ سکر شهر جي 'خراب ۽ مرٽينگ حالت ۽ زبون حالي' جو روڄ (تون شايد ان کي 'مرثيو' چوينديون) پڙهي اکيون آليون ٿي ويم ۽ دل ڏري پئي جو آئون به سکر جائو آهيان توڻي جو هُن جن ورهاڱي کان اڳ وارين وٽن ۾ ٽاڪن جي ساروڻي ساري آهي سي آئون نه سنيران جو تڏهن ننڍي ڄمار جي ڪري ڪا خاص سانير ڪانه هيم ۽ نه ئي تن ڏسائن ۾ واسو هوم جتي سنڌس هو. سنڌس روڄ برحق ۽ دل ڏاريندڙ برابر آهي، پر جي هو اهي ڪامريڊ مرغوب بخاريءَ جي سيپٽمبر 2001ع واري سوجهري ۾ ڇپيل 'رابيل جي ٻولي' وانگر تاريخ جي پسمنظر ۾ يا سائين نور الدين سرڪيءَ جي ڪيل اِن ڳالهه تي اسان تن مهينن اندر ئي پروڙي ورتو هو ته اسان سان ٺڳي ٿي آهي، تنهن جي حوالي سان ڪري ها ته هوند دل سان ڳڏ دماغ به ڏري پئي ها. حيرت اٿم ته ان ٺڳيءَ جا اڳواٽ پرون عبيدالله سنڌيءَ، عبدالمجيد سنڌي ۽ جي. ايم. سيد سوڌو ڪنهن سنڌ دوست سنڌي اڳواڻ کي نه پئي، سواءِ 40-1939 ڌاري شهيد الله بخش سومري جي ۽ نه ئي پوءِ ٻيا جڏهن پنجاب ۾ رڳو اوير پنجاب ۽ ان جي اوسي پاسي کان لڏي ايندڙ ثقافتي پائرن کي اُتي رهڻ ڏنو ويو ۽ ٻين کي خاص طرح سنڌ ڏانهن ڌڪيو ويو.

ساڳي پرچي ۾ تنهنجو 'ٽچ مي پليز...' پڙهي اسان سنڌين جي دماغ جون دريون ضرور وائکيون ۽ روشن ٿيون هونديون. تنهنجا ٿورا. آئون پڻ ڪوشش ڪندس ته هيوبرٽ ريوز جي 1991ع ۾ ڇپيل ڪتاب 'The Hour of our Delight' جي يارهين نمبر باب 'mant vision of universe' جو ترجمو ڪري تنهنجي اُنهيءَ اُدم ئي اڳتي وڌايان. اهو ڪتاب سڄي جو سڄو سنڌيءَ ۾ آڻڻ ڪپيم پر پاڻ ۾ ايتري ٿوم ڪونه ٿو ڏسان.

**آفتاب سرهيو... (اي ميل).**

عرض ته سوجهري جي مارچ واري شماري ۾ سائين ارجن حاسد، اياز گل جي شاعري جي تنقيدي اپياس واري مضمون ۾ هڪ جاءِ تي لکيو آهي، "مون کي پنهنجي نظر آهي پر نظريو نه، ڪو به اصول ڪا به پابندي، ڪا به فلاسافي، شاعر کي سونهين نه ٿي. جيئن حياتي الڳ الڳ رنگن ۽ ڍنگن سان نوازيل آهي، تيئن شاعر کي به پنهنجو ذائقو آهي، روپ آهي. وڪڙجي پڪڙجي وڃڻ جو ڏانءُ آهي."

سائين ارجن حاسد جا اهي لفظ شاعري بابت منهنجي راءِ کي اجان وڌيڪ سگهارو بنائڻ لاءِ ڪافي آهن، ٻيو عرض ته مون نثري نظم لکيا آهن جن کي مان 'دراوڙي نظم' جي هڪ پنهنجي سڃاڻپ ڏني آهي جنهن تي مون هڪ تفصيلي مضمون به لکيو آهي جنهن ۾ مان انهن جي دراوڙي هجڻ بابت بحث ڪيو آهي، اوهان جي همت افزائي رهي ته دراوڙي نظم جا گل سوجهري جي زرخيز زمين مان ڦٽي سنڌي ادب جي فضا کي ضرور مهڪائيندا، ڪجهه نظم اوهان ڏانهن آڏو رکان ٿو جنهن ۾ هڪ نظم دراوڙي نظم جو تعارف به آهي. اوهان جي انهن تي تنقيدي نظر وجهندا ته منهنجي رهنمائي ٿيندي جيڪو منهنجي لاءِ اعزاز هوندو.

*(ڀائو، ويلڪم. آئون ذاتي طور تي ارجن حاسد صاحب جي راءِ سان متفق ناهيان. ڇاڪاڻ ته ڪنهن نظرئي ڪانسواءِ ماحول جي عڪاسي ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿي. هڪ ماڻهو ننگو، بُکيو ۽ دربدر آهي. ان بابت لکڻ لاءِ ڪنٽراس ۾ هڪ ٻيو ماڻهو جيڪو سُکيو ستابو ۽ پيٽ ڀريل آهي، تڏهن ئي ته لکڻي جو جواز پيدا ٿي سگهي ٿو. باقي اهو ضرور آهي ته قديمي شاعري جيان، شاعري مان رڳو بحر وزن نه 'ٺمڻ' گهرجي. اهڙي ريت شاعري مان نظريو ڪنهن نعري يا بينر طور به نه ظاهر ٿيڻ گهرجي. دراوڙي نظم بابت آئون پنهنجي راءِ في الحال محفوظ رکان ٿو. شاعري، شاعري ٿيندي آهي. اها آريائي يا اڻ آريائي نه ٿيندي آهي. وڌيڪ دوستن کي صلاح آهي ته ان بحث ۾ ڀاڱو وٺن.*

*ت.ب)*

## آفاق پٽي

منهنجي ڪمري ۾
منهنجي ڊائري آهي
ڊائريءَ ۾
منهنجا خواب ۽ احساس
دفن آهن
منهنجي ڪمري ۾ اچي دوستو
منهنجي ڊائري نه کولجو
منهنجي قبر نه کوٽجو
منهنجي ڊائري نه کولجو

❊

## ڊاڪٽر برما جيسراڻي

وڪريل تنهنجا وار ائين
جيئن تتل واريءَ ڪَنڊي
مان به ٻيڪيل پانڌُ
تنهنجي ڳوليان ڇانءَ

❊

## ڊاڪٽر مُرلي ڌر

ٽيپا ٽيپا خون
ڳاڙهو خون ٽيپا ٽيپا
هيٺ وهڻ لڳو
هن جي گردن
هن جو ڌڙ
ڪاسائي جي پيرن هيٺان
ائين اٽڪيل هُئا
جيئن ڪو آزادي جو سپاهي
دُشمن جي زنجيرن ۾
جڪڙيل هُجي
ڪاسائي جي ڇُري
هُن جي گردن تي
گهمي وئي
ٿوري دير لاءِ
جسم ڦٿڪيو
ڳاڙهو خون زمين تي
وِڪرجي ڪارو ٿيڻ لڳو

❊

## فراخ جانوري

مان اڪيلي ۾ ملان ٿو پاڻ سان
اڻ ڳڻيون ڳالهيون ڪيان ٿو پاڻ سان
سات تنهنجي ڪانسواءِ روزانو آءٌ
حادثا ٿيندي ڏسان ٿو پاڻ سان
منهنجون مُرڪون وڃ ڪنيو ويندڙ پرين
لڙڪ باقي مان رکان ٿو پاڻ سان
ڪنهن به صورت ڪين جي پرچو پيا
پاڻ ڪاوڙجي پوان ٿو پاڻ سان
هو جو ٻي حِس ٿي ويو آهي فراخ
پاڻ روئي ۽ کِلان ٿو پاڻ سان.